# پونر پري آکاس

شيخ اياز



Gul Hayat Institute

پوښتر پـري آکاس

Gul Hayat Institute

# پونر پري آڪاس

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1989ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

ٻيون ايڊيشن — 1989ع

پهريون ايڊيشن — جون 1962ع

ڇپائيندڙ — پاڪستان رائيٽرس ڪلب، اسٽريچن روڊ، ڪراچي.

قيمت — 50/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان — 70/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

Gul Hayat Institute

---

BHANWAR BHIRAY AKAS (Poetry) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June 1962. Second Edition 1989. Price Per Copy Rs. 50/-

# انتساب

محمد ابراهيم جويي جي نالي

ـ ڪنهن ڪنهن مالهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي

ـ شاهه

Gul Hayat Institute

# فهرست

صفحو


١- بيت ١
٢- دوها ٢٩
٣- گيت ٤٩
٤- ڇيڇ ٨٩
٥- وايون ٩١
٦- آزاد نظم ١٠٥
٧- نظم ١٢٣
٨- قطعا ١٨٠
٩- غزل ١٨٦


Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

منهنجو ۱۹۴۷ع کان اڳ جو لکيل اڻ-ڇپيل ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي. هن مجموعي ۾ منهنجو ڪجهه ۱۹۴۷ع کان اڳ جو ڇپيل ڪلام، ۽ اُن کان پوءِ لکيل، ڇپيل ۽ اڻ-ڇپيل، ڪلام شامل آهي.

۱۹۴۷ع کان اڳ جو اڻ-ڇپيل ڪلام منهنجي زهرآلود تبسم جي آڳ ۾ جلي ويو. اُن لاءِ ذميوار آها بي انتها مايوسيءَ جيي 'اکر اڳيان اُپزي، واڳو ٿي وريام' واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل فقط منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخم پنهان کي تازو ڪندو، باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو باعث نه ٿيندو.

منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي اُن جي موضوع ۾ جدت آهي. بيتن ۾ ڪم آندل ٻولي ٺيٺ سنڌي آهي، ڇو ته بيت جي ٻوليءَ ۾ فارسي آميزيءَ جي گنجايش بلڪل نه آهي ۽ هندي آميزيءَ جي گنجايش به گهٽ

آن لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ ڪان فطري گهبراهٽ، اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اثرانداز ٿين . نہ فقط منهنجي تخليق جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي . سان فقط ايترو يقين سان لکان ٿو تہ منهنجو فن ۽ فڪر ڪنهن بہ تقليد يا مصلحت آميزيءَ کان ڪوهين دور آهي، ۽ مون اهڙي هڪ سٽ بہ نہ لکي آهي، جا منهنجي روح جي گهراين سان چڙجي نہ نڪتي هجي .

هي ڪتاب نہ برگِ سبز آهي نہ تحفہ درويش ۽ نہ هر بينوا لاءِ آهي . هيءَ ڪويل جي ڪوڪ آهي . ڏسجي تہ آها رات جي انڌاري ۾ ڪر ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانو ۾ پڙچي ٿي لڳي ٿي .

— ش . ا .

Gul Hayat Institute

## بيت

اچي اوت شراب، اٿم اڄ ازل جي،
سندم روح رباب، سيکي پيو ڪنهن سُر لاءِ.

سڄڻ جو ساريوم، ته آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏينهن ءِ جي چانڊاڻ هئي.

ستارن جي سيج تي ستس ساري رات،
پڌري ٿي پرڀات، چميندي ڪنهن چنڊ کي.

چوسيون چانڊوڪيون تنهنجي منڙي منهن سان،
راتين جو روڪيون، واڳون اسان وقت جون.

چئي سگهندين چنڊ، توڏي سان ڇو ٿو تڪيان!
ڏئي سگهندين چنڊ، مون کي پار پرينءَ جا!

چؤ، سان ڪنهن جي ڪاڻ رلان پيو راتڙيون!
چؤ، ڪنهن جي چانڊاڻ هرڪا پيو منهنجو هيئون!

Gul Hayat Institute

## ڀَوِنر ڀري آڪاس

آيو آڌيءَ رات جو، پرينءَ جو پڙلاءُ،
چڪڻ لڳو چنڊ جو ڪنهرو ڪهاءُ،
صدين جو سوداءُ، جاڳي آيو جيءَ ۾.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، سڄو رات سڄڻ،
چمڪيو چوڏينهنءَ چنڊ سان، آڌيءَ ويل اڱڻ،
آلا آسُر جو سندس سُنهنڙي جو مهڪڻ.
هيرن ۾ ٿي چڻ، هن جون هيڪارون مليون.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، نور ڀري نيراڻ،
آيو پرين پاڻ، چمڪيا چنڊ زمين تي.

تون چانڊوڪي چيٽ جي، منهنجو من چڪور،
اچي ڪڏهن اور، مون سان ڳالهيون ڳجهه جون.

منهنجي نيڻان ننڊڙي، تو تائين پهتي،
تنهنجي تنَ سان چاندني، ساري رات سُتي،
منڙيون سُهنڙي تان وتيون، آتر هير اچي،
سڄڻ سيراندي، سيڙو منڙني جو هيو.

ڪُوڪي ٿي ڪويل، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
چڻ ساري سنڀار ڪي، ٿي ڏاري ڏکويل،
پرينءَ سان پويل، شل رهي ساهه سپن جو.

Gul Hayat Institute

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، رنگ رليل آڪاس،
رُتين رَتيون راتڙيون، اَڌاٽا احساس،
چٽ ۾ چوڏينهن‌ءَ چنڊ جئن، اُڀري ڪائي آس،
پريان پريان پاس، آيون ڳالهيون ڳجهه جون.

چنڊ لُڙهي لس ليٽ ۾، جهاڳي جهڙ جي جهاڳ،
مينهوڳيءَ جي منڊ آ، وسن پيا ويراڳ،
ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ آن، واري اچ تون واڳ،
مٽڙا، منهنجا ساڳ، سڄڻ منهنجي ساهه جا.

چوڏينهن‌ءَ چانڊوڪي، ويجهي آئي وس ۾
اڄ تنهن سان ترسي، ٿيو سيني ۾ سوجهرو.

ڏ ڪائي ويو ڏور، سون ڪي چنڊ چريو ڪري،
دل ڪان ناهي دور، دوري آهي ديد جي.

نيڻين نه منهنجي ننڊڙي، چانڊوڪيءَ ڪي چوءِ،
جاڳي جلندي جندڙي، تن من ايندو توءِ،
سورَ اسان لاءِ سوءِ، آندا جاڳ جهان ۾.

نهاريم نيراڻ ۾، ٽڪيندي تارا،
ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ تون، پرهه ڪان پيارا!
چنڊ پنيان چارا، رليم ڪيئي راتڙيون.

Gul Hayat Institute

## ڏونر ڀري آڪاس

ڇٽي ڀئي ڇات، ستارن جي سونهن جي،
ڪرڻن ڪئي چنڊ جي، وڻن مٿجهان واٽ،
لڇڻ لڳي لاٽ، ڪاني منهنجي روح ۾.

سٺيم تنهنجو سڏ، ڀڄن ڀڄن او پرين،
هيٺون اٿم هڏ، پر سگهه ڏسين ٿو ساهه جي.

سهڙي آ سانجهي، اونده لٿي آب تي،
او منهنجا مانجهي، ساٿ نه ڇڏج سير ۾!

سيٺهه ڪنئي ساهه، پيا پور پرين جا،
دکن جا درياهه، پار ڪياسي پل ۾.

ساوڻ سندا مينهن، آيو آهين آن ٻنا!
آلا، کهڙي ڏينهن، ٻجهندي پياس پرين ساهه!

اچا آکيرو، تنهنجو آهه اکين ۾،
صبح سويرو، اڏري آءُ اسان ڳري.

آ ريتي ۽ ٽپي رڃ، آلا پيار پرين ۽ ڇوڳ،
اکڙين سندي ۽ آج ٻيڪا پور ٻيئن ۾.

گهرا گهرا تين ڪارا ڪارا پوتو ڇڻن ۾
پيرندا رهيا ڀيڻ، سڪڙي ۽ مٿان من جي.

تي سجڻ جي سار، ڳاتم ان جون ڳالهڙيون،
چيڙيا من ملهار، اکين آب وسائيا.

Gul Hayat Institute

ويڙهي ويا واس ۾، مون کي محبوبن جا،
آندا من ۾ آس، خزانا خوشبوءِ جا.

جيئون آهن جڙ، سموري سنسار ۾،
ويجهن کان وڇڙڻ، جلائي ڏوجهيءَ کي.

تارن کي ترساءِ، پرين پوئين پهر جو،
سيان تو سواءِ، ناهي جس جيئڻ ۾.

جدائي جانئڻ، پينهين چڏي پيار کي،
سجڻ مون سانده، سو کهو رهج ساه ۾.

ڪڏهن آءَ قريب، ڪريانءِ ڳالهيون ڳجهه جون،
اندر جا عجيب، اوريانءِ آسنگ سپرين.

ڪٿي نماڻا نيڻ، منڙي ڏئو ڏک مان،
واسينگن جئن ويڻ، ڏنگيو منهنجي ڏاه کي.

دلين جا درياه، اٿلي پيا اوڇتو،
سالن کان پوءِ ساه، ساعت ۾ سرچي ويا.

مينهوڳيءَ جي منڊ آ، آڻا اڄ آتر،
وڏيو واءَ وجود کي، ڪيا ڪيس ڪڪر،
جيڪر پاپان پر، پهچان پنهنجي پرينءَ کي.

Gul Hayat Institute

گهمليي ڏڪڻ هير، پيا پور پرينءَ جا،
سيرون ڪيون ساهه ۾، اندر جي آڪير،
ڪڏهن ڪنڊون ڪير، ڪڏهن وهه جئڻ واسطا.

آئي رت رابيل جي، دل ۾ دود دکيو،
ناهي ساهه سڪيو، تو بن پل لنيءَ اي پرين !

آئي رت رابيل جي، پيا پرينءَ جا پور،
نينهن سندا ناسور، اندر ۾ آڪلي پيا.

اڪڙيون آجايل، سڄڻ تنهنجي سونهن جون،
سدا سڪايل، پرين تنهنجي پيار جون.

ورهين کان پوءِ ٿو وسين، برهه جا بادل!
ترس ته ڀي ٿي پل، پياسو آهيان پيار جو.

اڄ اڪڙين جي اڄ، پوري ٿي پرينءَ مان،
روح اندر هئي رڃ، وسيي بوند برهه جي.

ويا اڄ اڏي، مون کي سنهنجا سپرين،
آيا گهڙي اوچتو، جن کي ساهه سڏي،
تن کان پوءِ تڏي، آهي بوءِ بهار جي.

سدائين ساوڻ، سڄڻ لاتو ساهه ۾،
گهٽائن ۾ جڻ، گذريون گهڙيون عمر جون.

آئي ننڊ نيڻن کي، آڏاڻا ارواح،
سڄڻ، سنهنجو ساهه، پهتو تو وٽ پل ۾.

Gul Hayat Institute

گهڙي جا گهاري، تنهن لاءِ سڪ صدين جي،
وڃان مان واري، سهڻا تنهنجي سونهن تان.

رهي منهنجي روح ۾، سدا تنهنجي سونهن،
ورهين لاءِ وروڻهن، پلڪ تنهنجي پيار جي.

ورهين کان واسو، سڄڻ تنهنجو ساهه ۾،
پنهنجن کان پاسو، مناسب ناهي مٺا.

ويندي سانءِ مري، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون،
چوندين ’هاءِ چري، سچي هُئي سڪ جي.‘

جيئين! تنهنجي جند جي، مٺڙي موسيقي،
ورهين لئيءِ وڄندي، رهندي منهنجي روح ۾.

جيئين! تنهنجي جندڙي، ساري آ سرهاڻ،
تن مکڙين جو ميڙ آ، من خوبين جي کاڻ،
آئي توکي اوچتو، قدرت منهنجي ڪاڻ،
مون کي چيو ’ماڻ، وٽ هي گل گلاب جو.

ڇهڪي پيو چاهه، مهڪي پئي محبوبڙي،
سرهو هن جو ساهه، آهي بوءِ بسنت جي.

سوچي ڪجهه سڄڻ جو منهنڙو مرجهايو،
سڙڻ جو سايو، ڏٺليو ڏانگر جي مٿان.

Gul Hayat Institute

نگاهن ُمان تينهن، ڇٽي پيا ڇانڊون ڪري،
ڏني ٿيا ڪثا ڏينهن، محب ملي ويو اوچتو.

پرهه ڪان پيارو، منهنڙو منهنجي يار جو،
منڙو موچارو، سڄڻ منهنجي سام جو.

ڳوڙهن ڳالهايو، الا وقت وداع جي،
اکين ۾ آيو، سارو سام سڄڻ جو.

اسان ڪيئن ڪاٽيون، رسي ريجهڻ جون گهڙيون،
ڳوڙها ڳراٽيون، چميون چپ چپن تي.

جهلير هن ڪي جهول ۾، وجهي ڳچيءَ ڳٽ،
لهي ويس لڄ پري، لبن متان لٽ،
پرين سارو پٽ، جنهي جهان ڪيترو.

شل منهنجا محبوب، حرف نه اچي حب تي،
او منهنجا مطلوب، طلبيان تو ڪي نت نئون.

اکڙين اڄ آڦت، ماريو آهه، مياڙ سان،
پنبڻيون جهڪيون پت، هن جون ڏورلپا ڏئي.

چئو منهنجي چنڊ کي، رهي وجي رات،
ڏئي وڃي ذات، سرچي منهنجي سام کي.

Gul Hayat Institute

ڪڪيئڙو پرڏيهه جو، لنوي ونڊو لات،
رهي وينڊو رات، ڀڄڻ تنهنجيءَ سيج تي.

سدا سيلاني، آهي ساهه 'اياز' جو،
ڳچيءَ ۾ ڳاني، پرين توجهه نه پيار جي.

چانڊوڪيءَ چنڊ، رهئو آهي راتڙي،
گهڙيءَ لاءِ گهمنڊ، ڇگو ناهه چڪور سان.

صديون سڪائين، گهارين گهڙي هڪڙي،
سڀاجها سائين، ويجهو آءٌ وجود ڪان.

ڪنيڙاتيون نه ڪوهه، پڄندين ڪونه ڪڪيئڙا،
من ڪي ٻئي هند سوهه، چانڊوڪي چٽ ڀان ڪڍي.

وهي توريءَ وهه لڳي، سائين آءٌ سٽ،
اکڙين سان امرت، پيئان تنهنجي اي پرين.

ساريم تنهنجي سڪ، سڪ وساريم ساهه جا،
تن من جا مالڪ، واريم توتان جندڙي.

نهارن پيا نيڻ، سڄڻ جا سنسار ۾،
پلندس ڪيئن ماڻ پيڻ، گهاو انهن جي گهور جا!

اوڙهيءَ آڌيءَ رات جي، شالَ سموري شهر،
سارو عالم پيو سمهي، آڌاٽا پل پهر،
سيرون ڪيون ساهه ۾، لڳي تنهنجي لهر،
نيڻين وهي نهر، ڳاٽسر تنهنجون ڳالهڙيون.

تنها راتيون تو بنا، سياري جون سرد،
سڙو سڙو درد، دکندو رهيو دل ۾.

دکندو رهيو درد، وري رگ ۾ روح جي،
سالن کان هو سرد، مچ اسان جي من جو.

ڪارا ڪڪر آپ تي، وسڪارا ۾ وڄ،
منهنجا سڙا، هن گهڙيءَ، ڇاتيءَ ڪان نه ڇڄ،
مون سان بيهي پڇ، برساتين ۾ برهه جي.

اصل يار اکين جي، پي آهي پولي،
سڄڻ لئيءَ سولي، ڏکي ساري ڏيهه، لاءِ.

پيارا پيارا پل، وسري وسرن ڪينڪي،
سوکهي جلهيم ساهه سان، ڪا سڙي موسل،
چميم جنهن جا چاهه مان، گوڙهن پريا گل،
آلا، وقت آجهل، لتاڙيءَ لک عاشقيون.

آلا، چوڏينهن ۾ چنڊ جيئن، محبوبن جا ميل،
وهاڻي وئي ويل، رسي ويڙيم راتڙيون.

Gul Hayat Institute

تنهائيءَ جا تير، ڪُتا منهنجي ڪيپ ۾،
چُڪي پهتي چپ تي، آيا نيڻين نير،
تڙفي وئي تقدير، گهُوري منهنجي گهاو کي.

آلا ڏس ته آلا، جي ٻاريا عشق اندر ۾،
برهه هيئن ٻلا، جلايو ڇو جيءَ کي!

مان بڙڇي مان گهاءُ، مان ٿي وار وجود تي،
مان ٿي هان پڇتاءُ، مان ٿي پيار پرينءَ جو.

سڙهيون ٻوٽيون من، منجي ويٺيون مورتيون،
دلين ديپ وسائيا، دونهانيا درسن،
وسري ويا وچن، آخر پوڄا پريت جا.

چانئٺ ڪي چمي، گهر ۾ گوليم گهنگهرا،
ويو آهيان هتڙي، ڪيئي سال سمهي،
ڪتيون جهلي ڪچ ۾، تارن سان ترسي،
پرڙن تي پوپٽ جي، ويو وقت اڏي،
ڪاڄا واءُ لڳي، ٻن نه مليو ٻن سان.

اکڙين منجهه آجاڙ، نگريون تنهنجي نينهن جون،
پل پل آهه پهاڙ، جن واريءَ ۾ وقت جي.

Gul Hayat Institute

اسان تي الزام، انڌا جيب جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا سنهنجا جام،
آلا، ڪڏهن عام، رسندا سنهنجي روح کي.

شفق اوڙهي شام، پهتي تنهنجي پار ڪان،
مهڪڻ لڳي ميءَ سنجهڻ، جرڪڻ لڳا جام،
پيئڻ جا پيام، سانجهيءَ آندا ساهه لئيءَ.

پيئڻ ۽ جيئڻ، متو متوالن جو،
ڀيري ساڻ ڀرڻ، سرڪيون تنهنجي سوڻهن جون.

پيتي ڙي پيتي، پيالي اسان پريت جي،
بدلي نشي نينهن جي، نيت ۽ نيتي،
هارائي جيتي، بازي اسان برهه جي.

برهه جا پياڪ، چڪيون چاڙهن چنڊ مان،
ستارن جي سنگ ۾، راتين جا رولاڪ،
سڄي ٿيا ماڪ، ڳوڙها ڳاڙي ڳجهه ۾.

Gul Hayat Institute

سوري آڻ سٽار، سچڻ منهنجي ساهه جا،
سير کي سُر جي سنگ ۾، ڏڙ ڪان ڏڙيان ڏار،
رچي وچي راڳ جي، لون لون منجهه لغار،
ازل جا اسرار، تڙفڻ لڳن تند ۾.

چري پيو چڱ، جهرڪي پٽي جنڊڙي،
رکي رکي روح ۾، ڏکي پيو ڏنگ،
سچڻ تنهنجو سنگ، وسري وسري ڪينڪي.

وندر منهنجي وات تي، ڳولڻ ۽ ڳائڻ،
تتيءَ ٿڌيءَ تند سان، نينهڙو نڀائڻ،
پريءَ کي پائڻ، رُلندي پنهنجي راڳ ۾.

سُر پيارو آساهه ڪان، تن ڪان سڙي تان،
آهي پنهنجي آن، راڳيندڙ جي روح کي.

آيو نيٺين نير، ڳوڙها ڳڙيا ڳچهه ۾،
هارايو مون هٿ آلا، دکن ڪيو دلگير،
دل کي آيو ڏير، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون.

ڳالهيون هن جون ڳائنا، ڳوڙها آئي ڳاءِ،
رڳ ۾ منهنجي روح جي، جيون کي چرڪاءِ،
رُتين رتيون راڳڻيون، سازن سان سرچاءِ،
سُر ۾ پوئين پهرُ جو، سارڙ سوز سماءِ،
راتين منجهه رڇاءِ، رسزون پنهنجي روح جون.

Gul Hayat Institute

سارو عالم پيو سمهي، جلي منهنجي جاڳ،
ازل جي آواز مان، روح ٻڌايا راڳ،
پڙڪيا آلا آڳ، چرڪڻ لڳي چنڊڙي.

جهوري پيئي جهانجهه، جيڏيون منهنجي جيءَ کي،
سهڙي آهي سانجهه، جهچندي جنهن جي جهانءَ ۾.

ناهي ڪوئي ڳائيندا، ڳائڻ جهڙو ڳڻ،
سائين، مون کي سڻ، ڏسندو رهه تون ڏڻ ۾.

ازل جا آواز، اچن ٿا اڌ رات جو،
وسن ٿا ويساهه لئيءَ، سؤ روحاني راز،
صديون سنل ساز، وڄن ٿا وجود ۾.

اڄ تہ ازل جي اڄ، سڄي ويئي من مان،
سامهون ساري سيج، وسي وئي وڪار مان.

جڻ ازل جي آڳ، جلي پيئي جيءَ ۾،
سرڪي پيو ساڳ، شعلن جي شعاع ۾.

نسريو تنهنجو نينهن، وسري وات وجود جي،
سحبت مون کي ساڳ جي، ساوڻ سندو مينهن،
آهيان راتيون ڏينهن، پاندئيڙو پرينءَ جو.

پرهه جو پرواز، ڪيو ساهه سجڻ ڏي،
ڪُل رمزون ۽ راز، کُليا پيا ڪين ۾.

Gul Hayat Institute

پرهه جو پيرو، کٿي ڀهتو ڇڻ پرين،
سهڻو لڳو سج کان، صبح سويرو،
ويو انڌيرو، چوڌاري چمڪاءِ ٿيو.

اچي ٿو آواز، پرينءَ جي پيرن جو،
ڪو روحاني راز، سُري پيو سانت ۾.

پرينءَ سندي پيچري، پيو آهيان پنڌ،
هيئون، انهيءَ هنڌ، ڀهتو پيرن کان اڳي.

او منهنجي منزل، رُلائين ٿي روح کي،
ويجهو اچي وات تي، ڪڏهن مون سان مل،
دڪڙن پري دل، پيرين پچان ڪيئن مان!

چمڪي وڄ وجود ۾، ڏنم پرينءَ جا پير،
اونده ۾ اوير، منجهايو هو ماڪ کي.

ڪلي ڪير ڪنوڻ، چمڪائي ويو چيت ۾،
صدين لاءِ سجڻ، ٿيو سيني ۾ سوجهرو.

Gul Hayat Institute

ساري رات سڙي، سوچ اسان جي سيج لاءِ،
اچي نڪري شل آلا، جنهن سان جان جڙي،
ڳوڙهن منجهه ٻڙي، وڃن وهم وجود جا.

سدائين سوداءَ، سانديم تنهنجو سمجهه ۾،
او اڻ ڇاتل آءَ، ڇاڻو منهنجي ڇاڻ جا.

آهيان راڳيندڙ، ڪنهن روحاني راز جو،
ڪيو ميرُ سُکهڙي، روح رچي ويو رمز ۾.

ستارن سان رات، چوريم ڳالهيون چنڊ جون:
ملندي ڪيئن نجات، سوٽهون ناهيان سوٽهن جو.

آڌيءَ رات الله، ڳائي پيو ڳجهه ۾،
سٽي پيو سانت ۾، ستارن جو ساهه،
نغمي جي ڪا نهر جڻ، اٿلي آهه اٿاهه،
ماٺوڙا ءِ ماهه، ميهي آهن مير ۾.

موڙي ڪيو ميڻ موں، ٻهڻ جهڙو پاڻ،
سچڻ اڄ تو ساڻ، اوڙهي آيس عاجزي.

سليا ڪنهن نه سوال، سانڍيا جي مون ساهه ۾،
ڏاهپ ساري ڏيهه جي، سونجهيم صديون سال،
خلوت منجهه خيال، جلن روز جواب لئي.

پڇري تي پاڇا پيا، رچمڪي تي چوڏس،
پکيڙا پرڙوس، ڦٿڪن لڳا قيد ۾.

پڇري ۾ پيهي، اني بوءِ بسنت جي،
پکي پرڏيهي، پرڙا پتوڙڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

ڦٽڻ لڳو ڦاڳ، آئي ٻوءِ ٻسنت جي،
سڄڻ منهنجي ساهه کي، وِيڙهي ويو ويراڳ،
ڪٿي منهنجو ماڳ، ڪٿي منهنجون منزلون!

آلا اڄ ته آڏام، پڙڪو ڏيئي بند مان،
آيا آتر واءُ تي، پرينءَ جا پيام،
ڪِيَنهن ڪيئن قيام، پکيئڙا پرديهه جا!

روحن جي راحت، پکيئڙو پرديسُ جو،
آڏرڻ جي عادت، ان کي آهي اصل کان.

اڪيلو آهيان، ساٿيئڙن جي ميڙ ۾،
اڃا چاتر ڪيترن کي، ڇو آهيان، ڇا هيان،
آهيان يا ناهيان، سو به نه آيم سمجهه ۾.

ڪيئي ڳالهيون ڳجهه جون، ساهه اندر سانيم،
ٻاهر نه ٻاڻيم، محرم منهنجي ساهه جا.

محرم منهنجي ساهه جا، اچي ڏي آواز،
روح سريلا ساز، ترسايا تنهنجي ڪري.

دکي پيو دونهون، ڏيڳاڻ ٻچي واٽ تي،
شايد ڪو سونهون، پيو پنڌ پرينءَ ڏي.

ڪٿي آن ڪنهن جاءِ تون، جاچيم سارو جڳ،
دلبر تنهنجو ڏِڳ، ٻانڊيئڙو ٻچندو رهيو.

Gul Hayat Institute

آيو ڀونئين ڀهر جو، اندر مان آواز،
سمهي ڀيو ساز، نغما نَڪتا اوچتو.

نغما نڪتا اوچتو، مِٺا مِٺا سُر،
اچي ڪير آسُر، ريجهائي ويو روح کي

ريجهائي ويو روح کي، ڏيئي ويو تسڪين،
ڪري ويو 'ڪينَ'، منهنجي 'مان' کي من کُهرِيو.

جيئن مکڙيءَ کي ماڪ، چمن اچي چام مان،
آياسين تيئن اوچتو، اورانگهي افلاڪ،
خوشبو آ خوراڪ، سائل آهيون سڪ جا.

ملي منهنجي من کي، ڏُکن جي دولت،
اچي هر آفت، وڌا هار هنئين کي.

منهنجي دل جو دڪڙو، اڄ ڳوڙهن ۾ ڳول،
موتين مندي جهول، سونجهي ڏس او سپرين.

پرين پڪارينم، ننڊ وئي وئي نُڪري،
متان تون مارينم، وِسر مان وچ وات تي.

مَتِيي سَيءَ مجاز جي، پل پل پياريوم،
اکڙين مان اوتيوم، سُرڪيون سندم سا،

Gul Hayat Institute

پياري ڀرولي، سهڻي هن سنسار جي،
ستارن جي سونهن سان، چنڊ پري چولي،
هيرن ڏني هنج ۾، لونءِ لونءِ کي لولي،
نظارا ها نند ۾، مون اک جڏهن کولي،
نه کي سکن سيج هئي، نه ڏکن جي ڏولي،
هيءَ ڳجهارت ڳولي، ڪنهن ڪنهن ڏاهي ڏيو، ۾.

راڻو منهنجي روح جو، ماڻي ڏو مومل،
ليٺا پائين ڏو ليڪي، اڙي يار اجل!
ترس ته ٻه ٽي پل، سڄڻ آهي ساهه سان!

پڪارين ڏو ٻار ڪان، آهين آخر ڪير؟
واريءَ مٿان وقت جي، ڀسير تنهنجو پير،
مٽڙي تنهنجي مُرڪ آ، وڻندڙ تنهنجو وير،
آهي ڪهڙي دير؟ اجل، آءُ اسان ڀري!

جُسو جوڙيئه اي خدا، مٽيءَ جو ستٿهن،
ڀوندو جو نه ڪڏهن، سُنهن تي معمارن جي.

لهرين ۾ لڙهندا، ملياسي وچ وهڪ ۾،
سڄڻ ساهه سندا، سات نه رهندو سير ۾.

تون سوري تون سڏ، تون ئي ساهه سيريءَ ۾،
تون ئي مون سان گڏ، ٻتون ئي منهنجو ست گهرو.

Gul Hayat Institute

گهر گهر تنهنجا گهنڊ، من من ۾ تنهنجي مڙهي،
مان سپنو تون ننڊ، ڳوليان توکي ڳجهه ۾.

ڏني ڪوڙهني کي کير، ڇيون ۽ ٽي چاهه مان؟
سڄڻ تو سان سير، ڪري کير ڪنڊن تي!

ڪنهن جي ڪوجهائي؟ سڄڻ آهر ساهه ۾!
چانڊوڪي ڇائي، اسان اونده اوٽ ۾ مان.

واسينگن جي وات، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٿيا ڪات، هلندي حبين ڏي.

سڏيو صدا ساهه کي، سچائيءَ ۽ سونهه،
وندر ۽ ورونهن، موں لئيءَ پيچو پرينءَ جو.

واريءَ منجهه وڻاڻ، سانجهيءَ آندا سانت ۾،
لهندي، سج جي سون سان، ورسيا پينگا پاڻ،
چرڪي منهنجي چاڻ، اڻ چاتي جي آڳ ۾.

آيي آهه ڪجور، اڪيون وجهي آب ۾،
اچي پيو عرش تان، نهريون ڪري نور،
چنڊ چريءَ کان دور، ماڙون تس پاتار ۾.

هيءَ جهرٽي جي جهانءِ، ۽ هيءَ باک بسنت جي،
سارو عالم پانءِ، رچي ويو راڳ ۾.

---

Gul Hayat Institute

جاڳ ڀٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيون ماروئڙن، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ ته تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

پڙلاءُ تنهنجي پٽ ڏٺي، جهلي بيٺس جهول،
ڏنئي ٻه ٽي ٻول، سخي منهنجي ساهه کي.

ڪٺا ڪنيم ڪيچ مان، ڪيليا تنهنجا ڪيت،
مون وٽ سڙئي بيت، تو وٽ آهن آيتون.

وڄي چوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سڙ جو مير سان سنگ،
پڙيان آءُ آهنگ، ڪريان لات لطيف جي.

ڏنيون مون کي ڏات، ڳوڙهن پڙيون ڳالهڙيون،
لنوي منهنجي لات، ڏکڙا ساري ڏيهه جا.

ڇپن ڇوڙايو، ازل جي آواز کي،
مهرون لڳيون منهن تي، ڳوڙهن ڳالهايو،
پڙين پهچايو، اسان نياپو نينهن جو.

Gul Hayat Institute

ماڻهو منهنجي ملڪ جا، اڀوجهه ۽ اڻ ڄاڻ،
ڏکن ڏڏيون جهوپڙيون، ٻکن ڀريا ٻاڻ:
الله، تن ۾ آڻ، ساڃهه پنهنجي ساهه جي.

اندر منجهه اٿاهه، محبت ماڻهوئڙن جي،
ٻاڇو آهه پرينءَ جو، تن جو سهڻو ساهه،
جيڪر ڇيون چاهه، ڏيان ساري ڏيهه کي.

منڙو آهر چيز ڪان، سنگهارن جو ساهه،
ٻنيون ٻڏن پيٽ سان، ٽين ٻکن ۾ ٻاهه،
ڏيڪاريان ڪيئن ڏکين کي، چانڊوڪي ۽ چاهه!
ڪٿي آهه الله، انسانن جو آسرو!

ننڍڙيءَ نينگر وات تي، ويٺي واڄهايو،
الله ۽ انسان ڇڻ، ٻنهي ٻاڏايو،
پينوءَ پهچايو، ڏاڍو ڏک ضمير کي.

ڪٿا ڪُنيءَ ۾ ڏسي، رُني ڪونه ڪُڇي،
لوليءَ منجهه لُڇي، ممتا ماري ماءُ جي.
سدا آهي ساهه کي، ڪيئي جي ڪولا،
ڏ َو َ بنا ڏولا، ناهي ساڃهه مونهن جي

پوي ٿو ٻارو، ڪنبٽي آهه ڪٽين ۾،
ويٺي ڪنيو ولهه ۾، سڄڻ سيارو،
جيءَ جو جيارو، انهن نانءُ الله جو.

Gul Hayat Institute

وڏم ڏکن ڏاڻ، مک نہ سنپران سپرين؛
سوچي هن سماج تي، ڪڏي جيون چاڻ،
ڊاهي ڪريان ڍير هي، بي معنيٰ ماڻڊاڻ،
سچن اچ مون ماڻ، تہ انڪون اچ آنياءَ سان.

ڏسي ڏکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
ٻڪن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زرءَ زور ذليل، ماڻهوڙا ڪيا ملڪ جا.

ڏلم وجهي واجهہ، جهاتيون پائي جهوپڙيون،
ٻهہ ٻهہ ڪني ٻاجهہ، منهنجي منهن جي مات ۾.

سنهيءَ سنهيءَ ٻوند، سڄڻ ڪي ساڙي وڌو،
اڳيئي اڻ هوند، ويتر جهرين جهوپڙيون.

رتي ناهي رت، چورون مڙيون چندڙيءَ،
ساڻي آٽ سنت، تہ ساڙيون هن سماج کي.

چيڪي چپر ڪٽ، آيو ناهہ تڏيءَ ڪي،
ساون ڪاڏي ست، سڄڻ سر ستي ڪيو.

جلي ڪيسين جوت، واچوڙا ويڙهي ويا،
ڳاراٽا ڳن ڳوت، لتاڙي ويا لات کي.

Gul Hayat Institute

چڙهيل آهي چؤ طرف، زنجيرن تي زنگ،
جسو جڪڙيل جبر ۾، ايذايل آمنگ؛
ديوارن مان دانهن ٿي، چوريو جو مان چنگ،
رچي ويو رنگ، قيدي ڪوڪارڻ لڳا.

پرچي ويڙا پاڻ ۾، اکڙيون اوجاڳا،
ساڳي ڪاري راتڙي، ستارا ساڳا؛
صبح سياڳا، تولئيءَ تڪيان ڪيترو!

او ڌرتي، او ماءُ، تنهنجي ڪيهڙ منهنجون اکيون،
سر ۾ تون سوداءُ، رڳ رڳ تنهنجون راڳڻيون.

او ماڻهو، او پاءُ، ڪارو ڪورو ٿي ڪٺين،
شال اهو انياءُ، تو ۾ آئي ماڻهپو!

الله، هي انسانُ، رتي تنهنجي روح جي!
نسورو نادان، ڏهڪائيندڙ ڏيهه جو.

چٺڪون آڏائيون، ڪڏهن ڪنهن ڪنهن سچ مان،
پنبيت مٽا برهه جا، خدايون ڪائيون،
جڏهن وساڻيون، صدبون سرد ڪري ويون.

جيئون تنهنجي جند سان، مرون تو سان ماءُ
ڪوڙها ڳاڙ نه سنڌڙي، وري ورندو واءُ،
چرڪن پيون چندڙيون، تن من آهي تاءُ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءُ، سڀ ڪي آ ساٿيهه جو.

Gul Hayat Institute

ڪُونسي پٽيءَ ڪيل، ڳوڙهن ڳانڍڙ ڇپ سان،
ظالم مٿان ذل، ٻارڻُ نہ ٻاري وڃهي.

ڪيسين اُخر ڪوس، ڏوران ڏسجي ڏيهہ جو؟
سچہ اسان سوس، ٻليو تنهنجي پيار جو.

آهي اڄ اٿاٽ، پرينءَ پانڌيڙن جي،
جاڏي تاڏي جبر جي، ڏکي پٽيءَ ڏاٽ،
ڪوڙ ٻٽايا ڪاٽ، سوريءَ سيري سچ جي.

ٽڪرن مٿان ٽاڪ، آهي سفر سچ جو،
سدا جوکو جيءَ جو، نہ ڪي هوند نہ هاڪ،
چڱا سي چالاڪ، جن سانڍيو ڪوڙ قلوب ۾.

واسينگن جي واٽ، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٽيا ڪاٽ، هلنديءَ حبين ڏي.

سوچيو اٿر سؤ دفعا، ٽيان ٽائينڪو،
اورانگهيان نہ عام ڪي، لنگهان نہ ليڪو،
ڇا ڪان هي نيڪو، ڪنيو ذات ڏکن جو!

پري منهنجو پنڌ، رڻ ۾ منهنجون راتڙيون،
سائي تو سوڳنڌ، موٽي وڃ وڃ واٽ تان.

اڪين مان آهون، نڪتيون نهوڙين جون،
درديلون داهون، مليل هيون مات ۾.

Gul Hayat Institute

پرينءَ سندي پيچري، لڪن ڪنئين لاٽ،
ڪيئي ڳچيون ڳاٽ، اوندهه ويڙهيا واٽ تي.

چانڊوڪي ۽ چاهه، منزل ماڻهوئڙن جي،
اونده ۽ اوڙاهه، ويڙهي ويو وچ واٽ تي.

ڀڄي ويو ڀانڊي، ڏينڙو ڪٿي ڏاهه جو،
اوندهه ۽ آنڌي، رهيون ٽڪينديون ٽنهن ڪي.

جڻن جبلن تي جهڙ، تڻن تو محبت من ۾،
اصل ڪونه آڪڙ، اڪر تان اصول جي.

ٽانڊن تي ٽليا، ڀانڊي تنهنجي پريت جا،
وچڙيا هر ڪنهن وچ سان، ڪنوٽين تي ڪايا،
تو سان نيث مليا، سڻون ڏئيي ساهه جون.

سهسين سورج چمڪيا، ڪيا چنڊ چٽاءَ،
ماڻهوئڙن مٽاءِ، اڃا اوندهه نه لٿي.

ميبايم نه ساهه ڪي، ڪهنبو ڪٿوري،
ڏولاوا ڏوري، چونڊي وتم چاهه سان.

اوندهه تي اولا پيا، لڄندي رات لڙي،
ساهه نهوڙيو سوچ ۾، تارن نند تڙي،
جنهن ۾ اک اڙي، ساميون آ سو سوجهرو.

Gul Hayat Institute

سانڍيا منهنجي ساهه، ڏکڙا ساري ڏيهه جا،
عالم، تنهنجيي آهه، لچندي منهنجي لات ۾.

جي ماريءَ جي مام تي، ويا سي نه وريا:
چوڳي لاءِ چريا، قبولين ٿو قيد کي!

پنيي پيئي وات تي، ڪالهه چيني چوري،
لڳل هئي لوري، پل پل تنهن کي پيٽ جي.

نڙي نياڻيءَ کي پئيي، روئيءَ لاءِ رڙي،
تڙيءَ تي تڙي، هوند ڏني انڌهوند کي.

آئي آڻ تندون ٽوڙ، سيني منجهان ساز جون،
راحت آ رت چاڻ ۾، ويلو خون ولوڙ،
ڏڙ ڳولي لهه ڏوڙ مان، جن تي جڳ کي جوڙ،
ماڻهو مورک موڙ، پٽ تي واڪ ورهين جي.

لڳي سڄڻ سنگ، چڏي ساري سات کي،
پرينءَ جا پتنگ، سڙندا رهيا سانت ۾.

آڌيءَ رات آسات، سرتيون مون کي سونهن جي،
تارونءَ پهتي ٽيڪ سان، لونءَ لونءَ آپري لاٽ،
ٻنهي نڪتي ٻاٽ، سيپ سيپ آندو سوجهرو.

پيشان سا پريات، جنهن ۾ آس آسات جي،
لوچي ڪاٽي لات، ڏيان ساري ڏيهه کي.

Gul Hayat Institute

آئي اوت سُڄاڻ ۾، ٻيڻان جيئڻ ٻرپات جو،
آءٌ، آنهيءَ ڪي آڻ ۾، جنهن ۾ آس آسات جي.

ٻياليءَ ٻياليءَ ٻيت، جنهن ۾ آس آسات جي،
آءٌ، مدابون ميت، ڳائي منهنجون ڳائڻا.

وَري ڪنهن جي وِڪ، ڪجهي ٻئي ڪيہ ۾،
آيو چوڏينهن چنڊ تان، ڏوران ڏئي ڏِڪ،
تارونءَ وڏي تيڪ، مون وٽ ٻهتو مون ٻرين.

آءٌ آهو انسان، جنهن لَڏي سان لائون لَڏيون،
ڌرتي، تنهنجو ڌيان، رهيو ٻوءِ ٻي روح ۾.

تاڻيان تو سان تند، ماڻيان تو سک ساز جا،
آڻيان تو آنند، ڏڪڙن ڏڏي ڏيهہ ۾.

آهيان تنهنجي امن جو، راڳي ويراڳي،
جاڳائي جاڳيي، جڳ ۾ تنهنجي جوت مون.

Gul Hayat Institute

## دوھا

آھي تنھنجيءَ ياد جي، ايئن گذريءَ ۾ گونج،
آ کيري مان جيئن وڃي، آڏري ڪائي ڪونج.

نيڻ مان جو نئن ڇُلي، ڪک پن تي ويا رنج،
نڪتيون تنھنجون ڳالھڙيون، جئن پاڻيءَ تي هنج.

آن کي تنھنجيءَ پريت جي ڀڄري جي آ هير،
من جي مٿا تي اچي، آڏري سانجھہ سوير.

ٻَڪ تي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينھن،
ڇڏ هيي سک جون ڳالھڙيون، پنھنجو ڪهڙو نينھن!

ڀھتو من ۾ پار ڪان، جيئن ڇوليءَ جو ڇوھہ،
ويجھي آئي جو ڪنڏي، ماٺو ٿي ويو موھہ.

هي ڏرتيءَ جي ڏرتي، تتو هانءُ هيي هاءِ!
ڪنھن جي ڇڳ جي ڇانو ۾، ويھي رهہ پل لاءِ.

Gul Hayat Institute

ڀڄو ڀيون ڇا پاڙي واريون، ڀلا اسان جي ٻات،
ڇڙي ويو آ چنڊ اسان سان، رُسي وئي آ رات.

پري هلي ڪجهه پريت ورهايون، جيءَ لڳايون جهٽ،
هلو ته سائين ڪنهن ڪڪريءَ تي ڪٽي هلون هيءَ ڪٽ.

سڄڻ نه آيو ساوڻ آيو، مٺو اسان ڪي مينهن،
بادل برسيا نيڻ نه ترسيا، نار وهايا نينهن.

ڦري گهري هن ڦلواڙيءَ ۾، جڏهن به ڪٽنديونءَ نيڻ،
پن پن ڏينده پيار اسان جا، وڻ وڻ ڏينده ويڻ.

مٺڙا مٺڙا ماڻهو، تن جا پيارا پيارا ناءُ،
آيا، ڇايا منهنجي من تي، جيئن ڪڪريءَ جي ڇانوَ.

بسنت رت جي ٻاڪ ڦٽي آ، ڏکيو لڳي هي ڏينهن،
پريت پرائيءِ لٻيءَ جو روئون، نئون ڪيون ڪو نينهن.

ڪير نه ٻري جڳ جا جهڳڙا، تون به ٿيو آن تنگ،
هل ته ”اياز“ هلون اڄ نڪري، ڪنهن سهڻيءَ جي سنگ.

اڙي اسان کي وجهي وڇوڙو، گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ،
ڪڏهن اسان وٽ آءُ، آلا تون ڪلي اسان سان ڪاءُ.

ڏنا ڏنا ڪنهن، ڏنا ڏنا ڪنهن، مٺا مٺا هو چپ،
ڪُجي هٽي ويا ڪپ اسان کي، ڪُجي هٽي ويا ڪپ.

ٻُڙيا ڳُلن تي هِنَن جي ڳوڙها، ڪري ڪجل جي ڏار،
ڳهاوَ ڪري وئيي اهڙا ڳهرا، ڪنجي ڪيئن ڪنار.

آڏري آئي انهن تي آک آک، نظر نظر آ جهار،
چِتَپ پرينءَ جا اهڙا، جهڙي ڪَچي ڪَچنار.

جهونجهڪڙي ۾ جَر جهڙي جنهن سَرهي سَرهي روءِ،
پرين اسان جو جنهن جي تن ۾ ڪوريءَ ڪنگريءَ بوءِ.

مُڪڙيءَ مکڙيءَ جي مک تان، بس چميون وتيون سي چار،
پرينءَ اسان جو آهي سڀ سان پوپٽ وارو پيار.

هُو روهڙيءَ ۾ روج رهائيون، هو راتيون هوءَ ريت،
چُپي پئيي اڄ تائين مون کي، چاتيءَ ۾ ڪا چيت.

لٽي نگر جي رات اسان کان وسري ناهي يار،
ڪيئن مکليءَ جي ماٿ مٿان ٿي چنڊ ڦريو چوڌار!

ڳهاٽ ڳهاٽ ٿو توکي ساري، سکر نہ ايندين يار!
ڪڏهن پتڻ تي پريت ڪنداسين، ڪڏهن نديءَ جي پار.

لڳي نہ توکي لوڪ مسافر، لانڍيءَ ۾ ڪجهہ ليٽ،
تپي وچي ٿو ٻاهر تن من، چپي پيو اڄ چيٽ.

تو سان پريت لڳائي جڳ کان جدا ٿيو آئين من،
وچڙي ويو جڻ واڇوڙي ۾، ڇٽي ٻپل مان ٻن.

ڇوڏينهن جي چانڊوڪي آهي، پرين ب آهي پاس،
توکي ڇا ٿيو آ منهنجا من، ٿون ڇو آنهه اداس!

رُت بدلي آ، رات پني آ، پريت ڪيو ڪجهه پريت!
نانهه وُسڻ جي ريت روا اڄ، نانهه وُسڻ جي ريت.

سک جا سپنا ڪيئي، جن سان جڳ مڳ ڪري جهان،
روح نه پنهنجو ريجهي ڪنهن ۾، ڳولي ڇا نادان!

نينهن وڏو نادان اديون ڙي، نينهن وڏو نادان،
چين نه پائي، روئي ڳائي، کهڙيءَ کهڙيءَ انسان.

پيار نه ڄاڻي پار اديون ڙي، جتي لڳي ويو جيءُ،
نه ته ڇا ڄاڻي ڪنهن ڪيچيءَ سان، هوءَ ڏوٻيءَ جي ڌيءُ.

ويا خوشيءَ سان جنهن تي ڪامي پتنگ سڀ پڻ سٽ،
اجها آجهامي، اجها آجهامي، اها ڏيئي جي وٽ.

آڏري آڏري ٽڪجي پوندين، ڪنهن سان تنهنجو پيار!
چنڊ نه ڪنهن جو يار پکيڙا، چنڊ نه ڪنهن جو يار.

بهشت ڇا مي، دوزخ ڇا هي، ڇڏي اهي ويچار،
منڙي منڙي نند پرينءَ جي پاسي ۾ ڪر يار.

آئي سانجهي موتيا مانجهي، ماٺي ٿي منجهڌار،
وئي وڪر ڪان وچڙي جا، تنهن آڙيءَ ڪئي پڪار.

Gul Hayat Institute

آئي سانجهي موٽيا مانجهي، مانئي ٿي منجهڌار،
آءٌ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان، ڪائي سڌ نہ سار.

سڄڻ نہ آيو ساوڻ آيو، ڇائي گهٽا گهنگهور،
اڃا وتي ويڳاڙو ڦرندو، منهنجي من جو سور.

رات ڪنڌيءَ تان ڪوهيري ۾، ڪئي پٽي ڪنهن لات،
منهنجي من کي مات ڪيو جنهن، منهنجي من کي مات.

صبح سويري نيسر هيٺان نينگر ڇوڙيا وار،
اجلي اڇلي تن تان موٽيا گدلا گدلا پيار.

گهگهريءَ تي جو گها گهر ڇلڪي، ڇوريءَ ماريو ڇال،
آڏيءَ اک سان ڏسي وتو ڪنهن، انگ انگ جو حال.

نينهن وسي ساريءَ نگريءَ تي، واهيري جي ويڙ،
سڏ جي پياس ستائي من کي، ڇڪي اسان کي هير.

پيار هٽي ويو ٻرڇي من ۾، ڏئي ويو پڇتاءُ،
صدين انهيءَ کي ڪونہ ڇنايو، گهڙيءَ وڌو جو گهاءُ.

مرجهايل من ۾ تو کولين، هاڻي ڪيئن هڳاءُ،
موٽي آئين منڙا جڏهين سڪ ڇڏي وئي ساءُ.

پيري پيري من مکڙيون کولي، لڳي پونر کي پياس،
ڦيري ڦيري هن ڦلواڙيءَ ۾، وئي سدائين واس.

Gul Hayat Institute

پربت ڪئيسي، گيت ڇپاسي، ٿيو اهو انجام،
ڳليءَ ڳلي ۾ ڳالهه اسان جي، نگر نگر بدنام.

توکي من ائين ڳولي، جئن ڪو بن ڳولي برسات،
تن ۾ تنهنجي تات سدائين، تن ۾ تنهنجي تات.

من ڪان ڪائي موٽ ڇپي وئين، چندرما جي اوٽ،
چندرما جي اوٽ ڇپي وئين، ڏيئي چريءَ کي چوٽ.

منهنجي من ۾ اچين ته منڙا، سوچي پائج پير،
اجڙي وئي آهي هيءَ نگري، هن ۾ رهندو ڪير!

ڪيئي ڦلواڙيون هونديون، جي ويو آڌاري واءُ،
رهندو آيو ڪنهن ڪنهن ٻن جو، پٽ جهڙ ۾ پڙلاءُ.

ڪونجو، ترسو ترسو، آڏران مان ٻ اوهان جي سنگ،
پنهنجو پنهنجو ديس ٻڌايون، دنيا مان ٿي تنگ.

ڪٿي ته ٻجهندي، ڪٿي ته ٻجهندي، لڄي لڄي هيءَ لاٽ،
ڪٿي ته ڪٽندي، ڪٿي ته ڪٽندي، وڃي وڃي هيءَ واٽ.

مان ئي آهيان حسن ازل جو، مان ئي ها بدصورتي،
مان پوڄاري، مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي.

چوريءَ چوريءَ پهچي من ۾، ليڪي ليڻا پائين،
آءُ هلي، هي گهر تنهنجو آهه، منهنجا منڙا سائين!

Gul Hayat Institute

ويجهو آهين، وس ۾ ناهين، پري نہ آهين پاڻان،
رنگ رنگ ۾، روپ روپ ۾، توکي آھ سڃاڻان.

ڪٿهي ڪٿين تان آئين سائين، پهتين منهنجي ديس،
ڏس تہ سهين کهڙو سونهين ٿو، توکي منهنجو ويس

ٻن ٻن پنڪي، تن من ترقي، هٺ هاري انسان،
دوُر دوُر ۾ پهتو آخر، تنهنجي در نادان.

تون ئي منهنجي ننڊ آن، تون ئي منهنجي جاڳ
مان آهيان تنهنجي جيي، تون آن منهنجي آڳ.

تون ئي منهنجو راز آن، تون ئي منهنجو ساز،
آهي تنهنجيءَ تار جو، منهنجو من آواز.

ساري جڳ تي تون وسين، جيئن ساوڻ جو مينهن،
منهنجي من جي ٻوند جو، آهي تو سان نينهن.

نيڻن کي ٿي ننڊڙي، پڊري ٿيءَ پرڀات،
ڪيسين ڪوڪيي ڪوئليون، ڪاٽين ڪاري رات.

تارن جا تڙڪا پيا، جن مان جرڪيا جرَ،
ماڻڪ موتيَ ٿي وئيي، چڻ منجر جي چِر.

جڳ جي پوئين پهر ۾، مان جڳنوءَ جي جاڳ،
جرڪيا منهنجي راڳ ۾، ماڻهوئڙن جا ماڳ.

---

Gul Hayat Institute

رات ڏيئي جي وَٽ ۾ جَرڪي، گذري جُڳ جي جيت،
پڙهيا پئي مون روئي روئي، ”وديا پتيءَ“ جا گيت.

ساڌوءَ جي سَنوَرتي بدلي، تنهن کان وڃڙيو ماس،
ڪنهن جي من ۾ ”ميران“ ايندي، ڪنهن جو ”ڪاليداس“!

سمو پراڻو پاپي سڀ کان سنهنجي لاءِ ڪٺور-
پڇي پيو بنگالي مون کان ڪير هيو ٽئگور!

ڪاٺي هير، وساڻو رانجهو، سارو ’جهنگ‘ تباهه،
رک ۾ پنهنجون ڪافيون ڳولي، ويٺو وارث شاهه.

ويو وسامي ’سامي‘، هن جي رُلي پئي اڄ رک،
ڪنهن ۾ ناهي پيار پرينءَ جو، ڪنهن ۾ ناهه پرک.

منَ منَ ٻن آ، جنهن ۾ ناهي ڪنهن بنسيءَ جي تانَ،
آءٌ به ٽوڙيان وينا، ڪيڏو ڦري ويا انسان!

Gul Hayat Institute

يٽ ڏٺي، او يٽ ڏٺي، او سنهنجا يٽ ڏٺي!
تنهنجو ڏيهه ڏڪاريل، جنهن ۾ ناهي قرب ڪٿي!

آڻ پٺيءَ تي پنهنجون پنبڻيون، ڪهه ۾ اڪڙيون ڪول،
يٽ ڏٺيءَ جي پرسان ويهي، پنهنجي ڳجهه ڪي ڳول.

ڏينم اهو تنبورو سون ڪي، ڪيسين سهندين، شاهه!
ڏينم ته ڳايان، آڳ وسايان، دليون ڪريان درياهه.

ڏينم اهو تنبورو سون ڪي، سان ٿو تاڻيان تند،
ڏينم، يٽائي، ڏينم، ته تنهنجو روح رهي خورسند.

ڪافر ناهي، سوين ناهي، ''سچو'' پوءِ به سچ،
سچ چوي ٿو، 'اچ، اچي سوريءَ تي لٽڪي نچ'.

ڏيهه ڏئي ٿو ڏوهه، اڏيون ڙيي، ڏيهه ڏئي ٿو ڏوهه،
آنءَ چوان ٿي، ڏوهه سهي، پر سٺو آهي سوهه.

ڪٿي نه ڪوئي ڪوندر ڏسجي، ڪٿي نه آڀري ڪنڌ،
آءٌ اڪيلو هان اوجهڙ ۾، پري پرينءَ جو پنڌ.

ڪجي نه ڪوئي، لڄي نه ڪوئي، پڇي نه ڪوئي هاءِ!
پوءِ به چوين ٿو، سون ڪي آهي تنهنجي جڳ ۾ جاءِ!

شال ڪسي سان توتي تاڻيان، تنهنجا ڪان ڪمان.
...هاءِ، پکيڙا پيارا، پيارا آڏري ويا نادان!

Gul Hayat Institute

ڏيئو ڏياريءَ جو ناهيان مان، اٿم اجالو آس،
لڇندي منهنجي لاٽ اڪيلي، گهر گهر آهه اماس.

نه ڪي هوا ۾ هيج آئي جي، نه ڪا گهٽا گهنگهور،
پيو پڪاري، ٽڙ ڪي ڏاري، ڪٿي ڪٿي ڪو مور.

وڃي ڇڏي ڪنهن نيڙي نڙي جي، گهٽجي ويا آواز،
ساٿا ۽ ويڳاڻا ٿي پيا، سڏڪي سڏڪي ساز.

ڇڙو اسان جو ڇپ ڇو آهي، ڇڙي نه تو ڇو ڇنگ!
ويو لتاڙي لاٽ اسان جي، ڪير هيو اڙٻنگ!

ساٿو ناهه، سڙهيءَ ۾ ڪوئي، ڪنهن جي آهه پڪار؟
ويا آئي آديسي شايد، دانهن ڪئي ديوار!

جهجي پيو من جهونجهڪڙي جو، سانجهي آ سنسان،
پرين، مڃان مان ڪيئن ته تنهنجو پاڇو آ انسان!

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماءُ!
ڪيئن مڃان مان، تنهنجي ڪُک مان سڪ ڇڏي وئي ساءُ!

منجهي پيا سڀ تنهنجا مانجهي، او منهنجا مهراڻ!
آءُ ڪپر تي ويٺو سوچيان، ڇاڻ هٽي ٿي پاڻ.

ڇوليون ۽ ڇڙ، ڇڙ ۽ ڇوليون، تنهنجو راڳ اٿاهه،
اپري اپري، نيٺ ڇپي ويو، جن ۾ منهنجو ساهه.

Gul Hayat Institute

ڪيسين ماڻو رهندين، پنهنجيءَ هستيءَ ڪان اڻڄاڻ،
مستيءَ ۾ آ، مستيءَ ۾ آ، موجون هڻ مهراڻ.

سدا نه رهندو ڪوبه سڪندر، ٿيندو نيٺ تباهه،
ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياهه شاهه.

پڃري پڃري، نيٺ ته تنهنجو جيءَ ڪندو جا ڪوڙ،
وسندا مينهن مٿيءَ تي تنهنجي، آٿندين نيٺ آروڙ.

اڇو اڇو، اي چرجا چاڙو، لڳي پئي اڄ لاٽ،
ڪوليو، ڪوليو هي ڪنيڙاتيون، ڳٽيو نه پنهنجا ڳاٽ.

وٽ ۾ وڇڙي ويون ڪنيڙاتيون، آيا نينهن-نسنگ!
ڪير چوي، ڇو جاڻي واٽي پڃريا پاڻ پتنگ!

پيج پئي آ، ماڪ وسي ٿي، ڪوني ڪول ڪلال،
آڻ ته پيئان، آڻ ته جيئان، جيئين سدائين شال!

بن آ سالا سال اسان جو، ڪوني ڪول ڪلال،
آئي گهٽيءَ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ قرب سوا ڪنگال.

برج پري پيءَ جيسين جيئين، گهڙيءَ گهڙيءَ جو جام،
رهي نه هي ميخانو سلندو، هيءَ مٽيءَ ناهه مدام.

اُڄ اسان جي اورانگهي، ڇو آئي آ هو هٽ،
نگر نگر ۾ ناهي جنهن جي سڌ جو ڪوئي ٻٽ!

Gul Hayat Institute

’پيءُ پيارا، او متوارا،‘ آکيو ڪنهن جي اک،
’سلي نه تو هي مڌ ڪنهن هٿ ۾، چکي انهيءَ مان چڪ.‘

’پيءُ پرانو مڌ هن مٽ مان، اوري آءُ آدل!
’هن مان ساميءَ پياس بجهائي، پيتي سُرڪ سچل.‘

مٽيءَ تي ناهه ميار، اديون ڙي، مٽيءَ تي ناهه ميار،
سيج اسان جيءَ جا سوريءَ مان اڳ ئي ها اقرار.

’منهنجي من کي ڇيري ڦاڙي، ڪلين پيو انسان،
’آءُ ته تنهنجو امرت آهيان، آڇليئه ڪيئن نادان!‘

منهنجيءَ پياليءَ تي تو پسرين، پرجهيئه ڪونه پياڪ،
رُسي وڃين تو منهنجي رس سان، تڪي رکين تو تاڪ!

منهنجي مڌ کي ميرو سمجهي، ٿُڏي ڇڏين تو ٿانءُ،
تنهنجي من کان ميرو ناهي، هٿ رکي ڏس هانءُ.

چٽنگ چُڪيءَ مان نڪتي جنهن مان نڪتا ڪيئي نڪتَ،
کهڙو مڌ هو، جنهن هيئن من ۾ پيڙ ڪايا پنيت!

پيئو جيئو اي متوارؤ! مڌ جو ناهي سٽ،
دور وڃي تو چندرما کي ڇهندو ڇايانت.

پيئو جيئو، رچي وڃي      جئن جڳ جوتيءَ ۾ جاڳ،
مڌ جي ماڻ ملي جو تن ۾، راڳ ٿيا ويراڳ.

ڪَوي 'جسيم الدين'، اسان جون دليون ڪسيون هن ديس،
چوٽي چوٽي جنهن جي چُپا، ون ون جنهن جا ويس.

نينهن لڳايو ڪنهن نچڻيءَ سان، اسان وچي ڇڱام،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ جنهن جا گهنگهرو، ڪن ٿا ڇم-ڇم-ڇام.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاو اسان جا، نگر نگر ۾ نينهن،
کهڙيون کهڙيون راتيون ماريون، کهڙا کهڙا ڏينهن!

پياليءَ پياليءَ مان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ،
کهڙي کهڙي موسل ماريان، کهڙي کهڙي ڪاڪ!

پورنماسي، 'پوري گنگا'، ٿڌڙي ٿڌڙي واءُ،
تلي پيو ٺڪور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو پڙلاءُ.

ڪَوي، اسان پرنام ڪيوسي، چميا اوهان جا پير،
ڪَوي، ڏسين ٿو ڪلجڳ آئي ڪيڏا ٿيا انڌير!

ڪَوي، ڏٺا آهن تو ڪان پوءِ ڪيڏا اسان ڪَلور!
سچ ڪي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، ماٺ رهيا منصور!

من مندر جا ديپ وسامي، آهي واس نه ڌوپ،
گهڙيءَ گهڙيءَ ڪي سيتا جو ستّ، راتيون راوڻ روپ.

هي ماڻهوءَ جو پچڙو منڙو، ڪري ٿو ڪيڏا ڪيس!
پوءِ به اسان جي ڳوڙهن آندي، اکڙين ۾ آسيس.

Gul Hayat Institute

مندر جا در کول ، پجاري، مندر جا در کول ،
اهي مورتيون وري نہ ملنديون، هيٺن نہ رُئيءَ ۾ رول .

ويا پنهونءَ جا پيرا لڙجي، ڀُري پيو ڀنڀور ،
سڻيا نہ سڏ ڪنهن تنهنجا سسئي ، هيو هوا جو شور .

ٻري پئي ڌرتيءَ جي ڇاتي، سڙي پئي مخلوق،
ٻيرين ٻري ٿي ، ڇڏ تہ ڪٿان مان ٻري اها بندوق .

مڙين نہ ٿو اي مڱڻا ! اڄ ڪلهہ رهيو نہ آ هو راڳ ،
ڇورين ٿو جي چنگ تہ چارڻ، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ .

تون هوندين، تون هوندين، سنهنجو تو سان ناهي وير،
پر هي ماڻهو، جن آ تنهنجي اوٽ ڪيو انڌير!

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو ! تنهنجو ساهہ .

Gul Hayat Institute

وسي رهي آ منهنجي وينا، پيار ڪٿي پالوٽ،
اڇو، اڇو، اي منهنجا مارو! ڏوٺو من جا ڪوٽ.

سانجهيءَ ويلي پنڇي موٽيا، روئي ڏنو ڪبير،
پنهنجي پنهنجي آ کيري شان، سڀ جي آهه اکير.

~~اوڙاڳي ائو واڳي~~ ولهه ۾ وينا تنهنجي وات،
پنهنت ٻڄيي پڙڪي، تنهنجي تن ۾ ڪوڙي ڏات!

وڄندي رهندي تنهنجي وينا، مري نه ٿيندي مات،
تون جمنا جو جهونجهڪڙو آن، تون راڌا جي رات.

ڪيهندي ايندي جن جي ڪتن-رس، سن سن وڄندي تان،
ايندا، ايندا، ايندا آخر، آهي نوان انسان.

ڪيئن ڪريان مان ڪيئن ڪريان مان، گهڙي گهڙي آ گهاءُ،
هاءِ، پرينءَ سان پريت لڳائي سري وڃان ها، ماءُ!

سار اوهان جي آئي، من تي وار ڪيا ويساک،
آپري آيو سج اوپر کان، پڙڇيون اڇليون پاک.

ڪاريون ڪڪريون پرجي آيون، پينا نه منهنجا نيڻ،
ڏسري آهي ذات اسان سان، شال نه سرچيا ميڻ.

سانوري سانوري صورت هن جي، مٺو هن جو ساهه،
هاءِ، هيو پر ٻک جو هن جي اکڙين ۾ اوڙاهه!

Gul Hayat Institute

ريج ڏنو هو هتڙي رت سان، ڪنهن ڀوريءَ جي ڀُل،
جنهن مان آسريا پيارا پيارا هي جاڻي جا گُل.

هاءِ، ٻڪيون، اڇ-ننڍيون نياڻيون، تن جي لڄ لڪاءِ،
آءُ هوا، هن ڀونگيءَ ۾، ڏيئي جي وٽ وساءِ.

ڪٿي هنيئڻ ڪانياٺي هن ڪي، ڪيئن نه ڪو ڪهڪاءُ،
ننڍڙا نينگر، هن ڪيري ڪي تو وانگر آ ماءُ!

مون چيو، ’ريتيءَ ۾ رُلندي جي ملندم چانو ته ڪيئن!‘
وار چڏيائين پنهنجا چوڙي، چڪي چيائين ’هيئن‘.

مون چيو، ’اوندهه ئي اونده آ، جڳ مان ٿيو هان تنگ‘،
هن چيو ’مان تنهنجي چانڊوڪي، اڄ اڄ منهنجي سنگ‘.

مون چيو، ’ماڻهوءَ جو ماڻهو ٿو ڪائي اڄ ڪلهه ماس‘،
هن چيو ’سُڪري جي ٻوسم آ، هلي وڻون ڪجهه واس‘.

چڪي پيو ڪو چوهو تن ڪي، سڏي پٽي ڪا سُج،
اڱتان تنهنجون اکڙيون ڏوڙيون، پٽ تان منهنجي اڄ!

منهنجون آليون اکڙيون، ڪٽهريون، جڻ جمنا جو جل،
تنهنجي صورت، وهڪ مٽان جڻ ونڙي تاج محل.

آتر آئو آ، سانجهي ٿي آ، چٽي رهيو آ چنڊُ،
ڏيئو ٻاري، واٽ نهاري، ڪنهن جي منهنجو من!

Gul Hayat Institute

مينهوڳيءَ ۾ ڪيڙي ڪنواڻيءَ تي جو چوڏهينءَ رات،
هنج اسان جي، هاڻ پرينءَ جو، گهڙيءَ گهڙيءَ جي ڳالهه.

مٺڙي مٺڙي ننڊ ڦٽائي، مينهوڳيءَ جي مات،
جهونجهڪڙو هو، نيريءَ چٽ ۾ ڪنول هنيا ٿي ڪٽ.

پوئين رات، هوا جون هيرون، متان وسي ٿي ماڪ،
چمي پٽي چانڊوڪي جنهن کي، سو مڌ پيءَ پياڪ.

هي راتيون، هي ريتيون رت جون، مري نه سگهنديون موڙ،
جنم جنم ۾ پوندو رهندو، پرين اوهان جو پور.

گهڙي گهڙي ٿي چڙهي چڪيا ٿي، جيئن ڪڏي ٿي ڄر،
تڏهن اسان مان آڳ ازل جي، ڳائي راڳ آسر.

منهنجي من مان رانجهو بڄي، نڪتا ڪيئي راڳ،
ڪن ۾ منڊڙا، مک تي مرڪيون، اکڙيون پرندڙ آڳ.

پاند اسان جو پالهو ناهي، جهڪي ته ڏس تون جهول،
اڇيا آهن اکڙين ان ۾، ڪجهه موتي انمول.

مان تنهنجو آڪاش ڇڏي، آيو هان ڌرتيءَ ڪاڻ،
جنم جنم پٽڪائج، مون کي ڪانه ڪپي نرواڻ.

آئي تنهنجي سار، هوا ۾ آ تنهنجي هبڪار،
ڏار نه آهين، ڏار نه آهين، ڏار نه آهين يار.

Gul Hayat Institute

آئي تنهنجي سار ته منهنجي مڌ ڳاتا ملهار،
پيچي پيو آ من اي ٻنڙا، وٺين ڪٿي وسڪار.

جنهن لاءِ مون اڄ نيڻ نه ٻوٽيا، سو ننڍڙيءَ جو چور،
ڪٿي گذاريندو هوندو، هيءَ ڪاري رات ڪٺور!

تون ته سڃاڻين ٿي هن کي، جنهن لڏي اسان سان لانوَ،
ڪڏهن هتي هو ويٺو آ ڇا، اڙي، پپل جي ڇانو!

اي گُل، تون ته سڃاڻين هن کي تو جهڙيءَ آ روءِ،
ويجهو آهه ويو هُو تنهنجي ڪڏهن سنگهي خوشبوءِ؟

منهنجو گهاءُ ٻ، تو جهڙو ئي گهرو آ اي چنڊ!
تو ته ڏٺو هوندو، نه رسائي جنهن کي پيار پـَچنڊ.

تو تي پير پيو آ هن جو؟ سچ چؤ، سچ چؤ وات!
ملي نه ٿو هو منهنجو مانجهي، گهمي ڏٺا مون گهاٽ.

تون ٻ ته مون وانگر جاڳين ٿو، ساري رات نکٽ،
سچ چئه، مون سان ڪوت ڪري، هن ڪٿي وڌي آ ڪٽ

چڙو وڃي پيو چانڊوڪيءَ ۾، پري پري [illegible] جو ٻار،
سري نه جن جي سيبر بنا، تن ملي نه [illegible] ديهار!

تو سان پيار ڪندي، ائين ڳوليا ٿي مون تنهنجا ڇپ،
من جي ڪارونڀار ۾ لڙهندي، ڳولي جٺن ڪو ڪپ.

Gul Hayat Institute

وَئي جواني، وَئي جواني، تيز ٻرانگهون پائي،
وهندو پاڻي، لهندي ڇايا، ڪير سگهي ترسائي؟

ڇَپر تي چنڊ ستارا ڇايا، ڳائي پڇي گيت،
ماڻهوءَ جو من ڳول، ته آهن جَر ۾ ڪيئي جيت.

ڪُڏان پيو ڪَٺ-پُتليءَ جئن مان، ڏسان نه تنهنجي ڏور،
ڪڏهن ڪَنو ٿيي، ڪيل ڇڏي هي، 'وريان مين مان اور'.

مان ئي پيئان، جلندي جيئان، مان ئي آهيان منڊ،
مان ئي لوري، مان ئي جهوري، مان ئي پنهنجو پنڊ.

مان ئي بن هان، مان ئي بنسي، مان رادا، مان شيام،
مان جمنا جون لهريون، جن تي چنڊ ڪري آرام.

وڻ وڻ ۾ آ منهنجو واسو، پن پن ۾ پڙلاءُ،
واءُ چوي ٿي، 'جهوٽو آهين، آءُ، اُڏامي آءُ'.

مان ڪويل جي ڪوڪ، ڪڏهن مان ڪاري ڪاري رات،
مان سبا اوندهه، جنهن ۾ ڪيئي ڏيئا ٻاري ذات.

پياليءَ پياليءَ مان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ،
کهڙي کهڙي موسل ساريان، کهڙي کهڙي ڪاڪ!

هن جي آلين اکڙين تي ڏس، منهنجا ٻرندڙ چپ!
وسري ويا سپ ويڙ اسان کان، ڏوهه نه ڏي ڏاهپ!

Gul Hayat Institute

ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهي، سرتيون هي سنسار،
ساري جڳ مڳ جيون سان آ، اڳتي آ انڌڪار.

پل ليءِ آهي هيءَ چانڊوڪي، پل ليءِ آهي پيار،
هن ڪان اڳتي چوليون ماري، ڪوئي ڪارونيار.

ڪوئي ڪارونيار، نہ آهي جنهن جو ڪوئي ڪٽڙ،
جنهن جون چوليون ڪونہ ڇڏينديون، ڪائي چيز آمر.

آيو موت تہ روح مري ويو، جسم ٿيو آزاد،
مٽي اول، مٽي آخر، مٽي زنده باد!

مرنداسي تہ مٽيءَ سان پنهنجي جڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوارا ايندا، هٽندا تن جي هام.

مرنداسي تہ مٽيءَ سان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب،
ڪڙندا ٿڙندا جن ۾ پنهنجا بسنت رُت جا خواب.

مرنداسي تہ مٽيءَ تي پنهنجي چنڊ ڪندو چانڊاڻ،
ساھ اسانجي سانيي جا، سا سونهن ڪندي سرهاڻ.

مرنداسي تہ مٽيءَ جو پنهنجي ويندو دور غبار،
چنڊ ٿري چوڏار چميندو پيو اسان جو پيار.

مرنداسي تہ مٽيءَ سان پنهنجي، ملندو هي مانڊاڻ،
ڪتيون اسان جي ڪيچ ۾ هونديون، چنڊ اسان سان ساڻ.

Gul Hayat Institute

## گيت

آءٌ وهائيءَ ويل،
گهڙيءَ جا ميل ـ محبت ڪنهن جي ناهي رهندي!

ڪنهن جي ناهي جُوءِ،
مگر خوشبوءِ ـ سدائين اُٿي ھير الهندي.

پورو ٿيندو پنڌ،
سنڌءِ سوڳنڌ ـ حياتي ويندي کهندي کهندي.

او، منهنجا محبوب،
سندم مطلوب ـ آئي جي واءُ وڃي ٿي ڪهندي.

چاڻان ٿو انجام،
پري ڏي جام ـ جواني چانڊوڪيءَ جئن لهندي.

Gul Hayat Institute

(٢)

ڦٽڻ لڳي آ سيندي سڙڻا،
نيڻن جهليو آ پور ـ ڪيسين رهندين دور!

پريت اسان جي نه رهي، نه رهي،
سونهن سرنهن جي سرهي سرهي،
من ڪي ڪيو مجبور ـ ڪيسين رهندين دور!

بوند اکين مان نه ڪِري، نه ڪِري،
اولهه ڪان آئي جو ڪڪري،
برسيا سي پرپور ـ ڪيسين رهندين دور!

تو ليءِ ساهه ائين سيڏائي،
جهونجهڪڙي جو جيئن واجهائي،
چاني لاءِ تلوُر ـ ڪيسين رهندين دور!

منهنجي آس، ڏکن جو ڏيئڙو،
منهنجو هر سانجهيءَ اوسيڙو،
سَري نه سگهندو سُور ـ ڪيسين رهندين دور!

ڦٽڻ لڳي آ سيندي سڙڻا،
نيڻن جهليو آ پور ـ ڪيسين رهندين دور!

Gul Hayat Institute

( ٣ )

محبت نہ ڪڏهن ماتا ڪئي موت، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ !
ٽڙي آهہ رتن جوت نہ ڳن ڳوت، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ !

هلي آءُ، نوان ڏينهن، نوان نينهن، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !
هلي آءُ، پيا سينهن، پينا ڏينهن، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !

سندم سونهن، سندم ساهہ، هلي آءُ، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !
نئون چنڊ، نوان چاهہ، هلي آءُ، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !

نئين رات، نئين بات، هلي آءُ، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !
نئين تانگهہ، نئين تات، هلي آءُ، هلي آءُ ـ
هلي آءُ، هلي آءُ !

Gul Hayat Institute

جهلي لاٽ، ڏسي واٽ، ٽڪا نيڻ، هلي آءُ ـ
نہ ڏي ويڻ، هلي آءُ !
جڙين شال، سڱي وچ نہ جئين سيڻ، هلي آءُ ـ
نہ ڏي ويڻ، هلي آءُ !

ڏسي آس سندم پياس، آچي اوٽ، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ !
محبت نہ ڪڏهن مات ڪئي موت، هلي آءُ ـ
سندم هوت هلي آءُ !

Gul Hayat Institute

( ٣ )

آءُ، سَرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ ــ آءُ، پرين آءُ !
هاءِ، ڪَهي تو بنا چڻ تہ اتر واءُ ــ آءُ، پرين آءُ !

ننڊ ڪريون نينهن ۾، آءُ، پني رات آهہ،
آءُ، لڪي لاڏلا، تانگهہ سنڌءَ تات آهہ،
آهہ هتي ڊپ نہ ڊاءُ ــ آءُ، پرين آءُ !

پنڌ پيو آنهہ، چا! چنڊ هنئين چو ٻڙي،
آءُ سپاجها سڄڻ! آءُ گهڙيءَ ليءَ گهڙي ؟
چنڊ اُڀيان ڪر چناءُ ــ آءُ، پرين آءُ !

ناچ ڪندي، مرڪندي، ڏينهن ٻہ ني زندگي،
نيٺ آجهاسي، آلا، ڏينهن ڪئي زندگي،
آهہ ڪَتيءَ جو آلاءُ ــ آءُ، پرين آءُ !

راند رمون روح جي، آ تہ محبت ڪريون،
سونهن سرنهن جي چنون، هانڊ پيرهہ جو پريون،
هاءِ، سوا تو هگاءُ ــ آءُ، پرين آءُ !

آءُ، پني آ هوا، مينهن پيا، آءُ !
آءُ، ملاقات ۾ ڏينهن پيا، آءُ !
آءُ ! سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ !
... آءُ، پرين آءُ!

Gul Hayat Institute

( ۵ )

رات انڌيري، واءُ ڏڏيري، اَڀ تي تارا ڇايا ـ
هاءِ، پرين ياد آيا!

جهرمر وارا، پيارا پيارا، نيريءَ گهرائيءَ ۾ تارا،
مون جئن اک ۾ نہ لاتائون ٿي، پل پل جهاتيون پاتائون ٿي؛
آهي نيڻهن ۾ ننڊ جو ويري، جاڳي مون جاڳايا ـ
هاءِ، پرين ياد آيا!

ڏيئا ٽيواٽي تي مون ٻاريا، لنگهي ويا سڀ ان تان ڏاريا،
آس نہ لاٿي، ٻاس ۾ ٻامي، گذري وئي ۾ ٻي چوماسي؛
جئن جئن پوءِ، تئن پياس گهٽيري، آتا هاءِ آڇايا ـ
هاءِ، پرين ياد آيا!

پوئين پهر فضا گهوماٽي، جهلڪي تي ٿي سرد ڏياٽي،
ڪاريون ڪاريون هو گهرايون، وَٽ ڪاٺيندي جئن لهرايون؛
دور ڦٽي تئن ٻاک پليري، ڳرجا گهنڊ وڄايا ـ
هاءِ، پرين ياد آيا!

Gul Hayat Institute

( ٦ )

آهه پري تہ نہ گهات -
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

پاڻيءَ جي ڇاتي ڇلڪائي،
ڇُن ڇُن پيڙي لوڏا کائي،
پل پل تنهن پاسا بدلائي،
ڪاري ڪاري رات -
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

وهندي ڏارا ڪَنهدا تارا،
سرءِ جا پاڇا ڪارا ڪارا،
آيا پل پل ياد پيارا،
اوندهہ ۾ چمڪات -
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

ڏيهہ ڇڏي پرڏيهہ هلياسين،
ڪنهن نہ جهلياسين، ڪنهن نہ پلياسين،
ڪنهن سان دل جا گجهہ نہ سلياسين،
دل ٿي ڪائي قات -
هوريان هوريان ونجهہ هلاءِ!

Gul Hayat Institute

(٧)

منزل آهي دور، ملاح! رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – ۽ ڪونج وڃي ٿي لوندي!

ٻڏي ويو جي دور ستارو، پنهنجي اوندهه جو آجيارو
ڏيندو سيج ۾ ڪير سهارو؟ آهي لڳ لڳ ڇڙُور، ملاح!
··· رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – ۽ ڪونج وڃي ٿي لوندي!

هُن ڪي ڪونج نياپو ڏيندي، پوءِ ته ڪنڌيءَ تي پڄندي ايندي،
هن بن عمر الا ڪنهن ڏيندي؟ هي ٻيڙيءَ جو پور ملاح!
··· رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – ۽ ڪونج وڃي ٿي لوندي!

جاڻ پرينءَ جي پار پگاسي، آهه ويو جو وڻ وڻ واسي،
ڏس پهتاسي، ڏس پهتاسي! ڏس، هو ساموهون گهوُر، ملاح!
··· رات وڃي ٿي پوندي:
رات وڃي ٿي پوندي – ۽ ڪونج وڃي ٿي لوندي.

Gul Hayat Institute

(٨)

نيهہ ناهہ جواني، او يار...
آءُ گهڙي پل پيهي، آءُ پرين پرڏيهي!

آيون ساوڻ جون برساتيون،
رم جهم واريون ڪاريون راتيون-
تو بن دل ديواني، او يار...
آءُ گهڙي پل پيهي، آءُ پرين پرڏيهي!

جڻ آهہ ڪنول تي بوند پئي،
ڏس چاڻ وَئي، او چاڻ وَئي-
عمر اسان جي فاني، او يار...
آءُ گهڙي پل پيهي، آءُ پرين پرڏيهي!

نهر اهائي، لهر ڪٿي آ؟
گذري ويو جو پهر ڪٿي آ؟
آهي آني جاني، او يار...
آءُ گهڙي پل پيهي، آءُ پرين پرڏيهي!

اچ تہ اکيون گوڙها، ڳالهايون،
ڳل ڳل سان، من من سان لايون-
نينهن چڱي ناداني، او يار...
آءُ گهڙي پل پيهي، آءُ پرين پرڏيهي!

Gul Hayat Institute

( ٩ )

پڇي ڪيئن پکيڙو ! ... چنڊ چڙيو ڪيو آهي .

پرين ويو پرديس پري ،
رت ساوڻ جي آئي، او آلا !
جنهن وقت وسڻ جا ويس ڪري ،
برسات پئي ،
ڪنهن ڪوڪ ڪئي—
هيءَ ڪويل ڪنهن گهائي، او آلا !
جلي ويو جو جيئڙو، بس اکڙين کي ناهي
پڇي ڪيئن پکيڙو ! ...چنڊ چڙيو ڪيو آهي .

او، ڪاريون گهٽائون ترسوها ،
هيءَ ڪنهن جي ياد آئي ، او آلا !
او، مست هوائون ترسوها ،
هڪ ڳالهه سڄو ،
هن ڏانهن وڃو—
جنهن لڱونءَ لونءَ لئون لائي ، او آلا !
ساهه جنهين سان سيئڙو ، سنهي سئيءَ سان ناهي—
پڇي ڪيئن پکيڙو ! ...چنڊ چڙيو ڪيو آهي!

Gul Hayat Institute

(١٠)

تنهنجي تات تنوار،

اج تہ تمنا تن ۾ لاتي،
اج تہ محبت جهاتي پاتي!
چايا سينگهہ ملار! تنهنجي تات تنوار...

اج تہ آجايا روز ازل جا،
تنهنجن چهرن تي جو پهتا،
پياس بجهائيي پيار! تنهنجي تات تنوار...

اج تہ سُتل سڀ راڳ جڳايا،
تن جي تارن ۾ ترڪايا،
منهنجي ماهہ ستار! تنهنجي تات تنوار...

من ساگر تي چانئيي سانجهي،
اونهيي اونده منهنجا مانجهي،
جنهن جا آر نہ پار! تنهنجي تات تنوار...

تون منهنجو مان تنهنجو ساحل،
ڪيسين جهاگيندي رهندي دل،
موجون ۽ منجهڌار! تنهنجي تات تنوار...

Gul Hayat Institute

(١١)

ساري رات ستارا جاڳيا،
ديس سڄو، دل وارا جاڳيا! —

پنهنجي پنهنجي چنڊ جون هر ڪنهن،
ڳالهيون ڳاتيون،
جهاتيون پاتيون؛
تڪجي نيٺ ٿيا نند هاڻا،
آئي ننڊ ته روح آڏاڻا!
پنهنجي پار پرينءَ کي هر ڪنهن،
پل پر پاتو،
ڇاتيءَ لاتو!

ساري رات ستارا جاڳيا —
ديس سڄو، دل وارا جاڳيا!

Gul Hayat Institute

(١٢)

سيڪا سومل، سيڪو راڻو–
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

لڙڪ ٻه سڀ ڪي مرڪ ٻه سڀ ڪي،
سونهن پياري سُرڪ ٻه سڀ ڪي،
پيار ٻه سڀ ڪي پور ٻه سڀ ڪي،
نينهن ڏنا ناسور ٻه سڀ ڪي،
هار ٻه سڀ ڪي جيت ٻه سڀ ڪي،
مٺڙا ميت ٻه سڀ ڪي،
سڀ ڪي ڳوڙها ۽ ڳاراڻو!
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

سيڪا سومل، سيڪو راڻو–
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

Gul Hayat Institute

(١٣)

هڪڙي مکڙي، سئو پنکڙيون
هڪڙو چنڊ، هزار چڪور!

ڪنهن جي من ۾ راڳ اچي ٿو،
جنهن تي سارو ڏيهہ نچي ٿو!

ڪنهن جي لونءِ لونءِ جي ڪا لوري،
ساري جيون جيي چت-چور!

هڪڙي مکڙي، سئو پنکڙيون-
هڪڙو چنڊ، هزار چڪور!

Gul Hayat Institute

(١٤)

تون مان آهيون يار، او چنڊ -
اڄ ته رُلون گڏ راتيون!

تنهنجو منهنجو گهاٽ ۾ ساڳو،
صدين جو سوداءُ ۾ ساڳو،
ٻئي اونده تي وار، او چنڊ -
اڄ ته رُلون گڏ راتيون!

تون مان آهيون ٻئي هرجائي،
ٻئي سيلاني، ٻئي سودائي،
بيگانا، بيزار، او چنڊ -
اڄ ته رُلون گڏ راتيون!

روح نه ريجهي تنهنجو منهنجو،
پنڌ پرهه ڏي تنهنجو منهنجو،
پرين پرانهين پار، او چنڊ -
اڄ ته رُلون گڏ راتيون!

تون مان آهيون يار، او چنڊ -
اڄ ته رُلون گڏ راتيون!

Gul Hayat Institute

(١٥)

## تنهنجي ياد ڀئي آئي!

تنهنجي ياد ائين پيدا ٿي، جئن ڪا آڏنڊ ڪنولي لاٽي،
صحرا ۾ ڪنهن سودائي –
تنهنجي ياد پئي آهي!

جئن نه سرءَ ۾ سُڪجي ٻن ٻن، واءَ لڳڻ سان ڇيڙي 'ڇن ڇن'،
ياد ائين دل ڌڙڪائي –
تنهنجي ياد پئي آئي!

تنهنجي سن جئن گهري ڪاري، جاڳيندي وئي رات انڌاري،
تارا ها، ۽ تنهائي –
تنهنجي ياد پئي آئي!

Gul Hayat Institute

(١٦)

گذري وئي برسات،
تو بن گذري وئي برسات!

بادل گرجيو، بجلي ڪڙڪي، مينهوڳيءَ جا جهلڪا آيا،
ڪجھ اک ڦڙڪي، ڪجھ دل ڌڙڪي، من تي پل پل الڪا ڇايا،
آلاڻي، آلاڻي، ڪاڻي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئي برسات،
تو بن گذري وئي برسات!

منهنجي من جئن سوڳا تارا، جهڙ جيي جهاڳ ڏسي گهبرايا،
آس ٻه ٽمڪي، جهمڪي بيارا، جئن جئن تن جا جهلڪا آيا،
چپ تي نينهن-نياڻي ڪاڻي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئي برسات،
تو بن گذري وئي برسات!

Gul Hayat Institute

ڪلنديون ڪوئيون، ٽلندا بادل، پل ۾ وڇندا پڇندا آيا،
وسڪارو وڄ، پاڻي جل ٿل، موت پٺي جڻ ڏند ڏڪايا،
ٻک ۾ موت، جياپي ڪاڻي،
ڪاري ڪاري رات...
گذري وئي برسات!
تو بن گذري وئي برسات!

(١٧)

گھنن گھنن، گھن گھن، گھن گھن گھن،
ڏنن ڏنن، ڏن ڏن، ڏن ڏن ڏن !

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل !
ڀيو ڀيو سيءَ جا ستوارا، جيو جيو ڌرتيءَ جا پيارا !
ڇنن ڇنن ڇن، پيالا ڇلڪن –
گھنن گھنن، گھن گھن، گھن گھن گھن !

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل !
جُڳ جُڳ کان آ ڌرتي پياسي، سمين سمين آئي چؤماسي !
گھڙيءَ گھڙيءَ ليلايو لڙڪن –
گھنن گھنن، گھن گھن، گھن گھن گھن !

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل !
ڪلهه ڪلهو اي ڪوڏيون ڪيريون، رلو ملو اي ڪڪريون ٽيريون !
ٽيلو ٽيلو اڄ گلشن گلشن –
گھنن گھنن، گھن گھن، گھن گھن گھن !

گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل !

Gul Hayat Institute

(١٨)

پاپيهو ٻولي!

جهار نہ هنڙي ڪوئي هڪلي،
ڪير جهجي جهولي-
پاپيهو ٻولي!

تيسر هيٺان نينگر وهنجي،
وار چڏيا کولي-
پاپيهو ٻولي!

چمڙيءَ کي جو مهني مهني،
آڳ لڳي چولي-
پاپيهو ٻولي!

ساري رُت من توکي ساري،
توکي ٿي ڳولي-
پاپيهو ٻولي!

Gul Hayat Institute

(١٩)

ٻري ٻري ڏي چر سان، چاڙو!
ٽڏو ٽڏو ڪو ٽانءُ!

ڏنو سنيهو ڪنهن لئه ڏاهي،
پنهنجو ڪوئي سپرين ناهي،
ناهي پنهنجي پريت ڪنهين سان،
لنوي ٻيو ڇو ڪانءُ!

پيارا پيارا نينهن وساريا،
کهڙا ڏينهن وساريا،
ويا اسان کان وسري، تن جو
ونسي نه ڪوئي نانءُ!

ڪنهن سان تنهنجو پيار ٿيو آ!
چنڊ به ڪنهن جو يار ٿيو آ؟
ڪنهن لئه ٿو ڪنڀڙاٽيون ڪوهين!
ٿيو نه جنهن جو ٿانءُ!

Gul Hayat Institute

مڏ پيتو، مسرور ٿياسي،
ڏک سک سڀ کان ڏور ٿياسي.
آءُ ته جهولون، آءُ ته جهولون،
ٿيو هندورو هانءُ!
ٻري ٻري ڏي چر سان، چاڙو!
ٽڏو ٽڏو ڪو ٽانءُ!

(٢٠)

او منهنجا چت چور،
پل پل تنهنجا پور پيا!

تون اُئن چائين منهنجيءَ دل تي-
لهريون واريءَ تي واريندئين،
سپ جا پيرا ميساريندئين،
لهرائون ٿي جيئن ساحل تي،
ڀرجي ويا جئن پور،
تئن منهنجا ٻه خيال ويا:
او منهنجا چت چور،
پل پل تنهنجا پور پيا!

سڄ پاڻيءَ ۾ غوطا کائيي،
دنيا جي ٻئي پار ويو هو،
سانت سڄو سنسار پيو هو،
تنهنجي ياد پئي جو آئي،
رات پئي گهنگهور،
ننڊ پيا ها پيـر هـَيا!
او منهنجا چت چور،
پل پل تنهنجا پور پيا!

Gul Hayat Institute

(۲۱)

سنھنجا پرين !
او بانورا ! او سانورا !
گهر ۾ گهـرين ،
چوري ڪرين، ڪلندو ورين،
مان لک ڇوان، پيرين پوان ،
پر جو سڙين ، او شل جـڙين !
سنھنجا پرين !
او بانورا ! او سانورا !

سورج ويو جئن ڊرڪندو ،
۽ شام لهرايون ـ ڇڳون،
آئين نظر تون ڊرڪندو...
ڪيڏيون نہ گهرايون هيون،
سنھن ۾ سندءِ اي آشنا !
سو سو سنيها جن ڏنا !

جئن ڪنگ اڏريا واءَ ۾ ،
ڦرنديون ڪريون، ڪنيڙيون ڪٽيون،
ٽي ويا ڇلا ڦهلاءَ ۾ ،
جئن ڏنڊ ۾ لهريون اٿيون ،
تهہ ۾ نظر آئين پئي،
وهہ تي بہ لهرائين پئي...

Gul Hayat Institute

## گيتَ

پرَرَ رات ڦهلايا جڏهن،
تارا ٿيا تارا سندءِ
وڻ سانت ۾ آيا جڏهن،
آيا نظر چارا سندءِ
ڪڏري ائين ٿي رات وئي،
تن مان نہ تنهنجي تات وئي...

ڪن ۾ ڪسي دلڙي وئين،
زورآوري پنهنجي ٻہ ڏس!
مهنا ٿيا جو منهن پئين،
ڏيساوري پنهنجي ٻہ ڏس!
لَنءُ لائجي، پريائجي،
پوءِ چو ائين گهبرائجي!

منهنجا پرين!
او ٻانورا! او سانورا!
ڪِين ۾ ڦرين،
ويندو رهين، لک ڏو لهين،
مان پٽي چوان پيرين پوان،
پر جو مڙين، او شل جڙين!
منهنجا پرين!
او ٻانورا! او سانورا!

Gul Hayat Institute

(٢٢)

وسُ وسُ، وسُ وسُ، وسَ ڪر مينهن،
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيي!

سوڪ وئيي ٿي ساري ساري،
آپ سان اک نہ ڪڍي ٿو هاري،
ڏس هيءَ وڻ جي ٽاري ٽاري،
هٿ ڦهلائي جڻ ڀيڪاري،
سڙڪون لَٽَ ۾ ليٽيون پيٽيون،
آٽ-ڳاڏيءَ سان چڙ تہ ليپٽيون،
گسَ سان آيري نڪتو نينهن-
پرتا وِ چڙيا سائي!

وس وَس، وس وس، وس ڪر مينهن-
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿي!

Gul Hayat Institute

سس سس آپ تي بادل ڇايا،
اندر جا جهنڊا لهرايا،
تن تي ڇايا بدلي ڪايا
نازڪ دل وارا گهبرايا،

نانگڻ نڪتي يا وڄ چمڪي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ٻرڪا ڇمڪي،
ڏس تہ سهڻي ڇڻ ڪجندا شينهن –
ٻڄندا مڪنا هاٿي!

وس وس، وس وس، وس ڪر مينهن –
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيي!

خوش هوندا سڀ ٻيڪي وارا،
وچڙني ٿيا ٿي مهنا سارا،
ٻورا ٿيندا جڻن لاٻارا،
ملندا شهري سيت موچارا،
ساجهر آن جون ڳاڏيون هلنديون،
ٻرجي ڏڌ جون چاڏيون هلنديون؛
ڏسندي ڏسندي لنگهندا ڏينهن –
آس نہ آ مون لاٿي!

وس وس، وس وس، وسّ ڪر مينهن –
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿيي!

Gul Hayat Institute

(٢٣)

سمجھئي ڇا آهي سنسار؟

ٿيندي شام، شفق ڇانئيندي،
ڇولي ڇولي جھلڪا ڏيندي،
ڪجھ مائيٽا،
جھيٽا جھيٽا،
ويندي گيت ندي ڳائيندي،
ٻکھہ پَر کولي،
ٻوليِ ٻولي،
ٻس اڏري ويندا ٻئي پار،
ھڪٻئي کان ٿي ويندا ڌار—
سمجھئي ڇا آهي سنسار؟

ڪونج اُفق ۾ رُلندي رُلندي،
ساٿي ڳوليندي دک ڀُلندي،
لڙندي لڙندي،
ٿڪجي ٻوندي،
ٻوئين واءَ مرڪ جي کھُلندي،
ڇنبا ٻيجا،
کيت ڇٽي جا،
ٻربا پاڻيءَ مان ٿمنار،
داڻي مان ٿيندو انبار—
سمجھئي ڇا آهي سنسار؟

Gul Hayat Institute

ٿيندا ساوڻ جا وسڪارا،
پل پل ايندا ياد پيارا،
ڪاريون راتيون،
۽ برساتيون،
گجندا بادل ڪارا ڪارا،
ڇانئيندو جهڙ،
وسندي ڦڙ ڦڙ،
بوندون ڪِرندي ٿينديون ڌار،
ڪا ب نه لهندي ڪنهن جي سار-
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

ڪن پل تنهنجو منهنجو ميلو،
روح گهڙيءَ ليءِ ڏيندو ريلو،
سڀ اتفاقي،
ڪجهه ب نه باقي،
تون ب اڪيلي مان ب اڪيلو،
هي ماندان،
سڀڪجهه ڇاڻ،
سڀڪجهه ڇانوڪي ۽ پيار،
من ڪان اگتي آ انڌڪار-
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

Gul Hayat Institute

آهه بهشت به ساڳي دنيا،
۽ دوزخ به نياڳي دنيا،
جنهن جنهن ماڻي،
سا سا ڄاڻي،
جنهن جنهن آهه تياڳي دنيا،
سا جوڳياڻي،
چاڻي واڻي،
ڀاتو آ تنهن دک جو هار،
سيرڪي ويڃهو آ دلدار.
سمجهئي ڇا آهي سنسار؟

Gul Hayat Institute

(۲۴)

جيون-نَيا مٺڙي سُرُ ۾ پئي ڪجهه ڳائي،
سانجهي سهڻي آ هستيءَ تي، ڪارا پَرَ ڦهلائي،
ڪِوهيري ۾ ڪونج آفق تي پرڙا ٽيِي ڦڙڪائي:
آشا-ديپ جلائي-
هن نيٽا جي وَهم تي ويو ڪو آشا-ديپ جلائي

هوريان هوريان هير نديءَ تي لاٿَ پئي لمڪائي،
پاڻيءَ ۾ ٻاچو چوڏاري جوت پيو ڦهلائي،
چولي، ڏيئي سان ٽڪرائي، تيل پئي چلڪائي:
پل پيو لوڏا کائي-
... هن دنيا جي وَهم تي ڏيئو پل پيو لوڏا کائي!

ڏس ته مٿان آڪاش پيو ٿو ڪيڏا ديپ جلائي-
هڪڙو ڪو ٽئي، پيو نڪري، تارن سان راند رچائي!
تنهنجو ڏيئو غرق ٿي ويو جي جڳ کي جرڪائي،
دل نه سنڌءَ گهبرائي:
هن نيٽا جي وَهم تي ڏيئو پل پيو لوڏا کائي

Gul Hayat Institute

(٢٥)

پيئو! پيئو، پيئو ڙي يار!
جيئو، جيئو، جيئو ڙي يار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

ڏينهن نه ساڳيا، نينهن نه ساڳيا، منڊ نه ساڳي، مينهن نه ساڳيا:
ڪنهن جا ڪنهن جا ڏک سارينڊؤ، ڪيسين گذريءَ ۾ گهارينڊؤ:
ستي آ وهه، جو وهه تي وارُ!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

چنڊ نه ساڳيو، رات نه ساڳي، بوند نه ئي برسات نه ساڳي:
هر شيءِ ۾ ڪا ياد رهي ٿي، ڏاهپ جنهن جا ڏنگ سهي ٿي:
ڏک جي ڏولي، سک جي سار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

روپ نه پل لئيءِ رنگ نه پل لئيءِ، سات نه پل لئيءِ سنگ نه پل لئيءِ:
هار نه پل لئيءِ جيت نه پل لئيءِ، سنڙا سنڙا سيت نه پل لئيءِ:
جڳ ٿي پل جو آهه پسار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

پيار پکيئڙو هو پرڏيهي، آيو هو پڃري ۾ پيهي،
نيٺ اڏاسي ويو ٿي پار- جو نه پکيڙيون پيا ڪي چار:
ڪيئي پکيئڙا، لک هزار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

Gul Hayat Institute

## گيت

مکڙيون ميڙي ڍير لڳايو، متي چڙ ڪايو، ساز وڄايو:
ناچ وڄهو، گهنگهرو ڇمڪايو، ڳايو، ڳايو، غم کي کهايو:
مهڪو ڇهڪو، ٻهڪو يارا
پيئو ڙي يارا جيئو ڙي يارا

Gul Hayat Institute

(٢٦)

ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳ؟

رات انڌيري، ويل اويري،
چنڊ ستارا منهنجا ويري ـ
ڪڏهن اچي سون سان مل سائين، پُٺي پيو آ پاڳ،
ڪٿي آ منهنجي......

ويهي ونجهه هٿان سان ڪيسين،
لهرين ساڻ لڙان مان ڪيسين ـ
سُجهي نه ڪوئي ساحل سائين، سامهون سمنڊ اجهاڳ،
ڪٿي آ منهنجي......

سات انهيءَ جو سنگ انهيءَ جو،
نينهن انهيءَ جو ننگ انهيءَ جو ـ
ڳولا ۾ آ شامل سائين، سون سان منهنجو راڳ!
ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳ؟

Gul Hayat Institute

(٢٧)

تون مون کي، مان توکي ڳوليان،
لِکي ليئا پايان،
واجهه وجهي واجهايان!

آگ ازل جي! آگ ازل جي!
آءُ تہ توکَي ڳايان،
سُر ۾ سوز سمايان!

ساري رات سڄڻ مان سوچان،
تارن کي ترسايان،
ڳالهہ ڳجهي ڳالهايان!

سور سوين مانڊي مان تڙقان،
توکي ئي تڙقايان،
لونءَ لونءَ منجهہ لُڇايان!

چنڊ! سندءِ چانڊوکي آهيان،
پاڇو تي پڇتايان،
چؤ، توکي ڪيئن چايان!

تون مون کي، مان توکي ڳوليان،
لِکي ليئا پايان،
واجهه وجهي واجهايان!

Gul Hayat Institute

(٢٨)

آيس آيس آيس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

پنهنجا پيارا ساٿ ڇڏي ويا،
چنڊ ستارا ساٿ ڇڏي ويا،
اونداهيءَ اڪايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

سک جا سندر سپنا ساريم،
سن ٿي من ۾ ڏيئا ٻاريم،
پل پل واءُ وسايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

مٺڙا ساٿهو مرڪڻ وارا،
لوڻ ڦٽن تي ٻرڪڻ وارا،
گهڙيءَ گهڙيءَ جن کهايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

آهي راحت رڻ جي ريتي،
اڄ ۽ رڄ جي ڏيتي ليتي،
گهڙيءَ پل پڪايس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

Gul Hayat Institute

جهولي خالي، آلي آلي،
آس اکين ۾، ساهه سوالي،
آخر تو ڏي آيس، او—
آيس آيس آيس، او—
سڏ سڻان ٿو تنهنجا، سائين!

Gul Hayat Institute

(٢٩)

من ۾ مڌ جي پياس ڀَري-
شام وري آئي ـ

مَڌ جي جوت جَلي جيون ۾،
چَنَنَ چِنَنَ ٿي منهنجي چِتَ ۾،
ڪنهن جي ڦيري نيرت-ڀري،
رڳ رڳ جاڳائي!
شام وري آئي ـ

نيل-ڪنول جئن انگ ۾ ساڳيا،
من ۾ سست آمنگ ۾ ساڳيا،
نچي نچي تنهن دور ڏري
منهنجي تنهائي-
شام وري آئي.

من ۾ مڌ جي پياس ڀَري-
شام وري آئي ـ

Gul Hayat Institute

(٣٠)

پري پرينءَ جي لوءِ! آلا او لوءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

سُري پتڙ تي آئي سانجهي، پکڻ نہ آيا پار،
نيٺ تہ ايندا منهنجي من جا مانجهي اي منجهڌار!
آيا ڪونہ تہ پوءِ! آلا او پوءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

ڪڏهن ڪا ڪڪري آئي، مگر نہ ٿي وسڪار،
آهيون رڻ جا روجهہ، تڪيون ٿا ڪارا ڪارونيار،
وَسي نہ ڪوئي ووءِ! آلا او ووءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

ڪڏهن تہ ايندو چنڊ اسان جو، اڇي ڪندو چانڊاڻ،
ساريون راتيون جنهن سان رهنديون، پنهنجي روح رهاڻ،
هينئون انهيءَ سان هوءِ! آلا او هوءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

Gul Hayat Institute

پريا اسان جي من تي ڪيئي ڏڪڙا ڪيئي ڏاڍ،
پوءِ بہ انهيءَ جي خوشبو آهيون، آهہ انهيءَ جي آڌ،
سارا انهيءَ جي سوءِ! آلا او سوءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

پري پرينءَ جي لوءِ! آلا او لوءِ…
ووءِ ڙي ووءِ!

(٣١)

ڀري ڏس، ڀري ڏس، منهنجو جام،
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

پيالي ۾ چاندوڪي آهي،
ان ۾ ڪوئي ڪفر نه ناهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام:
پيءُ انهيءَ مان، جڳ جڳ جيءُ!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

جي تنهنجي دل ماندي آهي،
آءُ ازل کان آندي آهي
هيءُ سيءَ جنهن تي آ الزام،
جيءُ چوي ٿو جنهن کي جيءُ!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

آ، ماڻهوءَ جو پيار ڀري پي،
هي سهڻو سنسار ڀري پي،
برهه ڪري جنهن کي بدنام،
تون نه اهو متوارو ٿيءُ:
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!
ڀري ڏس، ڀري ڏس، منهنجو جام!
ڀري ڀري او پياسا پيءُ!

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## ڇيچ

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، پرين تو تہ ڏٺو ناھ!
سندس روپ، سندس رنگ، اٿين آھ جٿين تون!

اڙي رات، اڙي رات، پرين تو تہ ڏٺو ناھ!
سندس وار، سندس ونگ، اٿين آھ جٿين تون!

اڙي ڦول، اڙي ڦول، پرين تو تہ ڏٺو ناھ!
سندس رنگ، سندس انگ، اٿين آھ جٿين تون!

اڙي ھير، اڙي ھير، پرين تو تہ ڏٺو ناھ!
سندس ساٿ، سندس سنگ، اٿين آھ جٿين تون!

اڙي نانگ، اڙي نانگ، پرين تو تہ ڏٺو ناھ!
سندم ڏاھ، سندس ڏنگ، اٿين آھ جٿين تون!

Gul Hayat Institute

(۲)

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!
اي پيار، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ!

هيءَ هيج ڀري سيج، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي چاهه ڀريو ساهه، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي سنگ ڀريا انگ، هلي آءُ، هلي آءُ!
هي نينهن ڀريا ڏينهن، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ ڌير ڀري هير، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ ڏات ڀري لات، هلي آءُ، هلي آءُ!
هيءَ سوچ ڀري لوچ، هلي آءُ، هلي آءُ!

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!
اي پيار، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ، ڀلي آءُ!

Gul Hayat Institute

## وايون

آءٌ، زندان جي جهروڪي مان نهار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

آسمان مان ڪِري ٿو چانڊنيءَ جو آبشار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

ھن جهان تي ڪري ٿي وار، ڪويل جي پُڪار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

هيءَ هوا، هي هيج، هي سامهون ڪجورين جي قطار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

چنڊ تنهنجي لاءِ سيخن مان نهاريو بار بار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

تون ڪڙين ۾ ئي ڪٽڏي سگهندين گهڙيءَ جي لاءِ يار!
ڪهڙي پياري رات آهه!

ڳاءِ پيارا: هيءَ در و ديوار ناهي پائدار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

آءٌ، زندان جي جهروڪي مان نهار—
ڪهڙي پياري رات آهه!

Gul Hayat Institute

(٢)

ترس اي حسنِ ازل ـ
اج تہ منھنجو روح رڄجي ٿي نٿو!

ترس اي پردهٔ نشين پرِدو هٽائي چار پل ـ
ترس اي حسنِ ازل !
اج تہ منھنجو روح رڄجي ٿي نٿو!

هيءَ هوا، هيءَ رات ۽ هيءَ آرزو دل ۾ آجهل،
ترس اي حسنِ ازل !
اج تہ منھنجو روح رڄجي ٿي نٿو!

چنڊ، تنهنجي لاءِ آهن منتظر منھنجا ڪنول ـ
ترس اي حسنِ ازل !
اج تہ منھنجو روح رڄجي ٿي نٿو!

ترس، تو مان ڪجهہ تہ ڏاڍن هاءِ هي اکڙيون پينل ـ
ترس اي حسنِ ازل ـ

اج تہ منھنجو روح رڄجي ٿي نٿو!

Gul Hayat Institute

( ٣ )

هر محبت جي مزار،
وقت ڪوٺيندو رهي ٿو، ڏينهن رات.

چنڊ ڪان پڇ، جنهن جي ٻاجهه ۾ ٿين ٿا ڪيئي پيار-
هر محبت جي مزار،
وقت ڪوٺيندو رهي ٿو، ڏينهن رات.

رات ڪان پڇ، جنهن ۾ آهن زلف ڪيئي مشڪبار-
هر محبت جي مزار،
وقت ڪوٺيندو رهي ٿو، ڏينهن رات.

هير ڪان پڇ، جنهن برهه جي باهه ڪئي ڪيو بيقرار-
هر محبت جي مزار،
وقت ڪوٺيندو رهي ٿو، ڏينهن رات.

تون به تنها، مان به تنها، ڪوئي ڪنهن جو ناهه يار!
هر محبت جي مزار،
وقت ڪوٺيندو رهي ٿو، ڏينهن رات.

Gul Hayat Institute

( ۴ )

تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

تنهنجون اکڙيون تنهنجي ڏاهپ جون ڏياٽيون ٽيون مدام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

رات مون کي چنڊ پهچايو هيو تنهنجو پيام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

مون پرهہ جي هير کي ساجهر ڏنا تو لئيءَ سلام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

روح ۾ خيما کُتا تنهنجا ـ مگر تنهنجو قيام ؟
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

اجنبي مون لئيءَ هيا پنهنجا پرايا، خاص و عام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

Gul Hayat Institute

هر تصوّر، هر تخيل زندگيءَ ڪان انتقام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام ـ
مون کي پل پل پُور تنهنجي پيار جا !

(٥)

رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

زندگانيءَ جي چمن مان آئي خوشبوءِ نجات —
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

ڪنهن ازل جي راز ڳاتو، سُر وڻايو ڪائنات —
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

اوچتو هر شيءِ لڳي جڻ بي ثبوت و بي ثبات —
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

هي ستارا، هي نظارا، نيٺ ڪنهن جي آ صفات !
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

چنڊ جو چارو وٺي ڳولڻ لڳس مان حسنِ ذات —
رات ڪائي تانگهہ تات،
منهنجي مَنَ ۾ آگ جئن آئي ٻرين !

Gul Hayat Institute

(٦)

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

آب و گل سان چو ٻڌايئه زندگانيءَ جو ضمير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

ڪاروانِ زيست جو چو آدمي ٿي ويو امير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

آدميءَ ڪيو ڪوهہ و صحرا، ماه و انجم ڪي اسير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

هاءِ ان جو قتل و غارت، بغض و نفرت، دارو گير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

چشمِ فطرت سان اچا تائين اکيو ڪنهن ناهہ نير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

Gul Hayat Institute

جنهن ڪئي ڪوشش، انهيءَ جو آهہ سُوريءَ تي سرير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

( ٥ )

وري اهائي تانَ اچي ٿي، وري آهائي تانَ ـ  
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

پري پري ٻهچي آويا جنهن سان پل ۾ منهنجا پران ـ  
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

لڳي وني ڪا لوري جنهن سان ڏريا رهيا سڀ ڏيان ـ  
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

ڪٿ ٿي آهه نڪتت جي ڇايا، سمهي پيا انسان ـ  
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

مان ماڏوءَ لاءِ ائن ڊوڙان، جئن ڇوڙي ڪان ڪمان  
سڪي ڙي، وري اهائي تان !

وري اهائي تان اچي ٿي ـ وري اهائي تان !

(وديا پتي)

Gul Hayat Institute

(۸)

جتي ڪٿي هو آهي، جيڏيون، جنهن سان جان جٙڙي!

ملي ويو هو پنهنجي ندَ سان، ڳوڙهن منجهہ ڳڙي-
جنهن سان جان جڙي...

پرين اسان جي پيالي ۾ هو، جيسين رات لڙي-
جمهن سانِ جان جڙي...

تـٙنهن جي سار سوا، اي سرتيون، گهاري ناهہ گهڙي-
جنهن سان جان جڙي...

ماڻهٔ اسان جو تنهن وٽ هوندو، جنهن ۾ آس اڙي-
جنهن سان جان جڙي...

چني ڏنوسون، چڃي نہ سگهندي، تـٙنهن جيي قرب ڪڙي-
جنهن سان جان جڙي...

Gul Hayat Institute

( ٩ )

مان ڪويل، تون ڪاري رات،
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان!

تون ٿي ڳائين، مٺڙا سائين،
منهنجي لونءَ لونءَ ۾ ٿي لات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...،

ڪيسين آڏران، ڪيسين ڪوڪان،
تو بن منهنجي ناهه نجات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

منهنجو من اينءَ ڳولي توکي،
جئن ڪو بن ڳولي برسات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

تون ئي منهنجي سک جو سونهون،
تون ئي منهنجي ڏک جي ڏات:
توکي ڳوليان، توکي ڳوليان...

Gul Hayat Institute

(١٠)

گهرا گهرا نيڻ پرينءَ جا —
ڪارا ڪارا نيڻ!

اُٿيهينءَ جي اونداهيءَ جئن،
پيارا پيارا نيڻ!
ڪارا ڪارا نيڻ!

آيو تن ۾ نيڻهن ته تي ويا
سپ ڪان نيارا نيڻ —
ڪارا ڪارا نيڻ!

سلبي ويا اڄ منهنجي سڌ ۾
جيءَ جيارا نيڻ ليڻ!
ڪارا ڪارا نيڻ!

مَن جي سڪڙيءَ تي پرندا پيا
هي متوارا نيڻ
ڪارا ڪارا نيڻ!

Gul Hayat Institute

(١١)

پنيٽ پنيٽ پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

اڪڙين ۾ آڙام، ازل جا، آڳ آلا آ سارو تن من،
پنيٽ پنيٽ پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

شعلا شعلا سارو عالم، جڳمڳ جڳمڳ سارو جيون،
پنيٽ پنيٽ پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

تند تپي ٿي، ڪوٺي منڙو نانءُ جپي ٿي، ٻڪي بن بن،
پنيٽ پنيٽ پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

ڳايان ڳايان جرڪي جوالا، سيٺي ڏک سک جر ۾ جرڪن،
پنيٽ پنيٽ پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

Gul Hayat Institute

(١٢)

گل تي ڳوڙها، گل تي شبنم ـ
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!
چڱون پاڻيءَ جي ڇوليءَ ۾ ـ
هاءِ ستارن جو هي عالم!
سير سنڌوءَ جي پرخم پرخم!
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

هير گهلي ٿي، نير ڇلي ٿو ـ
ڏير اچي ٿو، وسري ٿو غم!
نيٺ ته سڪندي چشم پرنم ـ
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

پيار اوهان جا وار اوهان جا ـ
گهاوَ اسان جا ٽيندا ويا ڪم!
وقت لڳائي پل پل مرهم!
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

مُرڪ ۾ ايندي سُرڪ ۾ ايندي ـ
چپ تي چُپ رهندي ته نه پيهم!
منڙا سائين آهي ڪو دم!...
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي

Gul Hayat Institute

(١٣)

ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن ٻه ريت،
منهنجي مَن کي چين ناهي!

هاءِ، ڪهڙي رات آهي، چنڊ منهنجو ناهي ميت،
منهنجي مَن کي چين ناهي!

هيءَ گلابي رت چڙي، مون ڪان وُسي ويا ڪيئن گيت،
منهنجي مَن کي چين ناهي!

هار ڪائي هار ناهي، جيت ڪائي ناهي جيت،
منهنجي مَن کي چين ناهي!

تون ڪِٿي آهين پرين، آهي ڪِٿي اڄ تنهنجي پريت!
منهنجي مَن کي چين ناهي!

ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن ٻه ريت،
منهنجي مَن کي چين ناهي!

Gul Hayat Institute

(١٤)

روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

اوچتو تنهنجي اکين ۾ مون ڏٺو آبِ حيات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

پياري پياري، ڪاري ڪاري، هيءَ ڪجل جي ڪائنات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

تنهنجي اکڙين مان سلي، منهنجي تمنا کي ثبات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

تنهنجي ڇپرن جي ڇپر هيٺان ڪٽي مون ننڊ رات—
روح منهنجي جي نجات—
تنهنجي اکڙين ۾ هئي!

Gul Hayat Institute

# آزاد نظم

ازل جي پر اسرار آڳ،
جلائي پَئِي ۽ وسائي پَئِي زندگيءَ جا ڏيئا.

ڏيئا ۽ ڏيئاتيون پيون بدلنديون،
مگر لاٽ سان واٽ پئي جرڪندي –
سدا جوت ڪي آهه جاڳ!

ازل جي پر اسرار آڳ،
جلائي پَئِي ۽ وسائي پَئِي زندگيءَ جا ڏيئا!

( ٢ )

چنڊ جي پَرڙن تي پير –
جڻ صدين جي سوچ جا گهرا نشان.
هيءَ ستارن ۾ جلڻ جاڳڻ جي هير –
جڻ ته آهن روح تنهنجي جا گمان؛
نيرا نيرا آسمان!

Gul Hayat Institute

( ۳ )

اسان ننڊ جا نيڻ آهيون، پرين !
مٿي ساهه جا ڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چنڊ ساڻي،
ڪٿين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نہ آغاز جن جو نہ انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سک جون براتون:
جڏهن سوٽ ڪائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون،
سوين چنڊ چاڙيون،
ستارا تيڳايون،
انهن سان اچي جڳ سڄو جڳمڳايون،
— اسان جاڳ جا ڀاڳ آهيون پرين !

Gul Hayat Institute

(٤)

گل ڇڻن ٿا،
لهي وڃي ٿو چنڊ -
هي بدن، هي حرم، هي ڪعبهٔ پاڪ،
ڇو ميٽائي ڪيو وڃي ٿو خاڪ!
آرزو ڇيچ جي مشال آ، جا
زندگيءَ جي ڪنوار ڪي آخر،
موت جي سيج تي سهاري ٿي -
زندگيءَ جا حسين ڇوُواٽا،
واديءَ تيرگيءَ ۾ گذجن ٿا!

(٥)

پوڇارين وانگر آشائون،
اڄ شاعر جي من مندر ۾،
سنک وڄائن ٿيون -
منهنجي ديويءَ جو هو سهڻو، سنهڙو جسم سڊول،
منهنجي من ۾ ناچ ڪري ٿو -
ڇيريون پائي،
ڦيريون پائي،
ناچ ڪري ٿو -
منهنجي من ۾!

Gul Hayat Institute

(٦)

ڇونڊي ڇونڊي،
ڪنا ڪيم ڪنڊا جهوليءَ ۾،
ٽاريءَ ٽاريءَ ٽان جن پيارا،
پٽي سگهين تون مهنا گل؛
جي نہ توکي ڪوئي ڪنڊو
تنهنجي لاءِ ميٺل،
ڇونڊي ڇونڊي،
ڪنا ڪيم ڪنڊا جهوليءَ ۾!

جاٺي واٺي،
هن جيون جي جوئا ۾ مان،
هارائيندو آيو آهيان؛
جنهن تون جيتين،
ترڙي پون هر بار خوشيءَ ۾،
تنهنجا ڳاڙها ڳل!
تنهنجي لاءِ مٺل،
جاٺي واٺي،
هارائيندو آيو آهيان!

Gul Hayat Institute

( ٧ )

آءٌ ڀؤنر هرجائي،
مکڙيءَ مکڙيءَ جو رس چوسيان،
سونهن ڀنيان سودائي —
مکڙين جي ٿي ميڙ ۾ گذريو سارو جيون منهنجو،
وچڙيو آهه سدا ڪنڊن سان ليڪن دامن منهنجو:
گهڙيءَ گهڙيءَ مون سوچيو آهي،
مکڙيءَ مکڙيءَ سان آ ڪنڊو،
ڀونر انهن تي پوءِ ۾ ميڙن ٿا!
هن جيون جي ڦلواڙيءَ ۾،
بنا ڪنڊي گل چو نه ڪڙن ٿا!

( ٨ )

Gul Hayat Institute

روح انسان ۾ ليٺو پاتر،
چيئن ته هڪ ڪوهه هيو:
مون ڏٺا چنڊ ستارن جا انهيءَ ۾ پاڇا،
مون چيو هيٺ ڏسان آ ڇا ڇا!
پوءِ پري ڏول ڏٺم جو پاڻي،
ٻن جهانن جون بلائون نظر آيون مون کي!

(۹)

زندگي ريگزار آ، جنهن ۾
چوطرف آرزوءَ جا ڪانڊيرا !
زندگي سا پهاڙ جي ٽڪَن آ
جنهن جي هر تيز ڌار ۾ آهن
آرزو جا هزارها واڳون،
زندگي، سي پوائنٽيون سانجهيون،
ٿا لڳاتار ڪن لڪي جن ۾،
آرزو جا سوين ٻير ڳجگوڙ —
آرزوءَ سان نجات نامعلوم،
زندگي، تنهنجي ذات نامعلوم !

(۱۰)

ڏس، شفق ۾ شام —
ڪهنبي ۾ ڪنوار،
انڊلٺ جو پائي هار،
آسمان جي سيج تي ليٽي پئي —
ڏينهن ڪان وچڙي وئي ليلا چنيسر جي مثال !

Gul Hayat Institute

(١١)

هرڻ هنيلا،
ڊوڙي ڊوڙي، ٽڪجي ٽڪجي،
وڻ جي هيٺان ويٺا سوچن!

”ساري هستي رڻ‌پٽ ۾ رُلي،
”اڄ جي ورهه بيٺ ڪجهه به نه حاصل!
”هاءِ ستم، جو عمر گذاري،
”بوند بوند لئه پڪي پڪي،
”ڊوڙي ڊوڙي، ٽڪجي ٽڪجي!“
هرڻ هنيلا،
ويٺا سوچن.

جنهن من واريءَ جي وينڌي ۾،
لهندي سج جي ٽڪ جڙي آ،
آهه ڪٿي سو ازلي وڻجهر؟
نيري آڀ مان چند ستارا،
ڪرن اشارا،
ساهه سنيها پائي تن جا،
چال هٽي من پهچي تن وٽ،
بسنت-رت جي ٻاڪ-ڦٽيءَ ۾
هير ڏکڻ جي هنج ۾ پنهنجي،
اهنج مٽائي، من ريجهائي:

Gul Hayat Institute

گھڙي نه گذري- ساڳيا ڪيرڻا،
سج جون برڇيون،
رج جو اولو،
آج ۽ جهولو،
ساڳيو رولو؛
هر شيءِ آهي ساڳي ساڳي-
ٻوند ٻوند لڙڪي ٽڪي ٽڪي،
ڊوڙي ڊوڙي، ٽڪجي ٽڪجي،
هرڻ هنيلا،
بيٺا سوچن!

(١٢)

ايتري فرصت هجي،
رات ساري چنڊ جا چارا ڏسان!
واهه، جي ڪڙ تي پپل جي ڇانوَ سان پاڻيءَ مٿان،
ڪجهه گهڙيون لڙهندو رهان!
ڪجهه سرءُ جي شام ۾ سوچان سڙان، لوڇان لهان!
ڪنهن پکيئڙي جي مثال،
صبح سانجهيءَ ٽو رهان
ڏالي ڏاليءَ جي ٻليان!
زندگي منهنجي تخيل ۾ مگر
ڇڙهڪ واري ڇهنب، ڪنڊريل ڪنهن آ!

Gul Hayat Institute

(۱۳)

راتڙي، هيءَ نور جي برساتڙي،
ڪنهن مٿان ڇيڙي ستارن جي سِتارِ،
آسمان سان، پائي جڳ تي جهاتڙي!

سارو عالم ننڊ ۾ آهي آلوت،
ڪنهن جي ڪنهن جڙي جاڳ تي ان ڪي سٿي،
سازُ، جو سنسار جي سيني ۾ آ!
عرش ڪان وهندي اچي ٿي فرش ڏانهن،
نور ۽ نغمي جي ندي!

جڙ نه ڪوئي باز هو سنهنجو خيالُ،
جو اُداسي ويو فلڪ تي دورُ دور،
ننڊ جي ننڊڙي پکيڙي ڪي جهڻي!

Gul Hayat Institute

(١٤)

هي انسان،
هي ڪونجڙيون،
وهندي پاڻيءَ تي ٻاڇا ڪنديون،
اڏرنديون،
ٿيون وڃن ڪنهن طرف؟
ڪنهن طرف، صف ٻه صف؟
ڪيستائين هليو آ سندن ڪاروان!
ڪير ڄاڻي ڪٿي آ سندن آشيان!
هي فراز زمين، وسعت آسمان،
پيارو پيارو جهان!
ڪهڙو پرڪيف آ هي سفر!
هاءِ پر!
هي انهن جي دلين ۾ ڏهو،
ڪنهن شڪاريءَ جو خوف و خطر؟
ها، مگر
ڪهڙو پرڪيف آ هي سفر!

Gul Hayat Institute

(١٥)

ڪاٺي رات، چنڊ چوڏهينءَ ۾،
سينڌ ساري پري ستارن سان-
ٽهلندي ڪائنات ۾ آئي.

سانت هن جي سِتار آ، جنهن تي
هوءَ سڄو وقت گيت ٿي ڳائي.
ڏينهن جا ڏنگ سان ٻه ٽهسائي،
ڪا گهڙي پنهنجي تند تاڻيان ٿو،
راڳ پنهنجا پري اُساڻيان ٿو،
زندگيءَ جو حسين هندورو،
پنهنجي گيتن سان ويهي واڻيان ٿو-
جيستائين اکين کي پوري ننڊ
(رات جي پيڙ، چلولي، چنچل)
مون کي آغوش ۾ سنڀاري ٿي!

Gul Hayat Institute

(١٦)

رات بدمست ٿي، ڪڪر ڪارا
جهومندا آسمان تي آيا –
چانڊنيءَ جو سهاڳ لٽجي ويو !
هيءَ ٻمٽي رات!
چنڊ ۽ تارا
ڪير جاڻي ڇپي ويا ڪيڏانهن ؟
اوچتو آسمان جو ميدان،
ٿي ويو سارو ڳوڙ ۽ گهمسان،
وقت جي ديو جون رتون ڊوڙيون،
چنڊ تارا لتاڙجي ويا سڀ –
روشني رات ۾ رهي اڻ لڀ !

Gul Hayat Institute

(١٤)

اجنبي ! آءٌ، گهڙي آءٌ، ۽ ٿي پل آ رات :
بيهه ولهه ۾ ته نه،
تازا ۽ جمي ويا ولهه ۾ !
سيءَ جي سير ته ڏس، رات ڪڪون ڇوڙايون !
هاءِ هيءَ ٻاٽ، چنڊيءَ جڻ ته چڪون ڇوڙايون !
ٿو ٻري سچ ” هتي—
اچ ” هتي،
ڪا گهڙي سيڪ هڻن پيرن کي.

هي ڦِٽل پير وري پنڌ ڪندا،
تنهنجو سوڳنڌ، ڪندا ؛
ڏي ٽٽل هٿ هٿي هنڌ ڪندا !
مان چوان ٿو ته ضرور
وقت ايندو ته وري چڪناچور
ڪوڙ جو ڪنڌ ڪندا !

آ اهو سچ ” سهارو پنهنجو،
بس فقط سچ ” سهارو پنهنجو...
پڙ ٿئي ٿو ته ڪٿي هيءَ به وسامي نه وڃي،
آڳ آجهامي نه وڃي !

Gul Hayat Institute

اجنبي! آءُ، کھڙي آءُ، ۽ تي پل آ رات!
آھ، گھنگھور گھٽا واري رات،
چو طرف تيز ھوا ۽ برسات،
نہ جيا پو نہ جيا پي جي بات،
موت ھر چيز ڪئي آھي مات؛
پر ھتي ڏس تہ ڇپيءَ جي ڇپ تي،
ڪوئي آواز پيو پڙڪا ڏي-

”تي نہ مايوس ڪڏھن، اي پيارا!
”صبح ٿيندو تہ سرين نور جون نھرون ٿينديون،
”آس ۽ جان ڪندي آس پيدا.“
-پر خبر ناھ، ڪڏھن رات جون جلھون ڪٽنديون!

پڙ تئي ٿو تہ ڪٿي سچ وسامي نہ وڃي،
سچ وسامي نہ وڃي!
آگ آجھامي نہ وڃي!

Gul Hayat Institute

(۱۸)

هر قدم تي زندگيءَ جو جامِ زهر،
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر!
هر گهڙيءَ سوري سڏي
ڪنهن نئين منصور کي:
ٿي ٻري شمعِ حيات،
آ جلڻ جنهن تي پتنگن جي نجات!
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم، ڪوئي گانڌيءَ جي صفات!
زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو —
جنهن سان جرڪيو حسنِ ذات!

Gul Hayat Institute

## (۱۹)

شاهه بازار جهان!

جنهن ۾ هر يوسف وڪامي،
هر زليخا جنهن ۾ دامن چاڪ آ؛
جنهن ۾ هر شيءِ ڪان مهانگو آ خلوص،
جنهن ۾ سستو آهه هر شيءِ ڪان ضمير؛
حسن و حق معصوم پينوءَ جي مثال،
مون اتي پنندا ڏٺا،
ٿي ڪٿي فرهاد تيشي جي فروخت،
قيس ان ۾ محمل ليليٰ وڪيو؛
سر جهڪائي ٿي ويو نوشيروان –
شاهه بازار جهان!

Gul Hayat Institute

(۲۰)

زندگيءِ جاودان،
جو تصور ڪيترو بي ڪيف آهه !
ٿا وڃون دنياي رنگارنگ مان—
هر قدم تي هئي جتي قوسِ قزح،
پير پنهنجي جي ڪڙي !
۽ جتي موجِ صبا
هر نفس لاءِ صورتِ زنجير هئي !
ڪيئي زلفِ مشڪبو،
قيد جن ۾ هئي اسان جي آرزو !
اڄ اهي زنجير ٽوڙي ٿا وڃون،
اڄ اهي ناتا نهوڙي ٿا وڃون،
عالمِ بي رنگ و بو ۾ دور دور—
آ جتي بس ڪوئي نور،
جو فروزان بي سبب آ چوطرف ۾
جنهن جي بارش ۾ سدا،
تا ابد هن زندگيءِ مختصر جي ياد ۾
روح رهندو اشڪبار...
بي قرار !

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# نظم

وري ڪونج ڪرڪيي،
وري جوت جرڪيي،
وري چانڊ چرڪيي،
آئي ميت، ڪرڪيي!

جڏهن رات آئي،
تڏهن تو عطائي!
ڏياتي جلائي،
ڪئي روشنائي.

وجي ٿي وهائي،
جڏهن رات رائي،
نه تو ساز ساٿي،
نه تو تند تاڻي!

نه ترساءِ پيارا،
نه گهبراءِ پيارا،
آئي ڪاءِ پيارا،
پرينءَ لاءِ پيارا!

Gul Hayat Institute

( ۲ )

گهاوَ پيءَ سان پنهنجا پويان ـ
ڳاڙها ڳاڙها گل سيني سان
تنهنجي لاءِ سدائين سويان ؛
آءٌ ڪلاڄي ڪاليءَ تن کي
تنهنجي آءٌ لِتڙِ ۾ لويان !

( ۳ )

زندگانيءَ جو جام پيئون ٿا ـ
۽ جڏهن جام ڏو اچي چپ تي ،
ڏو تبسّم شراب ۾ گڏجي :
مرڪ کي مرڪ سان محبت آ ،
مرڪ کي مرڪ سان محبت آ :
مست اهيون مدام پيئون ٿا .

○

رقص و پرواز ۾ گذاريون ٿا ـ
زندگي چنڊ آ ، چڪور اسين ،
زندگي بادل آهه ، مور اسين :

Gul Hayat Institute

سونهن کي ساهہ سان محبت آ،
ساهہ کي سونهن سان عقيدت آ:
سونهن تي ساهہ پنهنجو واريون ٿا.

○

سير سنسار جو ڪريان ٿو مان-
آسمان دور ناهہ، بس هڪ گام،
مون نيوائي ڏني ڪتيءَ جي لام،
مون ستارا چني، پري جهولي،
اڄ سجائي مٺي مٺي بولي،
زندگي، تو اکيان ڏريان ٿو مان.

○

زندگيءَ جي خمار خاني ۾،
تشنگيءَ جي ڪمي نہ آ ڪائي،
پيرُ ساڪي آتي لڳي آئي:
آ اچا صبح و شام گردش ۾،
جام و مينا مدام گردش ۾:
رند آيا ويا زماني ۾.

○

Gul Hayat Institute

شام جي وقت روح جي چر ۾،
زندگيءَ جو نهنگ آ خاموش،
ٿي ويو هر اُمنگ آ خاموش،
نہ جنون آهہ ڪو، نہ ڪوئي جوش،
جهاتي پائي رهيو آ صبر و هوش،
زلزلي بعد روح جي گهر ۾.

○

روشني! روشني! ڪٿي آهين؟
موت آ حسن تي بہ پاتي جيت،
چانڊني رات ۾ سمهي پيا گيت:
ڪنهن نہ چاتو تہ تون مري وينديئن،
چنڊ سان سير ۾ تري وينديئن:
نور جي جل پري! ڪٿي آهين؟

○

تو پريو هو شراب اکڙين ۾،
جنهن کي آب حيات سمجهو مون،
آرزوءَ جي ثبات سمجهو مون:
اڄ نہ تون آن نہ پيار باقي آهہ،
چڻ سڄي ڳالهہ اتفاقي آهہ،
نہ خيال آ نہ خواب اکڙين ۾.

○

Gul Hayat Institute

آرزو چوُر چوُر جام آهي،
جنهن جي مون بوند بوند پيتي آ،
عمر ڪان روز راند جيتي آ؛
پر اها جيت ڪيستائين آ!
گيت تي گيت ڪيستائين آ!
تشنگيءَ ڪي فقط دوام آهي.

O

هاءِ مان تو نظر ڪريان جيڏانهن،
حسنِ عالم جي انتها آ خاڪ،
ابنِ آدم جي انتها آ خاڪ:
تو ڪري روح رات جو ريهون،
ساغرِ زندگي تہ تيو ڇيهون،
بوي ميءَ جو وجود ويو ڪيڏانهن؟

O

هيءَ نماشام، هي اُفق تي سج!
يا سڳونانءُ ڪو ڇپائي ٿي،
جهول گيڙوءَ رتي بکاريءَ جي:
هيءَ سَرءَ بر ندي، پريان هو پيٽ،
اِئن سڀڪي ويا جئين بکئي جو پيٽ...
جن ڏڏي ويو ڏسي انهن کي سج.

O

Gul Hayat Institute

منهنجي جهوليءَ ۾ آ ته ڳايان مان،
چنڊ اڄ تون اداس آهين ڪجھ،
نور مان تيو نراس آهين ڪجھ!
ڳالهڙيون ڪجھ ڪري محبت سان،
گهاو تنهنجا سيان نفاست سان،
تنهنجي منهن تان گهٽا هٽايان مان.

o

ڪرچ پُر انتشار آ هستي،
زندگي زندگيءَ کي ني گهائي،
آدمي آدميءَ کي تو کائي:
منزلِ زيست جو پري آ پنڌ،
پو به هن چنڊ رات جو سوڳنڌ،
حسن جو آبشار آ هستي.

o

Gul Hayat Institute

( ٣ )

آرزوءَ جي اُداس نگريءَ ۾،

شام سيرانجهڙيون ڇڳون ڇوڙي،

آئي آهي مثال بيوه جي–

زندگانيءَ جو جام خالي آ،

گرچ، چوڌار قحط سالي آ،

مان ڇوان ٿو نئون شراب پريان،

پنهنجي ڪوزي ۾ آفتاب پريان،

آس اپري نراس نگريءَ ۾،

آرزوءَ جي اُداس نگريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

(۵)

هاءِ حياتي! هي ڏوهر جو وڻ!

جڏهن آئيون گهنگهور گهٽائون، جڏهن وٺو ساوڻ،
هاءِ سندس ٻانهون ڦهلائڻ، هاءِ سندس آڻ تڻ!
سنهي سنهي برسات آلا! هوءَ ڇات آها ڇڻ ڇڻ!
وئي پکڙجي ٻوٽي ٻوٽي، آڪليا آن چا سڻ،
ٿهي ڊهي ويا، ڊهي ٿهي ويا ڇڻ ڪکرين جا ڏڻ،
ور وجهندي وڄ آئي پل ليءَ واجهايو واهڻ،
گهرائيءَ ۾ لهرائي ڇڻ صحرائي نانگڻ،
نيڻ نيڻ مان نشي نهاريو، گهلندو رهيو ڏکڻ،
دور دور تان ڏيدون آيون جندڙيءَ ۾ جهلڪڻ،
هاءِ اهو هن ويراني جو ويرم ليءَ وسرڻ،
گهڙي پلڪ ليءَ سچ جي ٻيڙيءَ جو جهڙ ڪي جهاڳڻ،
پوءِ نه اهائي تيز تپت ۽ ڇيري جو ڇرڪڻ،
نه ڪي ڦلڻ ڦولڻ آ آن ۾، نه ڪي جهلڻ جهولڻ...

هاءِ حياتي! هي ڏوهر جو وڻ!

Gul Hayat Institute

( ٦ )

ڪٿان آڏامي آيا پکيڙا،
ڪٿي هينن جو ديس!

هو آڪاش ۾ اُڏرڻ وارا ڏور ڏور تان آيا،
ڪنهن سي هن ڀانءِ نگريءَ ۾ ڀڄري ۾ ڦاسايا؟
هڪ سندرسپني جئن ڏيکاري ڏني جڳ جي مايا-
سارو جيون وهندي ڀانيءَ تي چوڏينهنءَ جي ڇايا،
ڏيو انهن ڪان وسري، ڪهڙا پنهنجا ڪير پرايا!
ڪڏهين ڪڏهين نيري آڀ مان تن ڪي نياپا آيا،
ڪڏهين ڪڏهين چنڊ انهن سان پنهنجا نيڻ لڙايا،
ڪڏهن ڪڏهن تارن هينان تن گيت پراڻا ڳايا،
ڪيئي ڀيرا تن ڀڄري ۾ پنهنجا پَر ڦڙڪايا،
آخر ڀڄري ڪي ڊاهي، ڪنهن تاڙي هٿي آڏايا...

ٻنا پرن اڏري ويا پکيڙا،
ويا مٺاڻي ويس...
ڪٿان آڏامي آيا پکيڙا!
ڪٿي انهن جو ديس!

Gul Hayat Institute

( ٤ )

پچري جي ڪِرڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

نيريءَ نيريءَ ڪڪريءَ تي مان ڏور وڃان،
’چنڊ پري آ، چنڊ پري آ، چنڊ اڃان‘،
ڪيئن مڃان، او ڪيئن مڃان، او ڪيئن مڃان!

ويو پرواز پرن ۾ پئي،
پاڻ سنڀاريان ... هنجون هاريان ...
پچري جي ڪِرڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

اڄ ته آڏامان، اڄ ته آڏامان، ڪونه جهليندم،
ڪيسين پڃران، ڪيسين ڪامان، ڪونه جهليندم،
هاءِ اُڏڻ ٿيون سامهون لامان، ڪونه جهليندم،

مان پرڏيهي، مان پرڏيهي،
هت ڇو گهاريان ... هنجون هاريان ...
پچري جي ڪِرڪيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان ... هنجون هاريان ...

Gul Hayat Institute

(٨)

ڪيو گلن سان پيار نہ سائين،
ڇئو گلن ڪي يار نہ سائين،
ڇو تہ اهي مرجهائي ويندا،
ڪنڊن ۾ ڦاسائي ويندا.

رکو چنڊ سان چاهہ نہ سائين،
ڏيو چنڊ تي ساهہ نہ سائين،
ڪيسين آن لڙيءَ لاتيون لنوندؤ!
آڌري آڌري تڪجي پوندؤ.

(٩)

مان هرڻ، تون منهنجي هرڻي اي مٺي!
پيڪي پيڪي، زندگيءَ جي رڃ ۾،
تڙڦي تڙڦي، آرزوءَ جي آڃ ۾،
تنهنجي صورت ريت ۾ رُلندي ڏٺي-

تنهنجي اکڙين ۾ هيو آبِ حيات،
منهنجي پياسي روح جي پهرين نجات.

Gul Hayat Institute

(۱۰)

تنهنجي اکڙين ۾ سدائين رڇ هئي،
منهنجي اکڙين ۾ ازل جي آڇ هئي.

تنهنجي اکڙين ۾ ڪنول مرڪي ڏنو،
منهنجي اکڙين ۾ پنو من ماڪ جو.

تنهنجون اکڙيون ڪيپ واريون، مڌ سمان،
منهنجي اکڙين ۾ هيا پيالي جا پران.

منهنجي اکڙين جي جڏهن توسان ٿي پريت،
تنهنجي اکڙين مان پرياڻون روز ڪيت.

تنهنجي اکڙين ڪي هئي هرڻين جي هير،
اوچتو ڊوڙيون، لپيون واريءَ جا ڍير.

منهنجون اکڙيون پوئتان رلنديون ويون،
شام ٿي وئي، نيٺ مانديون ٿي پيون.

Gul Hayat Institute

(١١)

## ڏس ته ڪنول ٽڙي پيو!

هير گهٽليي گهٽليي رهيو، نير ڇٽلي ڇٽلي رهيو،
صبح ٿيو، ڀنور ڀريو، هي به ڳُلي ڳُلي رهيو،
راهه پٽلي پٽلي رهيو.

پر نه ڪنول نگاهه ڪئي، اصل نه رسم و راهه ڪئي،
چو ته ڀنور ڀري پيئي، هونءَ ته واهه واهه ڪئي،
پر نه ڪئي نباهه ڪئي.

هير سدا پئي رمي، منهن نه ڏئي، ڇمي ڇمي،
نير ڪئي نه ٿو ڇمي، گهنڊ وجهي، سمهي سمهي،
پل ته ڏسي کهي کهي.

ڏس ته ”اياز“ تروري، پنڌ ڪيو پريان پريان،
چئي ته ڪنول چوڻ لڳو، ’نذر ته ڪجهه سندس ڏريان!
’دل ته ذرا وڏي ڪريان!‘
ڏس ته ڪنول ٽڙي پيو!

Gul Hayat Institute

(١٢)

پر جو آواز تنهنجو، مون سڃاتو آهه يا نه!
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!

ـ رات جي برسات ۾ جڻ واءُ ڳائيندي اچي،
خامشيءَ جي ساز تي مضراب ڦيريندي اچي،
ٽاڪ ڪڪريءَ تي لڳي، جهومي اٿي هيءَ ڪائنات،
راڳ جي هلڪي ترنم ۾ ٿئي گم چنڊ رات...
ڇؤ برابر آهه يا نه؟

مونهن تنهنجي جو هميشه گيت ڳاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!

ـ سمنڊ تي پاسا ورائي چاندني جڻ صبح جو،
۽ اُفق مان سج ڪڍي ٻهرين ڪني جڻ صبح جو،
واءُ ۾ خنڪي هجي ۽ ڏنڌ ڪُجهه، چايو هجي،
دور شاعر جي نظر ۾ دور ڪجهه، آيو هجي...
ڇؤ برابر آهه يا نه؟

هاءِ! غم تنهنجو هيئين مان مون ڀي لاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!

ـ لڙڪ تنهنجي تي سڄيءَ دنيا وڃايو روپ رنگ،
ٽهڪ تنهنجي تي سڄي عالم وڃايو جلترنگ،

Gul Hayat Institute

تون خوشي، تون آنهه غم، ٻيو زندگيءَ ۾ آهه ڇا؟
تنهنجي جهاتيءَ کان سوا دل جي دريءَ ۾ آهه ڇا؟
چؤ برابر آهه يا نه؟

اي ٻرين، توکي وڃائي ٻوءِ ۾، پاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!

ڌر تتيءَ ۾ ڏس ته نم جي ڇانو لهرائي پئي،
هير ۾ جهولي پيو وڻ جنهن فضا ڳائي پئي،
سچ لهي ويندو ته ڇا! نم کان جدا ٿيندي نه ڇانو،
اي ٻرين تنهن تنهنجي منهنجي آهه هڪ هستي ۾ نانو —
چؤ برابر آهه يا نه؟

Gul Hayat Institute

(۱۳)

آءُ بادل، مان بہ روئان تون بہ روءُ،
مان بہ غم جا داغ ڌوئان، تون بہ ڌوءُ.

زندگي منهنجي بہ آ پنڪن پلڻ،
آسمانن جي جهانن ۾ رُلڻ،
ڪاهي ڪاهي مست ٿي جهولڻ جهُلڻ،
ڪر تتيءَ جي پياس تي چَلڪن چَلڻ،
آ هزارين ميڪدا منهنجو ڪُلاڻ،
سو بهارن کي صدا منهنجو گهُماڻ،
زندگانيءَ لئيءَ صدا ڦولڻ ڦُلڻ،
آءُ بادل، مان بہ روئان تون بہ روءُ،
مان بہ غم جا داغ ڌوئان، تون بہ ڌوءُ.

مان بہ تو جئن چنڊ تي آهيان چريو،
روح منهنجو چانڊنيءَ جي نئن تريو،
چنڊ جي ويجهو ويو، پر ڇا وريو!
نور نيڻن جو جڏهن پل لئيءَ لريو،
چنڊ چهري تي ڪٽي پردو ڌريو،
راتڙين جو هانءُ منهنجو ٿي ڏريو،
تون ني چؤ، آ ساهہ تنهنجو ڪئن سريو!
آءُ بادل، مان بہ روئان تون بہ روءُ،
مان بہ غم جا داغ ڌوئان، تون بہ ڌوءُ.

Gul Hayat Institute

(١٣)

چڏ ته ڪيان مان ننڊ، گهٽو ٿي مڏ پيتو آ مون-
ڪيسين سڙيون سڙيون ڳالهيون ورنايان تنهنجون،
جوت جلائي، منهنجي پرسان ٻاري خوشبوئون،
پلي هليو وڃ تون.

چڏ ته ڪيان مان ننڊ، چلايو آهي مون ڪي جاڳ-
نگريءَ نگريءَ ۾ پنڪيوهان مان ويڙهي ويراڳ،
چيڙي منهنجا ساز، جڳائي تن ۾ منهنجا راڳ،
پٽ تي موٽ سجاڳ.

چڏ ته ڪيان مان ننڊ، رکي چڏ پرسان منهنجي ٻين-
جنهن جي سُر جو سوز وڇائي ٿو ڪيئي قالين،
جن تي ليٽي روح آئي ٿو اڻ ڳڻت خواب حسين،
پائي ٿو تسڪين.

چڏ ته ڪيان مان ننڊ، مٿان آ چنڊ ڪٿي چانڊاڻ-
تنهنجي اکڙين جو مٺو ڏيان، اچ مُنهن منهن تائين آڻ،
منهنجو ساهه چُمي جٺ تنهنجي سيني جي سرهاڻ،
چڱو هليو وڃ هاڻ.

(خليل جبران)

Gul Hayat Institute

(١٥)

سانجهيءَ جا پاڇاوان ڦهليا، من ٿيندو ويو مات،
ڪڪريون آيون، ترسيون، برسيون، رم جهم آندي رات،
هوءَ ايندي، هوءَ ايندي، منهنجي تن ۾ رهندي تات،
مان چانئڪ تي ويٺو آهيان، پيلي پوي برسات.

---

ويجهو، ويجهو، ويجهو پهتو هوريان پيرن ۾،
ساڪيا گهنگهرو، ساڪي چرچر، ڪوئي ناهي ڦير،
ايندي آهي هوءَ اورانگهي، گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهير،
آرهي من ۾ سرهو سرهو هيئن ايندو پيو ڪير؟

(ٽئگور)

Gul Hayat Institute

(٢٦)

موت کان پوءِ آهہ تن باقي نہ من،
روح مان آزاد ٿيندو هي بدن،
۽ بدن مٽا خاڪ آ، جنهن جو وطن،
ڪوبہ ناهي،
ڪوبہ ناهي؛

موت کان پوءِ چنڊ ساڳيءَ جاءِ تي،
ڏو نهاري، تون ڪٿي آهين! ڪٿي!
ٿي خموشي رات جي گويا چوي،
ڪوبہ ناهي،
ڪوبہ ناهي.

آئي ننگي پير نڪري نينگري،
خاڪ ڪنهن جي ٿي چُمي هن جي نري،
اوچتو چرڪي ڏسي ٿي هوءَ ڦري،
ڪوبہ ناهي،
ڪوبہ ناهي.

Gul Hayat Institute

(۱۷)

زندگيءَ جي چار ۾ ڪيئي خوشيون،
اوچتو آيون، نچيون، ترڪي ميون ۽
ڪيتريون پياريون هيون!

ان ڪري ئي آهه پياري ڪائنات،
ڇو ته رهڻي ناهه هت ڪنهن جي به ذات،
آهه هر شيءِ بي ثبات.

هي سبب ناهي ته گهارين رنج ۾،
ڦول هيرا هر گهڙيءَ جي ڪنج ۾،
آءُ سنهنجي هنج ۾.

Gul Hayat Institute

(١٨)

صنوبر جي ساڀي ۾ ويهي رهون،
ڇُمي جئن سگهي چنڊ تنهنجون ڇڳون،
گهڙيءَ لئيءَ گناهہ محبت ڪيون،
نہ شايد وري زندگيءَ ۾ ملون.

پرين، ڪوٺي انسانِ انسان جو،
نہ ٿيو آ نہ ٿيندو سدا مرحلو،
فقط رات جي رات ٿو جئن ڏنو،
صنوبر جي ٻانهن ۾ مهتاب هو.

سندءِ جسم جي اجنبي آرزو،
سندم روح ۾ ائين ڦري ڪوبڪو،
جئين رڻ ۾ ڪائي هرڻي ڦري،
ڪري ڪنهن ميٺي نهر جي جستجو.

نہ مرجهائجي جو آهو گل گناهہ،
سجو وقت سرهاڻ ۾ آهہ ساهہ،
تمنا وڃائي نہ ڪل تازگي،
پرين، آهہ جيسين اسان ۾ پساهہ.

هلي آءُ آغوش ۾ نازنين،
تمنا سدا آهہ جنت نشين،
محبت گنهگار آ پر حسين،
پرين، او پرين، او پرين، او پرين!

Gul Hayat Institute

حسين جسم سمجهي ڪليسا مثال،
پرستش ڪئي راهب جئن خيال،
محبت ڪئي آهي مون ماه و سال،
گنهگار آهيان مگر باڪمال.

ڪتان آئي آهين ڪنوارا ڪٿي،
قريب اچ ته تنهنجي اکين کي چمي،
پيئان گيت سان زندگيءَ جي چسڪي،
هلي آءُ اي هير پنجاب جي.

پياريئم پنهنجي اکين مان شراب،
چئي ڏينم پنهنجي چپن مان گلاب،
نه آ ڪو حسين جسم جهڙو ثواب،
گنهگار آهيان مگر لاجواب.

Gul Hayat Institute

(١٩)

جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

اساس جي صدا آ صداي الستي،
ڪيو ميءِ پرستي ڪيو ميءِ پرستي!
پيئو حسن هستي پيئو حسن هستي!
اچا بي بہ مستي اچا بي بہ مستي!
سدا ائين ميءِ ارغواني نہ رهندي-
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

اهو جام و مينا بہ ٿي ڏينهن آهي،
اهو جوش صهبا بہ ٿي ڏينهن آهي،
طلسم تمنا بہ ٿي ڏينهن آهي،
مگر پوءِ بہ چا چا بہ ٿي ڏينهن آهي!
ميان تو سدا زندگاني نہ رهندي-
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي.

سدا فرش گل تي ڪندي رقص شبنم،
سدا چنڊ اُڀري ڪندو سير عالم،

Gul Hayat Institute

سدا هير ۾ جهومندو زلف ۾ برهم ۾

مگر ابن آدم، مگر ابن آدم،

۽ تي ڏينهن آ، عمر فاني نه رهندي —

جواني نه رهندي،

جواني نه رهندي.

اها چاندني رات رهندي نه مٺڙا!

مٺيون ۽ ملاقات رهندي نه مٺڙا!

اها تانگهه ۽ تات رهندي نه مٺڙا!

خصوصاً خرابات رهندي نه مٺڙا!

نه رهندي نه رهندي جواني نه رهندي —

جواني نه رهندي؛

جواني نه رهندي.

Gul Hayat Institute

(٢٠)

(ننڍا ڪڙيون نچڻيون)

اچو اچو !
نچو نچو !

تمام ڪائنات رقص ِ جام ۾ رچي وئي ،
سرود و ساز جي صدا ڪلام ۾ رچي وئي ،
حيات ِ مختصر خيال ِ خام ۾ رچي وئي ،
شباب جي عظيم انتقام ۾ رچي وئي .

اچو اچو !
نچو نچو !

اسان مڃو ته زندگي فقط خيال و خواب آ ،
روان دوان، روان دوان، مثال ِ موج ِ آب آ ،
مگر ڏسو ته ميڪدي تي آيو ماهتاب آ ،
نڙي پيو شباب آ، چڙي ويو رباب آ .

Gul Hayat Institute

اچو اچو !
نچو نچو !

پيئو پيئو، پيئو پياڪ، جام ۾ نجات آ ،
نه آهه انت آد ڪو، مدام ڪائنات آ ،
مگر سدا نه سنگ آ، سدا نه هيءَ رات آ ،
حيات بي ثبات آ، حيات بي ثبات آ .

اڇو اڇو!
نچو نچو!

نچو، نجات جو سبب نہ ڏيان آ، نہ گيان آ،
ازل ابد فريب آهي، وهم آ گمان آ،
فقط اهو جهان آ، فقط اهو جهان آ،
ـ مگر اهو جهان رنگ و بو جو داستان آ!

اڇو اڇو!
نچو نچو!

بهار تي نہ آهہ ڪوئي پروسو، اڇو اڇو!
شباب مان گلاب رات پر ڇنو، اڇو اڇو!
نچي ڪيو سجود ڪام ديو جو، اڇو اڇو!
پيئو پيئو، جيئو جيئو، نچو نچو، اڇو اڇو!

Gul Hayat Institute

(نوٽ :ـ 'نندا ڪرڙيون نچڻيون' تڪشلا' جي عجائب گهر ۾ هڪ پٿر جو مجسمو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ گوتم ٻڌ کي گيان ملڻ کان اڳ انسان عياشيءَ جي خواب ۾ محو هئا.)

(٢١)

(نئيا ڳليءَ جي شام)

شام جو سج پهاڙ جي پٺ تان،
جرڪندو ائين پڏي ويو آهي،
سون جو ٿالُ ڪنهن حسين ڪان،
ڄڻ هٿن مان ڪري پيو آهي.

هر طرف ابر ڪوهسار رڳي،
ائين شفق آسمان تي ڇانئي،
ڄڻ ته کهنبو ڊڪي ڪنهڙي تي،
ڪائي ميندي رتي ڪنوار آئي.

چيل جي شاخ شاخ تان شبنم،
رهگذر تي وسي رمي آهي،
يا ڏسي هيڪ ماڻريءَ جو غم،
حسن جي دل پيچي پئي آهي.

دور هوندي به تون قريب آهين،
آءٌ جنهن ڪان قرار ڳوليان ٿو،
هر نئين حسن جي تمنا ۾،
ڄڻ ته تنهنجو ئي پيار ڳوليان ٿو.

Gul Hayat Institute

پيو پيڇي هانءُ ڪجهه هـُري آيو،
ابر ڇايو، پريان گهـٽا نڪتي،
زندگيءَ جي وفا ته هئي معلوم،
هاءِ، تنهنجي وفا بـِچا نڪتي!

حسن جي جستجو فقط پيارا!
آهه سون لاءِ با وفـا نڪتي،
ڪيترو وقت ٽيو شڪسته ساز
اڄ وکو آهه وري، صدا نڪتي.

Gul Hayat Institute

(٢٢)

(ڪوهه مريءَ تي)

ڪالهه مون کي چيو ٻئي مالهيءَ،
"هيل ڏاڍو ڳڙو وسيو آهي،
"آهه آڙو رهيو نه خوباني،
ناڪ جو وڻ ٻسو ٻسو آهي،
"ڳوٺ منهنجو پريان پهاڙيءَ تي،
بي نظير آ، مگر بکيو آهي."
آ وٺي ويڙهجي شفق ۾ شام،
دور سورج غروب ٿيو آهي،
ڪنهن مصوّر جو روح آ گويا،
ابر ڪهسار اُئن ڪڙو آهي،
هيءَ صنوبر جي شاخ تي شبنم،
جڻ ته هٿ جوهريءَ جو آهي،
ڪنهن ڪنواريءَ جي لجّ ۾ گويا،
ڳوٺ سارو ٻڏي ويو آهي،
نهر ۾ آسمان جو پاڇو،
شام جو اُئن پٽي رهيو آهي،
جڻ ڏسي آئيني ۾ پنهنجو پاڻ،
حسن حيران ٿي ويو آهي،

Gul Hayat Institute

ٿي ٻري باهہ ٻڪ جي ان ۾،
ڏنڊ ۾ دور جهوپڙو آهي؛
نہ ڏياٽيءَ ۾ تيل آ ان جي،
۽ نہ ٻاٽيءَ ۾ ٻوڙ ڪو آهي؛
نہ سياٽي جو ساٿ آ ان سان،
نہ ڪوئي اَڄ ۾ آسرو آهي؛
تنهنجي تخليق ۾ اڙي خالق!
ايترو فرق ڇو ٿيو آهي!
مان تہ سمجهان تہ دون ڪٿي ناهين،
هي سچو ڍونگ ڪنهن رچيو آهي!
ورنہ انسان کان زياده ڪو
حسن تنهنجي جو آئينو آهي؟
ٻوءِ بہ بيحال آهہ هو ٻڪ ۾!
تنهنجو جلوو ٻکوڙ ڪيو آهي!

Gul Hayat Institute

(۲۲)

هوءَ ڪاري ڪڪري ڇانئي آهه،
گھنگھور گھٽا لهرائي آهه،
اولهه کان آنڌي آئي آهه

وڪ پوءِ به نه پٺ تي هٽئي آ،
منزل تي ساهه پٽئي آ.

تقدير ڪڏهن به نه ٿهندي آ،
تدبير هميشه ڍهندي آ،
دل پنهنجي پوءِ به نه رهندي آ-

هي ڪوٽ انسان کي پيڙو آ،
اڄ ميخون سوڙي وڙو آ.

منظور نه شل زندان ٿئي،
مجبور نه شل انسان ٿئي،
مشڪل نه ئي آسان ٿئي-

دنيا نه ممڪن جي ميچ نه آ،
-لا حاصل ليڪن هيچ نه آ.

Gul Hayat Institute

(٢٣)

ڏوڙ ڏوڙام !
آف غلام !

هيرَ تي غريب ڪي
اڪ لڳي وئي هُٺي،
آه ! بدنصيب ڪي
ڪٿ نہ پر پئي هٺي...
بادشاه جـو پلنگ !
نرم نرم، رنگ رنگ!

رڙ ڪئي پريان ڪنيز،
”پاندان ! پاندان !“
ننڊ آ عجيب چيز–
هي سُتو رهيو جوان،
چوبدار ڪئي هڪل،
هو آٿيو ڏئي اُڇل.

آسمانُ ۽ زمين
اوچتو ڦري ويا،
ڪيس ڪيئن اچي يقين–
جي هري سري ويا،
سي چون، هٺي ٺڪون،
”نامراد! هي چـُڪون!“

Gul Hayat Institute

’... شاهه هن پلنگ تي
ماه و سال آ سُتو،
مان گهڙي آمنگ تي!
آه! نفس آ ڪُتو‘ ـ
لعنتون وڏيس ضمير:
ٿي لتون هنيس وزير...
ڏوُ ڏڙام!
آف غلام!

(۲۵)

ڪينجهندي ڪينجهندي، آئي پئي تي ٽرام!
ٿهڪي ٿهڪي، دونهون نڪتو، چوندو ”اڏام اڏام!“
ڌهڪي ڌهڪي، چيمني ۽ جي دل کي آيو آرام،
وٺي ويڙهي جٺن اوندهه ۾ گدلي گدلي شام،
بلب بلب تي پتنگ آيا، ٿيو سوجهرو جام،
(ڪوڙو ڪانچ جلائيندو ڪئن؟ خام محبت خام!)
آهت آئي، گاهت ٿيا، ستو گمره ۽ گمنام...
پئي اينگهندي ڪيسين ڏنيا؟ چنگهندو ڀيو عوام؟
ڪنجهندي ڪنجهندي، آئي پئي تي ٽرام!

Gul Hayat Institute

(٢٦)

سوچيو آهه انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏاند !
اکيون ٻه هن جون ٻڌل، ته آهي جسم ٻڌهن جو ٻانڌ،
پُٺي سَجي آهن جي ڦٽ ڦٽ، ست ست جي آ راند —
سوچيو آهه انهيءَ تي ڪڏهين هُن ويهي هيڪاند !

رُڪيءَ سُڪي تي راضي آهي، ٿيءَ ٿڌيءَ پيو ڪاهي،
ڦِٽ ڦِٽ جو هي عادي آهي، ڪيٽ پيٽ هن ٻر ناهي؛
او شل ! سيئو ساهي، پاڇاري لاهي، سانباهي،
ٿونهي تي ٿونهي سان هن چاڪيءَ جي چڪر ڏاهي !

— آخر ڪيسين جڳ جي جانڙاهه اونڌي اٿين گهلبي ؟
ڪيسين اٿن بيدرديءَ سان ڌرتيءَ جي ڇاتي ڇلبي !

Gul Hayat Institute

(٢٧)

توبہ تہ ڪِنَھِي ڪا ناهي- تون پياري آنھ فهيما !
ٻر پوءِ ٻہ نہ مون کان، اڄ ڪلهہ، وسري ٿي هيروشيما :

ڪنهن ديسَ پرائي جو ڏک، جن پنھنجو ٿي دک آهي،
ڪوَ روڳ لڳو آ من کي، جو پنهنجي وس ۾ ناهي.

(٢٨)

زندگي ! مجبور قحبہ جي مثال،
ٿي ڪرين پنھنجو تبسّم پايمال،
آھہ مصنوعي سندءِ حسن و جمال.

ناھہ تو ۾ روح جي پاڪيزگي،
۽ نہ ڪائي جسم و جان جي تازگي،
- زندگي، او زندگي، او زندگي!

Gul Hayat Institute

(٢٩)

هيءَ ميرانجهي سانجهي آ يا ڌوڙ-ڌُنڌ جي جهول،
چاڻ ستارا اڻ ماڻ نڪتا، جَرڪي سونَ-سَمان:
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لاٽ اڏول،
تنهن تي واٽ سُجهائي ويندا وانهڙو انسان.

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ٿاهه ڪئي گجگوڙ،
هيءَ به غنيمت آ ته ڪٿي ڪو اِن ٿي ٿو ڪوڪ:
نيٺ ته بادل وسندا، پوندا مينهن به ماٺوءَ-پوڙ،
نيٺ ته وڄندي، گجندي، اُٿندي، آنڌيءَ جئن مخلوق.

اڳتي جان نه جڪڙي رهندي، پختا ڪر پنجوڙ،
ڪنهن جي ڇاتي آتي آهي، تڪ ڪري رڪ تير:
ڍهنديون ڊِوڪي جون ديوارون، ٻاتيءَ جي ڪنهن ٻوڙ،
هيٺا هَٿَ وڏيا جي، هونديءَ ذريون ذريون زنجير.

ڳوڙها ڳاڙيندا ها جي، سي اُٿندا ڪَرتي ڏنڊ،
آيو چيٽر ڪي ڇوهه، ته ڏسيندين اونهي جو انداز:
وڪ وڪ ۾ ڪا وِڄلي هوندي، ڍهندا ويندا بند،
-تون ٻوڙو آن، آءٌ ٻڌان ٿو قدمن جو آواز.

تو انڌو آن، آءٌ ڏسان ٿو ڪنوٽين جا سڀ ڪيل،
تون اوندهه جي آڪيري ۾ ويٺو آن اڻ چاڻ:
نيٺ ته ٿيندا رڻ ۾ رَت تي تنهنجا منهنجا ميل،
منهنجا گهوڙا گهائي وجهندا توکي سُنبن ساڻ.

سان چاڻان ٿو، سان چاڻان ٿو، جر آ منهنجي جاڻ،
پڙڪي پڙڪي پنيت ٿيندي، جلندو هيءُ جهان:
آخر منهنجي سوپ سنواريا، آخر تنهنجي آڻ!
تون رڪ هوندين، ڇيون ڇٽينديون ڪوئي نئون انسان!

(٣٠)

جهونجهڪڙي ۽ ڪارو ڪنجي —
منهنجو من،
جيوَن ٻنَ:

آڏري آڏري، پوندو ٽڪجي —
تنها تن،
منهنجو من...

جهونجهڪڙي ۽ ڪارو ڪنجي.

Gul Hayat Institute

(٣١)

آءُ پَل هان !
آءُ پَل هان !
مان ئي سَـي هان، مان ئي مَستي، مان ئي جام،
مان ئي تنهنجيءَ تشنگيءَ جو انتقام؛
منهنجي هستيءَ، منهنجي مستيءَ، ڪي سڄاڻ،
مان ئي تنهنجي ميڪشيءَ جو هان دوام.

آءُ پَل هان !
آءُ پَل هان !
تنهنجي خوشبوءِ ڪي ڪٿي شبنم مثال،
مان اُڏامان ٿو، ٿيان ٿو لازوال؛
نيٺ ويندين مثل گل ڪومائجي،
مان ئي ٿو سانڍي سگهان تنهنجو جمال.

آءُ پَل هان !
آءُ پَل هان !
مان ئي تنهنجي ذات هان مان ئي صفات،
مان ئي تنهنجي بي ثباتيءَ جي ثبات؛
تون وسارين ٿو ته غافل پل وسار،
ورنه مان ئي موت هان مان ئي حيات.
— جي سڃاڻين، موت ناهيان:
آءُ تنهنجي زندگيءِ هان !

آءُ پَل هان !
آءُ پَل هان !

Gul Hayat Institute

(٣٢)

سانجهي، سانت، آتر چي واءُ،
کونج اُفق ۾ ڪرڪي، آءُ!
تون ٻنجي پڙلاءُ.

ٻر جي تون پڙلاءُ نہ آهين،
پوءِ تون ڇا هين؟ آخر ڇا هين؟
... شايد ناهين!

(٣٣)

مان مندر، تون ناد،
مان گرجا، تون گهنڊ،
ڇو تون منهنجي نند،
روز ڦٽائين ٿي؟
ڇو جاڳائين ٿي؟
منهنجي آد جڳاد! منهنجي آد جڳاد!
... مان مندر تون ناد!

Gul Hayat Institute

(٣٤)

ڄر ڄي جلندي جوت،
منهنجي من ۾ اوت،
تنهنجي در تي آءٌ ڪنگال!
سڀني هنئين آ ڪيئي سال...

تو نه ڏني پر ٻوند،
چو ايڏي اڻ هوند!
ڄر ڄي جلندي جوت،
منهنجي من ۾ اوت!

(٣٥)

ائين نه مون کي رول،
تون ئي مون کي ڳول!

توکي ڳولي، آنءُ،
ڪڏهين نه پاتو ٿانءُ...
آءُ نه منهنجا ڍول!
تون ئي مون کي ڳول!

Gul Hayat Institute

(٣٦)

ڪٿي تہ آهين شيام !

جت جمنا جي لهر لهر ۾، تنهنجي آهہ لُڙاٽ ـ
گهٽي ڏنم سڀ گهاٽ،
ڪٿي تہ آهين شيام !

جت پنڇيءَ جي گيت گيت ۾، آهي تنهنجي تانَ ـ
ڪٿي لِڪو آن ڪانَ !
ڪٿي تہ آهين شيام !

ڇُور ڇُور ٿي پئي هان، تنهنجو وٺي وٺي سان نانءُ،
هيڏي پيو آ هانءُ ـ
ڪٿي تہ آهين شيام !
ڪٿي تہ آهين شيام !

Gul Hayat Institute

(٣٧)

ننڍڙو ٽِڪلو
ڪانگڙ تي ڪُنڍڪي...

شَڪرو تاڙي،
جھڙپ ڏئي، اَن ڪي
چيري ڦاڙي!

آخر چونہ سدا،
اوءِ آدا،
ننڍڙو ٽِڪلو
ڪانگڙ تي ڪُنڍڪي!...

Gul Hayat Institute

(٣٨)

پاڻيءَ ۾ مينهون
دور وڃي پهتيون.
نياريون نياريون، ڪاريون ڪاريون،
لهواريون ليڪون.
پاڻيءَ ۾ مينهون!

هي سانجهيءَ جا سانڳ، هوا ۾
آهي ’تون نَي تون‘،
ايندي هاڻي ٻانگ، فضا ۾
غائب ٿي وينديون
لهواريون ليڪون.
پاڻيءَ ۾ مينهون!

Gul Hayat Institute

(٣٩)

او پرديسي ! او پرديسي !
ڪهڙو تنهنجو ديس ؟

تنهنجو ڪوبہ سڃاڻو ناهي،
تنهنجيءَ ڌُن جو ڄاڻو ناهي،

ڪنهن لاءِ هي يڪتارو ناهي،
ڳائين ٿو تون ڳاهي ڳاهي !

هي ساڻهو ڪيئن تنهنجا ٽيندا !
تنهنجيءَ رَت ۾ نيٺ رڱيندا !

تنهنجو گيڙو ويس –
ڪهڙو تنهنجو ديس ؟
او پرديسي ! او پرديسي !

Gul Hayat Institute

(٣٠)

پاڻي !
ڪاش ! ماڻ سڙهم هجان !

هير سون کي چُمي، نير کي مان چمان !
منهنجي آغوش ۾، موج ِ آب ِ روان .
مضطرب ٿي وڃي، ۽ متان آسمان
هيءَ اسان جي محبت ڏسي پيار مان .
هوءَ به پچندي وڃي، مان به پچندو وڃان،
دور هن گهاٽ کان، دور هن گهاٽ کان !
ناهه مهر و وفا جو جتي ڪو نشان،
ناهه جور و ستم کان جتي ڪا امان !
دور ڳولي لهان ساحل ِ بيڪران،
دور، آزاد، مثل ِ هوا ٿي، ڦران !

ڪاش مان سڙهه هجان !
پاڻي !

Gul Hayat Institute

(٤١)

رات اسان جي ميخاني ۾
آيو خرقہ پوش :
ڳوليو هر ڪنهن ديواني ۾
هن جو صبر و هوش !

هن چيو، ”حافظ آهيان، يارو !
شهر اٿم شيراز،
منهنجي مينوشي ميخوارو !
آهي عين نماز !“

سون چيو، ”حافظ ! اچ، اچ، سون سان
خرقو لاهي ويهہ !
ڀيريون ٿيءَ اسان جئن عريان،
پوءِ چانئٺ سان پيهہ !
تو ڪي هي ملا جو خرقو
ڪنهن پاتو آ يار !
پيءَ اسان سان ويهي نانگو،
جي آهين ميخوار ! “

Gul Hayat Institute

(٣٢)

اي وطن ! منهنجي تخيّل جا وطن !
لونءَ سنهنجيءَ جي لڳن !
جانِ من !
اڄ ڇڏي تنهنجو ڪفن،
تو کيان تنهنجو سپردِ خاڪ تن .

خشڪ منهنجي ديدهء خونبار آ،
لاله و گل کان سوا،
اي سٺا !
لاش تنهنجي کان جدا
تو ٿيان مان... الوداع، او الوداع !

Gul Hayat Institute

(٤٣)

مئر مست هان !
مئر مست هان !
مان ساغرِ مهتاب مان
مئي پي وڃان، هڪ گيت سان؛
ڪاريءَ گهٽا جي پينگهه تي
جهولان جهُلان، جهولان جهُلان؛
آغوش ۾ منهنجي رهي
هيءَ ڪائناتِ بيڪران،
هيءَ حسن جي جُوي روان،
هيءَ ماه و انجم جو جهان،
هي ڪهڪشان،
هي آسمان !

مئر مست هان !
مئر مست هان !
جنهن وقت مردِ ڪوهڪن،
تيشهٔ نگن، اُکتي وڏن،
تن مان رهِ تقدير ۾،
گڏجي ٿيان مان گامزن؛
مان زندگيءَ جي سير ۾
تن سان وڃان، اي هموطن !

Gul Hayat Institute

شمشير هٿ ۾، نعره زن،
شعلہ فشان سارو بدن،
اڳتي وڌان!
ماريان مران!

ستر مست هان!
ستر مست هان!

(۴۴)

تو گهمان مان ڏار تي تلوار جي،
اِن ڏار کان تورو پري،
آهي پرينءَ جي لوءِ، او!

آسمان مان چنڊ مون کي تو چئي،
'وچ وچ پلي، ان لوءِ ڏي،
'ويندو نہ ڪوئي پوءِ، او!

'غم نہ آهي، پير جي چلجي پيا،
'هي وقت آ، هي وقت آ،
'موتي نہ ايندو ووءِ، او!'

Gul Hayat Institute

(٣٥)

ڏو وڃانءِ خنجر بہ ڪف،
ڇيري آنهن جي صف بہ صف،
اي پرين! تنهنجي طرف، تنهنجي طرف!

مان آهو پنجہ شڪن،
جنهن ڪان ڀڄي سڀ هموطن،
دور تان هن کي ڏسن، ڏيي طعنہ زن.

اي پرين! تو لاءِ مان،
جيسين مران، وڙهندو رهان،
ڪاش، توکي موت کان اڳ ۾ ڏسان!

Gul Hayat Institute

(٣٦)

سلسلهٔ ڪوهه ۽ چشمهٔ آبِ روان...
سيب جي وڻ مان مٿان ـ
سيب ڪِري ناگهان،
آيو ٿي لُڙهندو پريان، ٿو وڃي لُڙهندو اجان...
ڪيستائين؟ ڪٿي ڇوان!

هيءَ شفق آلود شام، سلسلهٔ ڪوهسار،
خامشيءَ برگ و بار...
اوچتو ڪنهن جاندار
سلسله ڪوهه مان، جو ڪئي چيخ و پڪار!
آئي صدا آرپار!

(٣٧)

اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته علي الاعلان ـ
”منهنجو ڪوئي ديس نه آهي، منهنجو ديس جهان،
”منهنجو ڪوئي نانءُ نه آهي، مان آهيان انسان،
”منهنجو هي انجيل، نه منهنجي گيتا يا قرآن،
”ڌرتي منهنجي ماءُ، آنهيءَ تي آ منهنجو ايمان!“
ڀڳهري ويا زنجير صدين جا، رهه نه اڃا نادان،
اڄ ته ڀڃي ڇڏ، اڄ ته ڀڃي ڇڏ، زور ڏئي زندان،
اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته چئي ڏي، اڄ ته علي الاعلان!

Gul Hayat Institute

(۴۸)

اي هم - وطنو! آءٌ اوهان تي ڪيئن نہ ڪلان!
روز و شب ڪُهسار!
اوهان رهوار
جهلي هين پار،
رکي هٿيار،
ڏسو ٿا طوفان جا آثار!
مگر هيءَ پار اوهان مان ڪوبہ نہ ويندو خوف وچان!

اي هم - وطنو! آءٌ اوهان تي ڪيئن نہ ڪيلان!
روز و شب جي ءُجان،
نوان انسان
ڏئيي جولان،
لنگهي طوفان،
وڃي هيءَ پار ٿيا مهمان!
آنهن جو شان فقط اج آءٌ پيو منظوم ڪيان!
اي هم - وطنو! آءٌ اوهان تي ڪيئن نہ ڪيلان!

Gul Hayat Institute

(۴۹)

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

جنهن زمين آسمان
جي کلي ٻڌي زبان؛
ڪُنڊ ڪُنڊ، چوڪ چوڪ،
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جنهن ڏني آءٌ جواب — انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

هي ته ڪو نياءُ آ —
جو مزور پياءُ آ،
سو لهو پيئي پيئو،
جنهن سبب جيئي پيو
سو پيئي پيو شراب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

ڏوڏهن سماج کي،
لوڏ سامراج کي،
ڏاهه سو نئون نظام،
جو چڱو چئي عوام —
هي نظام آ خراب — انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!

Gul Hayat Institute

ڳاءِ، ڳاءِ نوجوان !
جئن زمين آسمان
جي زبان ڳلي پئي،
زندگي اُٿي چئي،
انقلاب! انقلاب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ !

Gul Hayat Institute

(٥٠)

تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تون آن منهنجو چنڊ، ته آهيان تنهنجو آءٌ چڪور،
تون بادل جئن برسين مون تي، بان هان تنهنجو مور—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجي ڌرتي، مون کي پرتي، منهنجو تو ۾ ساهه،
تنهنجيءَ کيتيءَ، تنهنجي ريتيءَ سان آ منهنجو چاهه—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجو پاڻي منهنجو ساٿي، جنهن سان منهنجو جيءُ،
تون سنڌوءَ جي ساهيڙي آن، او ڌرتيءَ جي ڌيءُ—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

منهنجي من ۾ آهن تنهنجون چانڊوڪيون ۽ چيٽ،
منهنجون لاتيون منهنجون باتيون، آهن تنهنجي پيٽ—
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

Gul Hayat Institute

تنهنجيءَ ٻوليءَ جو سان ٻيلي، واريان تنهن تان ڀاڻ؛
ڳالهيون تنهنجون ڳايان، منهنجو سُر آهي تو ساڻ ـ
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

مٺڙو آهي هر ماڻهوءَ لَيءَ پنهنجو پنهنجو ديس؛
پيارو آهي ساري جڳ کي، پنهنجو وَن ۽ ويس ـ
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

منهنجي ٺهٽي، منهنجي سسئي، منهنجي موسل آهه !
روئي روئي آهه سڀان اڄ تنهنجو گهرو گهاءُ !
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

تنهنجا ويري ٿيندا ڪيري، تن جي منهن ۾ ڌوڙ؛
سائي آ سچ، تون ٻيلي نچ، ڪيسين ڪڏندو ڪوڙ !
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ !

Gul Hayat Institute

(٥١٠)

## منهنجا مٺڙا پٽ!

جهوني ڪوڙ سان منهنجو جهيڙو هلندو آخر تائين،
تنهن نٿون سچ تون ڳوليندين، جيئين شال سدائين!

ڌرتيءَ جي دک ۾ آ منهنجو چاهه انهيءَ لئيءَ لال!
تنهن نٿون سک جئن تون مائين، جيئين سدائين شال!

ممکن آهه ته ڌرتيءَ جو دک پورو ڪونه ٿئي،
ممکن آهه ته تنهنجو بابا وڙهندي جان ڏئي!

ممکن آهه ته مون کان ٿيءَ پيءِ، ڏکيو بکيو انسان،
ڪيي ڳيي لئيءَ ڳات جهڪائي، هجي اجا حيران!

انهيءَ صورت ۾ منهنجا مٺڙا! جيئين شال سدائين!
تون به اٿين ٿي وڙهندو رهجانءِ، منهنجي آخر تائين.

نيٺ ته ڊهندو ڪوڙ، سدائين جنهن کي ناهه ثبات،
نيٺ ته اڀرندو سچ جو سورج، نيٺ ته کٽندي رات!

Gul Hayat Institute

## قطعا

اسان لاءِ ميڙ ته ڪا شيءِ نه آ،
اسان لاءِ شاعر وڏي بات آ.
وسامي نه سگهندو انهيءَ جو ڏيئو،
مڃان ٿو ته هن وٽ اُها ذات آ.
مليو آهه هو ميڪدي ۾ سدا،
مڃان ٿو ته پير خرابات آ،
پيارو اسان کي به حسن ازل،
برهه جي اسان تي به برسات آ:
پنهون لئيءَ پريشان آهي ڪڏهن،
ڪڏهن ڏس ته ڪونروءَ ڪيو مات آ —
اسان جي به ساکي وفا ۽ جفا،
اسان جي به ساکي حڪايات آ.
ڏلي ناهه ڪنهن بيت جي دلبري،
سچيءَ سنڌ کي فڪر آيات آ:
نه شاعر نه انسان، هتي اي "اياز"،
پناٿي فقط ذات ئي ذات آ.

Gul Hayat Institute

كنهن نئين ڪفر جي پني خوشبو
شعر منهنجو لڳائي آيو آهه.
زندگيءَ جي شراب سان سرشار
مون نئون گيت روز ڳايو آهه.
اڪثر اوقات عقل جي دڪ تي
عشق آنديءَ مثال آيو آهه.
واڪ وس ۾ رکي هميشه مون
هر نئون سوز آزمايو آهه.
دير و ڪعبه ڇڏي ڏئي هاڻي
مون مٿان ميڪدي جو سايو آهه.

---

نہ ڇڏيو آهه ماڻهپو ۽ سرڪ،
گرچہ هڙئا تباه حال آهيون:
هر زماني جي ناشناسيءَ جيي
چوٽ کائي بہ با ڪمال آهيون.

Gul Hayat Institute

---

ڪٿي آهه پروردگار محبت!
خزان پوش آ هر بهار محبت:
اڙي آدمي! ڪيستائين نہ ڏينئدو
شعور محبت، شعار محبت؟

---

نينهن تنهنجو ڏينهن وانگر ٿو ٻڪي،
ڪيستائين مان لڪايان او پرين!
راز تنهنجو ساز ۾ پيو ٿو لڇي،
ڪيستائين مان نه ڳايان او پرين!

---

ساز تي ٿي ناز آ سون ڪي بنا!
جنهن بنا هر چيز ئي بيڪار آ
گيت منهنجي جيت آهن، جن بنان
منهنجي ساري زندگاني هار آ

---

منهنجي هستي منهنجي مستيءَ سان ملي،
ڪنهن آلستي حسن جي پٺ تان پئي،
دور پهتي، آسمان تي چڙي
راتڙين ۾ چنڊ تارن جي رئي
۽ پونر جي سامن، گل جي وأس ۾
جڻ پرهه جي هير جئن آئي وئي —
ڪو هوس ناهيم، شاعر هان ”اياز“،
منهنجي من کي آهه دولت آڻ ستي.

---

Gul Hayat Institute

کنهن چيو ٿي آنءَ تنهنجو عڪس هان،
هيءَ ڳجهارت تون ٿي سمجهائينم ها :
عڪس سان ايڏي عداوت، ڇا سبب؟
رنج و غمَ ايڏا ڀلا ڇو ڏينم ها!

---

رَبَّ جو هانءَ ٿانءَ آهه آهو،
پنهنجا ڳوڙها ڳڙي ڳڙي جنهن ۾،
ٿا ڏين ڏيک ڄڻ ته سوتين جو.

O

ڀاڻ ڀه ڀه ڪئي ٽنبي ۾ ڪلهه،
مون جهليا پنهنجي جهول ۾ جڳنو،
ٿي ڀڙڪيا ڄڻ ته ٽمي ٽمي آنسو.

O

جيئن ڏيئي مان ڏيٺو ڀري پيارا!
تيئن اکين مان اکيون ڀري ڀونديون،
آءٌ ويجهو ته آءٌ منهنجي تون!

O

منهنجون اکڙيون ۾ ٿانوَ موتين جا،
جن کي ڇپرن سان مون ڍڪي آندو،
ڍڪ هٽائي اگرچه تو نه ڏٺو!

O

Gul Hayat Institute

ڪوھ، ڪنيڙا ۽ اي چڪور چريا،
چنڊ سان دوستي اجائي آ:
چنڊ ھڪ رات مسافر آ،
۽ ڪھڙيون سونهن جي سڳهائي آ.

---

مينهن جي رات، چؤ طرف گجگوڙ،
آسمانن جو ھانءُ ڦاٽي ٿو:
اي پرين! ڏس ته تو سوا شاعر
ھيءُ ڪئن رات ڪيئن ڪاٽي ٿو!

---

۽ سا زندگيءَ ۾ تپش آ نه تاب،
ويو اوچتو پيار جو سج لهي:
مگر عمر جي تيز ڪٿن تي پرين،
شفق جئن سندءِ ياد پوندي رهي.

---

Gul Hayat Institute

ريشمي زرق برق ساڙهيءَ ۾،
ڪيترو محو آهه، هي انسان!
زندگانيءَ جو پالتو خرگوش-
ڪيترو نرم، ڪيترو نادان!

Gul Hayat Institute

## غزل

مونس، ماهتاب آهيان مان
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان

ٿي جلي آڳ عشق جي مون ۾
حسن جو انتخاب آهيان مان

جيئو ورهائي سدائم مستي سو
زندگيءَ جو شراب آهيان مان

خالق ڪائنات! ڏس، تنهنجي
جستجو جو جواب آهيان مان

جيستائين هلين، ابد تائين
اي ازل! همرڪاب آهيان مان

دير و ڪعبه جو دڳ وسار ”اياز“
چڙهي گهڙو ٿيو خراب آهيان مان

Gul Hayat Institute

(٢)

زندگي يا شراب جي نشّ آ
جنهن جي مستي روان دوان آهي

هر محبت اِجا حسين آهي
هر تمنّا اِجا جوان آهي

جنهن زمين تي قدم پيا پنهنجا
تنهن تي سجدي ۾ آسمان آهي

خار زار حيات ۾ رقصان
پنهنجي خوشبوءِ جو ڪاروان آهي

آ انڌيرو ته ڇا، زبان تي جي
تنهنجي زلفن جو داستان آهي

پنهنجي ڪوزي ۾ آفتاب آهي
رات تي ڏينهن جو گمان آهي

مون کي مَئي جي ڪمي نه، آ ساقي
تنهنجي اکڙين جو امتحان آهي

جام آغاز، جام ئي انجام
صبح يا شام هڪ گمان آهي

Gul Hayat Institute

اي تصور سندم تڏي تي اڄ
ڪنهن پکيڙي ڇڏي ڪهڪشان آهي

چنڊ هر وقت همسفر آهي
رات هر وقت رازدان آهي

زندگي موت جي قريب آهي پر
ڪوئي محبوب درميان آهي

چنڊ مون کي چمي رهيو آهي
رات ڪهڙي نه مهربان آهي!

ٻي مڏي سيپ ۾ تون ڪٿي آهين؟
ڪوئي ٻي ٻار نغمه خوان آهي

ڏور آهين ''اياز'' ڪان ڪٿ تون؟
جسم کان دور ڪيئن جان آهي!

Gul Hayat Institute

( ٣ )

اي اکيون، پياريون اکيون، اچ بيحساب
منهنجي تشنه روح تي اوتيو شراب !

هر حقيقت کان مٿي آهي مجاز
هر عبادت کان چڱو آهي شباب

عاشقيءَ ۾ روح کي آزاد رک
جسم جو زنجير آ دور شباب

هان کڻو، ساريءَ خدائيءَ پئي آڻو
مون ڪنيو آهي فقط چنگ و رباب

سڀ پيمبر راتڙيءَ جي خامشي
سڀ صحيفا آهه مون لئيءَ ماهتاب

زندگيءَ جي خواب جي تعبير خود
زندگيءَ جو آهه بي تعبير خواب

Gul Hayat Institute

(٣)

رات توکي پئي پڪاري، آءُ!
ڪنهن نئين چنڊ جي سهاري آءُ!

بزمِ هستي سياه و سرد آهي
داغِ دل جو چراغ ٻاري آءُ

اڄ ته تو ڙيون سڪوت ساحل جو
موج و طوفان ڪٽي ڪناري آءُ

زندگيءَ ۾ ڪپي ڏکن جي ڏاهه
تون سکن جو سوال واري آءُ

شمع جو ڀاڳ آ جلڻ ۽ جاڳ
جي ڪرين نيڻهن، ننڊ ڪاري آءُ

هيءَ پني رات، هيءَ هوا، هي چنڊ!
هر گهڙيءَ ساهه توکي ساري آءُ

جيت يا هار، پريت ڪرڻي آ
آءُ تن من "اياز" واري آءُ

Gul Hayat Institute

( ٥ )

اوهانجي اکين جامِ سَبُو مان نهاريو
اسان چوٽ کائي ڪٿي جام هاريو

ڪڏهن حسنِ گل مان ڏسو جهاتي پائي
ڪڏهن رات جو چنڊ جو روپ ڏاريو

اچو منهنجا سائين! اچو منهنجا سائين!
پني آهه اڌ رات، ٿاڻو نه ٿاريو

اسانجون وفائون، نه ساحل نه ڪشتي
اوهان جون ادائون، نه ٻوڙيو نه تاريو

زمين جا ستارا، هئا لڙڪ پنهنجا
اسان رات روئي پرهه کي پڪاريو

ڪٿي آنهه تون اي نظامِ محبت
صديون ساهه منهنجي سڪي توکي ساريو

تون ڪوڙهن ۾ ڪوڙهو وڃي ڏس نه توکي
پتو پئي اسان کي آ ڪنهن مرڪ ماريو

هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو، هي بي سمجهه سمجهو
پري بزم ۾ مون اڪيلو گذاريو

”اياز“ آهه سجدي ۾ مثلِ صراحي
انهيءَ جي عبادت، پيئو ۽ پيئاريو

Gul Hayat Institute

(۶)

ڪنهن تہ ورتو ڀٽي ڀرينءَ جو نانءُ
جو وڏو اوچتو هٽن ساٺ ڦانءُ

گرچہ، ان ۾ نئون نئون سڌ آ
دل ۾ پراڻي پياڪ جسو آ ٿانءُ

ناهہ ڪنهن کي بہ سار سپرينءَ جي
نہ وري صبح ڪان لڏوي ڏو ڪانءُ

تون مڃيندين تہ ڪونہ اي جيڏا!
جي چوان لازوال آهيان آنءُ

شاعري ذات آ "اياز" مگر
ذات ڪهڙي، هجي نہ جنهن کي ڏانءُ!

Gul Hayat Institute

( ٧ )

جلد اچ، چنڊ رات آ منڙا
هر خوشي بي ثبات آ منڙا

مون ۾ تنهنجي چپن ڪئي پيدا
آرزوي ثبات آ منڙا

چپ انهن ۾ پني پني ڪاني
بوي آبِ حيات آ منڙا

گل چپن تا شراب ٿو ڇلڪي
جا سندءِ بات بات آ منڙا

جا سندءِ زلف ۾ وڃي وچڙي
بس اها رات رات آ منڙا

روح جي گوشهٔ محبت ۾
وسعتِ ڪائنات آ منڙا

هڪ ثبوتِ ثبات شاعر وٽ
آرزوي ثبات آ منڙا

جستجوي نجات ۾ حائل
آرزوي نجات آ منڙا

هي ازل کان ”اياز“ آندي آ
ڏس اها لات ذات آ منڙا

Gul Hayat Institute

(٨)

اي سراپا شباب ويجهو آءُ
مثلِ شعر و شراب ويجهو آءُ

ڪيترو وقت آ خدا معلوم
هي جهانِ خراب، ويجهو آءُ

مرمرين جسم، احمرين اکڙيون
هاءِ! تنهنجو شباب، ويجهو آءُ

شبنم آلود لب ڪٿي مون وٽ
مثلِ برگِ گلاب ويجهو آءُ

سينهءِ ساز تي هڻي مضراب
روحِ چنگ و رباب، ويجهو آءُ

پابجولان آ رخشِ عمرِ روان
تون به ٿي همرڪاب ويجهو آءُ

ياد آيو ”اياز“ کي هو جسم
اي شبِ ماهتاب ويجهو آءُ

Gul Hayat Institute

(٩)

ٿي سڏي ڪُوي يار، موٽي آءُ
اي دلِ بيقرار، موٽي آءُ

ساحلِ آسودگيءَ، اڙي توبهه
موجِ بيڪنار، موٽي آءُ

منزلِ شوق ڏورو اڳتي آ
آءُ، همت نہ هار، موٽي آءُ

تو بنا ڪا خوشي مڪمل ناهه
آءُ اي دردِ يار، موٽي آءُ

ڪنهن وسائل چراغ جي خاطر
اي شبِ انتظار، موٽي آءُ

اي پرين! هن جهانِ تنها ۾
ڪير آ ڪنهن جو يار، موٽي آءُ

منهنجي محبوبہ، منهنجي چانڊوڪي
مثلِ بوي بهار، موٽي آءُ

سيرِ دير و حرم "اياز" ڪري
بهتر آ ڪُوي يار، موٽي آءُ

Gul Hayat Institute

(١٠)

خبر ناهي تہ ڇو آهي ۽ ڇا آهي!
محبت زندگيءَ جسي انتها آهي

محبت ئي اسان جي منزلِ آخر
محبت ئي اسان جي رهنما آهي

اجهو دار و رسن ڄڻو ڪو پيام آيو
ملي اڄ زلفِ جانان مان صبا آهي

زمين جي تشنہ لب جنت پڪاري ٿي
ڪٿي هو باد و باران جو خدا آهي

هوي ٿي ماڪ، چانڊوڪي ٿڌيري آ
”اياز“ اڄ راتِ ڪيئن هو بيوفا آهي

Gul Hayat Institute

(١١)

قدم قدم تي هجوم رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا
ڪري ويو ڪير بارشِ مستي، خمارآلود ٿيا زمانا

شعورِ هستي جتي ڪٿي آ، شعارِ هستي ڪٿي ڪٿي آ
پيئو پيئاريو، جيئو جيئاريو، مگر ۾ اندازِ عارفانا

امان جو چاهيو ته روح تنهنجو چپن مان چوسي وٺون ته ساقي
گهڙي نه گذري خلاف پنهنجي ٿيا سمورا شراب خانا

ڪڏهن ڪڏهن موجِ مستي مان آيري خودي وري غرقِ جام ٿي وئي
ڪندو رهيو ساحلِ تمنا سوين اشارا سوين بهانا

مثالِ سيلاب وقت گذري، لٽي چڏيو قصرِ عاشقيءَ کي
ڪٿي جبينون جهڪيون آلائي، ڪٿي هيو سنگِ آستانا

اڙي! اڙي! ترس ترس، ڪنهن کي متائين تو بي‌خبر، نظر ڪر
”اياز“ آ شاعرِ محبت، اڙي زمانا اڙي زمانا!

Gul Hayat Institute

(۱۲)

ڏٺم آسمان ۽ زمين، تون ڪٿي آنهه
ڪٿي آنهه سنهنجا پرين، تون ڪٿي آنهه

صراحي ۽ ساغر ۾ خوشبو آ تنهنجي
مگر اي مئيءَ آتشين، تون ڪٿي آنهه

نئينءَ رات مون لئيءَ نئون چنڊ آندو
هزارين ڏٺا مون حسين، تون ڪٿي آنهه

بغاوت ڪئي آ مون دير ۽ حرم سان
جهڪايان ڪٿي سان جبين، تون ڪٿي آنهه

اسان جي هتي جامهٔ آدميءَ ۾
ملاقات آ آخرين، تون ڪٿي آنهه

چيو چنڊ ڪجهه آسمان تان، ٻڌو تو!
ڪٿي آن "اياز" حزين، تون ڪٿي آنهه!

Gul Hayat Institute

(١٣)

اي دلِ زار، رُلائينم نہ ها
منزلِ يار، ڀُلائينم نہ ها

ڏينم ها يا تہ حياتِ آبدي
يا گهڙيءَ لاءِ گهرائينم نہ ها

جي محبت کي ڪنہ تُو سمجهين
پو تہ انسان بڻائينم نہ ها

زندگي هونءَ بہ گذري وڃي ها
يا خدا! هوءَ ملائينم نہ ها

جي ملايءَ تہ وڇوڙينم نہ ها
جي وڇوڙيءَ تہ مڪائينم نہ ها

زندگي چين سان گذري ٿي "اياز"
ڪاش، هي شعر ٻڌائينم نہ ها

Gul Hayat Institute

(١٣)

آلاڻي وري رات ايندي نہ ايندي
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي

پلي ڏي نہ ورندي، تمنا نہ ورندي
پٽي دل اسان جي اوهان کي سڏيندي

بهار آيو آهي، اگر تون بہ آئين
گلن سان محبت بہ جهولي ڀريندي

سدا تنهنجو حسن و حيا ياد ايندو
وري دل نہ ڀي ڪاہ مڪڙي پٽيندي

وري تنهنجي در تي "اياز" آيو آهي
سندس اک نہ ڀي ڪاہ ڇانئٽ چميندي

Gul Hayat Institute

(۱۵)

پيئي ياد آيا فسانا اوهان جا
نگاهون اوهان جون، نشانا اوهان جا

اوهان جي خد و خال جا شعر ڳائي
لٽايا پئي ڪنهن خزانا اوهان جا

اسان لاءِ ڪنج، قفس آهه ڪافي
اوهان جا چمن آشيانا اوهان جا

اسان کي چُڪي چاڙهئي آهه ساقي
اوهان جا سُبو باده خانا اوهان جا

هيا سي اسان ڪنهن ڪهڙيءَ جا گداگر
زمينون اوهان جون زمانا اوهان جا

”اياز“ آشنا ناهه دير و حرم سان
انهيءَ وٽ هيا آستانا اوهان جا

Gul Hayat Institute

(١٦)

ڪنهين سان تہ اوريان ڪنهين سان تہ اوريان
حقيقت جون رمزون، مگر هوريان هوريان

ڏيان آگ گرنار کی گاهي گاهي
وري سر وڍايان، وري چنگ چوريان

وری، ها وري، هو اشارو اکين جو!
سچو عالم خير و شر جنهن تان گهوريان

مہ و ڪهڪشان تان جو مايوس موٽيس
ڏنو آسرو ڪنهن اچي اوريان اوريان

”اياز“ اڄ ڏيان هن کي نذر محبت
ہ تي شعر جوڙيان، ڪليجي کي ڪوريان

Gul Hayat Institute

(١٤)

ازل کان هلي ڳالهڙي تنهنجي منهنجي
حياتِ بشر هڪ گهڙي تنهنجي منهنجي

زماني کان رهندا هميشہ نرالا
خدا تنهنجو منهنجو، خودي تنهنجي منهنجي

پيري ٿو پَوَنر روز سورج مُکيءَ تي
چمن ۾ هلي عاشقي تنهنجي منهنجي

پيو چنڊ جنهن کي اچا تائين ڳولي
کٿي آهہ سا رانڙي تنهنجي منهنجي!

محبت تہ آبِ حيات آهہ پيارا
پُڄهي ڇو نہ پو تشنگي تنهنجي منهنجي

محبت "اياز" آهہ زنجير، تنهن کان
ڇڳي آهہ آزادگي تنهنجي منهنجي

Gul Hayat Institute

(۱۸)

ڪرِي ڪير ٿو هيٺ ڀڪن مانِ ڀڪارون
نہ منهنجو ملير آ نہ ڪي منهنجا مارون !

رهي گونجندي ڪوڪ ڪائي فضا ۾
اُڏامي ويون ڪونجڙين جون قطارون

وِرَهہ تنهنجي وستي ورهيہ ٿيا وسائي
ڪٿي چڻنگ چوليءَ هليو ڪير پارون ؟

وڃون ٿا ڀڃا مير جي اڄ سهاري
نہ ترهو ٿي تاڙيو نہ ڪي آهيون تارون

”اياز“ ان سبب سَي پرستي ڇڏيندو ؟
ميانِ، تون بہ ڪنهن ڪي ڏئين ٿو ميارِون !

Gul Hayat Institute

(١٩)

پرينءَ سان پکا ڪير ويهي آڏي
گهڙي لئون لڳائي هلون ٿا لڏي

جهڙاليون لڳائي وٺين جيءَ ۾
اڙي جيءَ آئين اسان جي تڏي

آتر ڪان اچي ٿي آئي جي هوا
پتري آ، پتري آ، نصيحت نه ڏي

ميان، ڪير مٺي جون ميارون سهي
اسان کي ڇڏي ڏي، ڇڏي ڏي، ڇڏي

نه ٿيندي نه ٿيندي محبت فنا
هلي آ، پلي ويهه گوڏو گڏي

”پنائي“ ۽ هو ميڪدي ۾ ”اياز“
ڏنائين پٽي متي اسان کي سڏي

Gul Hayat Institute

(۲۰)

اڪيون عاشقن جون آڇايل آڇايل
دليون درد واريون، ڏڪايل ڏڪايل

هٿي جاه و دولت جي ڪوڙي ڪهاڻي
جهانَ ۾ رهيا نينهن ڪجهه نيايل

خبر ناهه اي دور تاريخ ڪيسين
اجا خون انسان جو رهندين آڇايل

ڪٿي آنهن ابر ڪرم تون ڪٿي آنهه؟
اڙي ڏس ته ڇهرا سڪايل، سڪايل!

ڪڏهن هاءِ ڏسنديون نظام محبت
اکيون آس واريون، سڪايل سڪايل

ملن ٿي نه ٿا اڄ ته پيرا پنهونءَ جا
ڪٿي آهه هوت ڪيچ، اي منهنجي آيل؟

ڪڏهن منهنجي خاسين بناڻ ڏس
سوين تو ۾ خوبيون هزارين

Gul Hayat Institute

(٢١)

حسين هن جهان ۾ بہ ڇا ڇا هيا !
ڏٺوسي ڇتائي ته پاڇلا هيا

ڇٽي گل ٿيا نيٺ خاڪ چمن
اهي رنگ و بو اي خدا ڇا هيا ؟

رباب شڪسته، پڏائينم ها
اهي نغمهٔ دلربا ڇا هيا !

جي منزل هئي واديءَ تيرگي
ته هو ماه و انجم ڀلا ڇا هيا ؟

هيا خوب نقش و نگار حيات
مگر ڇا هيا، ڇا هيا، ڇا هيا

هوائون، گهٽائون، فضائون، بهار
آلا ڇا هيا سڀ، آلا ڇا هيا !

وفائون جفائون، ادائون حيا
ڪرشما هيا خاڪ جا، ڇا هيا !

هيا نقش پا هن سفر جو ثبوت
مگر نقش پا ! نقش پا ڇا هيا ؟

”اياز“ اج جدائيءَ ۾ سوچيو پئي
ملاقات جا ولولا ڇا هيا !

Gul Hayat Institute

(٢٢)

هوءَ عشق و محبت جي دنيا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي
آ ياد جنهن جي باقي، سا گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

اڄ ياد اوهان جي آئي يا هر شيءِ تي ڇايو نور مٺا
يا صحن ِ چمن مان باد ِ صبا گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

هاڻي ته لهي ويو آ دريا، جنهن ڪشتي ڪئي پاره
اي همسفرو، هوءَ موج ِ بلا گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

محفل نه رهي، ساقي نه رهيا، پيالا نه رهيا، پياسي نه رهيا
اي شمع ِ سحر، ڇا رات آها گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

سا رات نه آ برسات نه آ، سا تن ۾ ڪنهن جي تات نه آ
او ديوانا او ديوانا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

ڪي ڏينهن هيا جو نينهن هيا جو ڪنهن جي سونهن ورونهن هئي
نه رهي، نه رهي، نه رهي، او آلا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

نه رهي سا ڪيف و سرمستي، آ سرد محبت جي بستي
اڄ سي ۾ ناهي سا معنيٰ، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

اي ابر ِ ڪرم، تنهنجا سائل تو ڏانهن تڪيندي رهجي ويا
بدلي نه هوا، ڇائي نه گهٽا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

Gul Hayat Institute

ڪنهن ڪاڻ ٻڌي ڪنهن ڪاڻ ٻڌي، توڙي ويو عرش و فرش لڏي
ڪنهن جي دل مان نڪتي هه صدا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

هيءَ دنيا آهه سراءِ پرين، آيامي پل جي لاءِ پرين
هر چيز هتان جيي پيار سوا گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

جيڪا ٻه گهڙي تو سان گذري، آ ياد انهيءَ جي پيار ڀري
مان ڪيئن چوان منهنجا پيارا گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

اي دوست، بهار وري گل ڪيا، جهڙ ڇانيا، پيمانا ڇلڪيا
هوءَ بادِ خزان ٻه رهي نه سدا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

ڏک گهوري سون سُک ورتا هان ڪنهن پياري جا جڳ ساري جا
پڇ ئي نه "اياز" اِهي ڏکڙا، گذري ٻه وئي گذري ٻه وئي

Gul Hayat Institute

(٢٢)

شبِ تاريڪ کان تاريڪتر آ زندگي منهنجي
ڪٿي آهين اڙي او روشني، او روشني منهنجي!

صدين کان روح آ ڀٽڪيو پئي تنهنجي تمنا ۾
الائي ختم ٿيندي يا نه هيءَ آوارگي منهنجي

اِئين ڇو دور ٿو مجبور آهيون گرچه، ڄاڻون ٿا
ته مان هان زندگي تنهنجي ۽ تون آن زندگي منهنجي

سوين فانوس دنيا ۾ جلايا ويا وسايا ويا
اها ئي روشني منهنجي، اها ئي تيرگي منهنجي

خدا معلوم تنهنجي آستان تي ڪير ٿو پهچي
مگر دير و حرم جي ڏَس نه ڪئي ڪا رهبري منهنجي

”اياز“ اڄ آسمان ۾ ڪونجڙين جي قافلن کي ڇو
سڪوتِ شام ۾ ڏسندي رهي بيچارگي منهنجي

Gul Hayat Institute

(٢٣)

محبت جا اوھان کان راز، جي ھردم ڇپايا سي
ڪيا تي شعر ۾ ظاهر سچي جڳ لاءِ ڳايا سي

ٽڙيا سي دامن صحرا تي، خوشبوئي اجائي وئي
خدا معلوم ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نہ ڇايا سي

ازل کان ڪائي جهوڪ عشق ۾ ئي ڇوليون هئي، جنهن ۾
ڪئي سي ڪشتيءَ دل ڇوڙ، لڙهندا پار آيا سي

ڪڏھن ايندءَ اُداسي، جو اکيون آسائتيون ڏسنديون
اوھان جي ياد سان ھي سرد آکيرا وسايا سي

خدا معلوم ھن کي جستجو ڪنهن چيز جي آهي
نہ آيو چين ڪو دل کي سوين حيلا هلايا سي

مليو اهڙو نہ ڪوئي همسفر جيڪو ٻڌائي ها
وڃون ڪيڏانهن ٿا بي خود، ھتي ڇا لاءِ آيا سي

محبت ھئي، تمنا ھئي، جواني ھئي، حياتي ھئي
"اياز" احساس ڪنهن بيحس حسين تي ڇو وڃايا سي

Gul Hayat Institute

(٢٥)

نہ ماهتاب، نہ هو آفتاب آ، سائين!
مگر ”اياز“ ڪيو انتخاب آ، سائين!

اسان جي روح ۾ جنهن جي نفيس خوشبو آ
اهو بدن ته مثالِ گلاب آ، سائين!

اسان سوال ڪيو هو خدا ته آهي ڇا؟
اوهان جو حسن انهيءَ جو جواب آ، سائين!

اوهان جو شوق ته بجا نغمۂ مسرّت لئيءَ
اسان جي دل تہ شڪستہ رباب آ، سائين!

اهو ”اياز“ وڏو بي حجاب آ، جنهن هٿان
رخِ حيات ڪيو بي نقاب آ، سائين!

Gul Hayat Institute

(٢٦)

مان نه نڪتو هوس، ڪنهن محتاج پاڙايو هيو
ڪنهن چيو ٿي، ڪلهه سندءِ در تي خدا آيو هيو

بارها مون هن سفر ۾ راهه بدلائي هئي
بارها هر رهنما ڪان جيءَ گهبرايو هيو

اي خوشي، تون زندگيءَ ۾ ڪيترو اڻ لڀ هئينءَ!
مون نه سارو وقت غم سان جيءَ بهلايو هيو

زندگي آ جستجو ۽ جستجو آ زندگي
جي نه پاتي مون پرينءَ کي پوءِ پڇتايو هيو

ڇانو ڪڪريءَ جي هئي ڪن پل خوشي پنهنجي "اياز"
هاءِ ترسايو هيو جنهن، پر نه برسايو هيو

Gul Hayat Institute

(٢٧)

اسان سمجهيو تہ وندرايون پيا ٿا روح کي ڪن پل
نہ ايندو چين هيئن تو بن، هُئي اهڙي نہ ڪنهن کي ڪـَل

ڪٿي آيون وري هو ياد ڪنهن گذري محبت جي،
اوهان جي پار جون هيرون، اوهان جي ديس جا بادل

اسان کي ڪا شڪايت ناهہ تنهنجي بيوفائيءَ جي
مٺا سائين! مٺا سائين! تون سڏڪا روڪ، ڪوڙها جهل

بهار بي خزان آهي اوهان جي حسن جي دنيا
حياتِ جاودان آهي اسان جي عشق جو پل پل

Gul Hayat Institute

(٢٨)

نئين تمنا، نئون ترانو، نئون چمن لاءِ آشيانو
نه هو قفس آ نه آب دائو، آڏام ساڪيو نه آ زمانو

ازل ابد سمجهه ۾ نه ايندو، نه سمجهبو آهه ڇا زمانو
اڃو نه بدلائجي زمانو، اڃو جوانو، اڃو جوانو

هتي سوين رند روز آيا، نوان نوان دور جن هلايا
نه آهه قدرت ڪڏهن به خالي، ڪليو پيو آ شراب خانو

صديون جهلڪ لئِ جهڪي ڪيا تو هزار سجدا، نه سمجهندين تون
نگار ڪان بي نياز آهي، ائين هلي ٿو نگارخانو

”اياز“ ڪنهن جي سرود سان رات روح ۾ تازگي اچي وئي
ٿيو فلڪ تي وري ستارن جو جهومندو قافلو روانو

Gul Hayat Institute

(٢٩)

قيدِ هستيءَ کي ڪيئن ڏاهيان سان
مارنيءَ جي پڪارِ آهيان سان

اڄ تہ ٽڪجي پيو هان، ڇو ڪيسين
زندگانيءَ جو ڳاهه ڳاهيان سان

ڪنهن گلِ نوبهارِ سان گڏجي
آشيانو الڳ ٺبو ٺاهيان سان

زندگي ٿي وڃي آ مٺڙو گيت
ڪنهن ڪنول سان پيو نباهيان سان

عمر گذري وئي "اياز" آلا !
مون نہ چاتو تہ نيٺ چاهيان سان

Gul Hayat Institute

(۳۰)

دنيا خيالِ دوست تمنائي سگهي، ته ڪيئن
هيءَ تشنگي سراب بجهائي سگهي، ته ڪيئن

جاڳي ڏٺم ته خواب هيون سڀ حقيقتون
ڪو خواب جو خيال مٽائي سگهي، ته ڪيئن

ساحل تي جيڪڏهن نه آها دلڪشي رهي
ڪو ڪشتيءِ شڪسته هلائي سگهي، ته ڪيئن

هي مسئلو نئون ته نه آ منهنجي روشني!
يعني چڪور چنڊ کي پائي سگهي ته ڪيئن

دل تي نه چار صورتون آڪري ويون "اياز"
طوفانِ وقت تن کي مٽائي سگهي، ته ڪيئن

Gul Hayat Institute

(٣١)

بي ڪيف آ فضاي گلستان، ڪڏهن ته آءُ
اي موسمِ بهارِ گريزان، ڪڏهن ته آءُ

تولاءِ ڪالهه رات ڏنو جامِ شَي پيام
نايابِ آهي راحتِ انسان، ڪڏهن ته آءُ

چوطرف آشيان جي، گهٽائن جو آ هجوم
تنها ڦري ٿي رحمتِ يزدان، ڪڏهن ته آءُ

آئينہ خانو آهه جهان تنهنجو، تون ڪٿي!
تو لَيءِ تڪي ٿي ديدهٔ حيران، ڪڏهن ته آءُ

پنڪي پيو "اياز" سرابِ حيات ۾
اي دوست، مثلِ چشمهٔ حيوان، ڪڏهن ته آءُ

Gul Hayat Institute

(٣٢)

ايندي آ ياد صورتِ جانان ڪڏهن ڪڏهن
ٿيندي آ منهنجي دل به گلستان ڪڏهن ڪڏهن

هن ڪشتيءِ شڪسته کي ارمان سان ڏسي
ايندو آ ياد منظرِ طوفان ڪڏهن ڪڏهن

من ٿي منجهي پيو آ غمِ روزگار ۾
چوڙي ته آءِ زلفِ پريشان ڪڏهن ڪڏهن

Gul Hayat Institute

(۳۳)

مشل ڀري بهار آئي آ
جنهن بنا زندگي اجائي آ

تنهنجي اکڙين جو سڀ وسائي آ
مست و بيخود سڄي خدائي آ

هر ستاري ۾ ساه اٽڪيو آ
اڄ به ڪاٽي شب جدائي آ

رات پر آ ”اياز“ چنڊ چڪور
سو به جي رات ڪا سهائي آ

Gul Hayat Institute

(٣٤)

بيابان تي چو سوين ماه و انجم
تجلّيون لٽائي ويا، ڪير سمجهي

سوين خاڪ ۾ لال و گل چپي ويا
صبا کي لٽوائي ويا، ڪير سمجهي

مسافر سوين ڪاروان عدم جا
ڪٿي سڀ آلائي ويا، ڪير سمجهي

پرين جو نگاهون جهڪائي هليا ويا
آلا روح کهائي ويا، ڪير سمجهي

حيات گريزان سراب مسلسل
ازل کان آچائي ويا، ڪير سمجهي

اچي ننڊ ۾ هو نمائي نظر سان
سٽن کي ستائي ويا، ڪير سمجهي

ملائي ويا روح ۾ شهد شيرين
ميٺيءَ سان مچائي ويا، ڪير سمجهي

سوين لعل و گوهر گداگر اوهان جي
لبن مان لڪائي ويا، ڪير سمجهي

Gul Hayat Institute

نصيحت ڪري ٿي هاءِ نادان ناصح
ڏکين کي ڏکائي ويا، ڪير سمجهي

تغافل- شعارَ اڄ نگاهِ ڪرم سان
"اياز" آزمائي ويا، ڪير سمجهي

(۳۵)

ڪجهه راهرو نڪري ويا هر ڪاروان پٺ تي ڇڏي
منهن تي مٽي، گل جهول ۾، پهتا پرينءَ جي پار ڏي

تون ننڊ ۾ تنهنجي جاڳ ۾، تنهنجي لڳن ۾ من مگن
هر رات توڏي ٿي رڙي، هر صبح توکي ٿو سڏي

هي يادگيريون يار جون، هن ساهه جي سينگار جون
ڄڻ ويا سوين تارا ڪتيون ٽڪرا لڳا منهنجي تڏي

هي جام آ منهنجو خيال، خام آ بدنام آ
جڳ جڳ جيئين، جي تون پيئين، ٽڪ ڏيک ڇڏي توکي اڏي

Gul Hayat Institute

(۳٦)

ساوڻ آيو وڻ وڻ تي آ ساوڪ ۽ سرهائي
من جي مکڙي جو مرجهائڻ وري نه ٿي سا ساهائي

هي خاموشي، سرد هوا، ٿي تير ڪيئي تنهائي
من جا گهاو پيا اڄ اٻکي، ياد اوهان جي آئي

ڪنهن ڪنهن ان ۾ پاتو آهي تنهنجي ٻن چپن جو موتي،
سمنڊ کان گهري آهي تنهنجي اکڙين جي گهرائي

ڪن جون اکڙيون سڪيون سڪيون جڻ پينوءَ جو پاند،
تنهنجون اکڙيون مئي جا پيالا، سخا ڪرن سرهائي

ڪنهڙاتيون ڪوهيندا، هڪبئي کي به ڏسن ٿا، پو پئي
مچ مٿان چو آهه پتنگن ايڏي پيڙ لڳائي!

رات اسان جي روح ۾ ڪوئي راڳ ازل کان آيو
آڳ آلا هو سارو تن من، ڳالهه اوهان جي ڳائي

رات اسان جي ذات ڏسين ها، پرجهي پاڻ چوين ها
گيت جي هر هڪ پول ۾ ڪٿي هيءَ جڳ سندرتا آئي

هيل "اياز" سجڻ کي ساريو سي ساري ساوڻ ۾
مينهن اسان لئيءَ نينهن نه آندو، منڙي ناتهه نپائي

Gul Hayat Institute

(٣٧)

تنهنجي من ۾ منهنجو ڏيرو، منهنجي ۾ تنهنجو آکيرو
تون منهنجي آن توڙي آجلي، مان تنهنجو هان توڙي ميرو

رات گذاريون روئي روئي، هتي نه آهي پنهنجو ڪوئي
ڪڏهن پرين پرديسي منهنجا، ٿيندو آخر صبح سويرو

راڳ ۾ ڪنهن هي آڳ ٻري آ، ساري جڳ جي جاڳ ٻري آ
جيئون لڳيون چرڪڻ جوڙ من ۾، جلڻ لڳو جو آهي جيرو

نند ۾ سڀ مئي جا متوالا، ڇهه سڀ پياسا جيهون پيالا
سرت سمجهه سان ميخاني ۾، آيو آهي ڪير اويرو

رات اسان رابيل سنگهي مي، هن جي تن مان پيت ڪئي مي
رنگ روپ ۾، وڻن وان ۾، منڙو يارُ "اياز" مٺيرو

Gul Hayat Institute

(٣٨)

تون جلوي تي جلوو آن، مان جذبي تي جذبو هان
ڏاڍي نہ ڪڍهن تو مان هيءَ چشم تماشائي

جڏهن منهنجي سڄي هستي مُرڪي آئي لحظي لئي
او ياد سندءِ آئي، او ياد سندءِ آئي!

مان ديس ۾ پرديسي، مان مات سان بي سائي
اي دوست، نہ پڇ منهنجي هن وقت اڪيلائي

هن ساز ۾ او سائين سڀ گيت هيا ليڪن
ڪٿ آن جا پڏڻ وارا؟ ڇاتي وڃي شهنائي!

ڇا دوز رکي سگهندي ديوار سياست جي؟
مان تنهنجو تمنائي، تون منهنجو تمنائي

ڪنهن راڳ لتاڙيا ٿي، چپ ڪيئن رهئين شاعر!
تو آگ نہ آلاپي، تو باه نہ ڀڙڪائي!

Gul Hayat Institute

(۳۹)

بي زبـاني زبان آ، پيـارا
درد جـو داستان آ، پيـارا

تون قريب آنهه، چانڊني رات آ
ڪهڙو پيارو جهان آ، پيارا!

تنهنجو بي ساخته تبسّم آ
نانءُ جنهن جو جهان آ، پيارا

زندگي حسن جي حڪايت آ
يا سنـدءِ داستـان آ، پيـارا

تون بتان جو بدر منور آن
سا زميـن آسمان آ، پيـارا

ڪوئي ڪنهن جو نه آهه دنيا ۾
ڪهڙو تنها جهان آ، پيارا!

تو اڳيان آ "اياز" ڪئن خاموش!
هو ته جـادو بيان آ، پيـارا

Gul Hayat Institute

(۳۰)

جيڪڏهن تنهنجن طلبڪارن مان آ
اجنبي هوندي ۽ چڱن يارن مان آ

پاڻ ڪان پيارو اسان پانهونس ٿا،
اي پرين! جي ڪو سنڌ؏ پيارن مان آ

هن زمين تي ڪوئي ڪوئي آدمي
چڱ ڪتين مان آهه يا تارن مان آ

جنهن محبت نام ڪئي، سو اي "اياز"
زندگاني؏ جي گنهگارن مان آ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

(٣٢)

مسلڪِ زندگي اجا تائين
ناهه سوداءِ خام کان بهتر

ڪنهن به انسان جو گدازِ دل
هر خدا جي ڪلام کان بهتر

آهه هڪڙي گهڙي محبت جي
زندگيءَ دوام کان بهتر

هن جهانِ خراب ۾ ڇا آ
ذوقِ مينا و جام کان بهتر!

ڪوئي شاعر اچا ته جانِ "اياز"
ناهه تنهنجي غلام کان بهتر

Gul Hayat Institute

(۴۳)

اسان جي دل اوهان جو حسن، جي ملندا ته ڇا ٿيندو
ڪٿي جنت ڪندا آباد پنهنجي ڪا، ته ڇا ٿيندو

جهان ِ نو ! اوهان جي زلف ِ برهم جا هي سودائي
جڏهن داورسن تي جهومندا ويندا ته ڇا ٿيندو

خوشيءَ جا راڳ ڳائيندا ٻه ڪيسين آشيان وارا !
قفس آه و فغان سان گونجندا رهندا ته ڇا ٿيندو

اسان جو عشق هائي شل ِ موج پرسڪون آهي
اگر آٿلي پيو هُو حسن جو دريا ته ڇا ٿيندو

جڏهن تون دور آهين، ايتري بي چين آهي دل
قريب آئين اگر تون اي پرين پيارا ته ڇا ٿيندو

اجايو زندگانيءَ پر سپون سونجهيون سي ساحل تي
نه ملندو جيڪڏهن هو گوهر ِ يڪتا ته ڇا ٿيندو

وطن تنهنجي تصوّر جو ”اياز“ آخر ڪٿي آهي
ڇٽي ڏينديں اگر پڇندا وطن وارا، ته ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

(٤٤)

ٻي خبر ناهه، پر مرڻ کان پوءِ
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون

جام و مينا رهي، رهي نہ رهي
منهنجي اکڙين جون ءَ ڏتون رهنديون

زندگي تلخ آ، هجي تہ هجي
روح ۾ سو ملاحتون رهنديون

سرحدِ غم قريب آ اي دوست
سات ڪيسين محبتون رهنديون

تنهنجي پهلوءَ ۾ ڪيستائين دوست
ابنِ آدم جون جنتون رهنديون

شاهه کان پوءِ اي "اياز" ٻڌاءِ
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون

Gul Hayat Institute

(٣٥)

فيض آ ڪنهن جي آشنائيءَ جو
زندگي سير آ سٺهائيءَ جو

ساري انسان ذات ڪان بهتر
ڪوئي محرم شب جدائيءَ جو

تو هلي ذڪر آسمانن ۾
آه جي عزم نارسائيءَ جو

چئن اکڙين ۾ برق چمڪي ڪا
ويو کلي راز آشنائيءَ جو

Gul Hayat Institute

(٣٦)

چا چوان آ ڪير مهمان، اي اديون
آ اڱڻ ۾ چنڊ موں سان، اي اديون

رات پر منهنجي ڪتولي تي، مٿان
چنڊ گهوريو ٿي عجب مان، اي اديون

نينهن آيو مينهن وانگر، هاءِ هاءِ
پيو ٻڙي دل جو گلستان، اي اديون

هاءِ مان هن کي ڏيان ڪهڙي ميار
ڪنهن نيايو ناهه ڪنهن سان، اي اديون

زندگي ڪاريون گهٽائون ٿي وئي
حال هن جو هو پريشان، اي اديون

حاصل صد زندگي آهي اگرچه
بي وفا آ عمر انسان، اي اديون

هي سڪوت شام ۽ هي ڪونجڙيون
هي اڪيلو روح انسان، اي اديون

سنڌ جو هي شاعر يڪتا "اياز"
آهه ڪنهن جي لِءِ غزل خوان، اي اديون

Gul Hayat Institute

(۴۷)

ها آءٌ گنهگار، گنهگار، گنهگار
مون پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار

تون نور به آن دور به آن، چنڊ به ناهين
سرهاڻ به آن ساڻ به آن، گل به نه آن يار

تون زلف لب بام وڇائين نه وڇائين
آ هي به غنيمت ته هجي سايهٔ ديوار

هي غنچه و گل، هي مه و انجم، هي مئي و جام
بس آهه گهڙيون چار، ميان آءٌ، اڪيون ڇار

پُر آهه مئيءِ حسن سان ميخانهٔ هستي
تون پيءُ سدا جيءُ، ڪڏهن ٿيءُ نه هشيار

ٿي ساهه ٿيو پاهه، ساڻ پور ڪئي مي
اي حسنِ ازل تنهنجا ته پرپور ها پندار!

معلوم نه آ منزلِ ادراڪ مسافر
جي پيار ڪري ڇانو، ذرا ويهه، گهڙي گهار

ساحل به نه گهرجي، ته سفينو به نه گهرجي
تون آءٌ اچي تار، اچي تار، اچي تار

هن ڪي ته ڇڏي ڏينس پيڻ لاءِ جيڻ لاءِ
هي شاعرِ آفاق "اياز" آهه، اڙي يار

Gul Hayat Institute

(٣٨)

اي اسيران شب ڏڏو سون کي
کنهن جي زلفن جو داستان هان مان

غم نہ ڪر هن جهانِ تيره ۾
چاندني! تنهنجو پاسبان هان مان

دامنِ تر تي وڃ نہ اي واعظ
چشمِ قطرت جو رازدان هان مان

گرچہ ڪک پن هان باغِ هستيءَ جو
پو بہ تنهنجو ئي آشيان هان مان

ڪنهن نئين آفتاب جو پيارا
هڪ شفق-رنگ داستان هان مان

ڪيئي ميخانا بي وڃو آهيان
تنهنجيءَ اکڙين جو امتحان هان مان

ائن سنڌ آرزو پنئي مهڪي
جڻ تہ مکڙين جي درميان هان مان

Gul Hayat Institute

(۳۹)

دلِ افسرده جون تمنّائون
هو سراپا بهار ڇا ڇاڻي !

جو گهٽائن جي روح تي گذريو
پندِ پرهيزگار ڇا ڄاڻي

تنهنجي قدمن جي بي نيازيءَ کي
سجدهٔ رهگذار ڇا ڄاڻي

آرزوي ثباتِ ساحل کي
موجهٔ بي ڪنار ڇا ڄاڻي

موجِ مَيءَ تي روان آ ڪشتيءِ عمر
حسنِ معصوم پار ڇا ڄاڻي

منزلِ زيست اشڪِ خونين آ
ڪاروانِ بهار ڇا ڄاڻي

خلشِ حسرتِ گناهه سندم
تنهنجو پروردگار ڇا ڄاڻي

Gul Hayat Institute

(٥٠)

ڪجھ بهارن ۾ گل چنا هامون
خلشِ نوڪِ خار باقي آ

ڪارروانن ڪي ڪير تو ڳولي!
ڏس ته ڪنهن جو غبار باقي آ!

تون ملي وئين اگرچه ڇهري تي
گردِ ليل و نهار باقي آ

توسان ڳڌجي ڪيليس پر اکڙين ۾
اشڪِ بي اختيار باقي آ

مدتون ٿي ويون اڃا تائين
بوءِ پهلوءِ يار باقي آ

اڄ هو راتيون ڪٿي "اياز" مگر
يادِ گيسوءِ يار باقي آ

Gul Hayat Institute

(٥١)

رنگ و بو جا غبار هوندا ها
همسفر جئن بهار هوندا ها

هاءِ سا رات جو سندءِ گيسو
ماهه ۾ مشڪبار هوندا ها

هاءِ سو صبح جو سندءِ عارض
قاصدانِ بهار هوندا ها

هاءِ ڪئن گردنِ محبت ۾
آرزوئن جا هار هوندا ها

اڄ انهن جي چپن تي آهي رک
جي ضميرِ شرار هوندا ها

تن تي افسردگي وسي ٿي "اياز"
جي خداي بهار هوندا ها

Gul Hayat Institute

(٥٢)

آرزوءَ سان نجات ڪا معلوم؟
زندگي تنهنجي ذات نا معلوم

گل ٽڙن ٿا ڇڏي وڃڻ جي لاءِ
مدّعاي صبا خدا معلوم

موجِ خواب تي روانِ آهيون
انتها آ نہ ابتدا معلوم

هيءَ لڳاتار جستجو ڇا لاءِ!
نيٺ ڇا آ نجات، نا معلوم

ڇڻ ابد تائين آ جلڻ ۽ جاڳ
خوابِ هستيءَ جي انتها معلوم

آئي ٿي ڪفر جي ڦڻي خوشبو
شعر ٿيا ٿي ”اياز“ جا معلوم

Gul Hayat Institute

(۵۴)

موج مئي ۾ تي روان دوان ڪوئي
آهه سهڻو سڄڻ اڃان ڪوئي

صحن منهنجي ۾ آهه چانڊوڪي
آيو آهي پريان پريان ڪوئي

ميڪده ۾ اچي مجسّم ٿيو
تنهنجي اکڙين جو داستان ڪوئي

بوي مئي سان غبار راهه پري
جهومندو آيو ڪاروان ڪوئي

هن زمين کان وڌيڪ سهڻو آ
زاهدا! ڏس ته آسمان ڪوئي

Gul Hayat Institute

(٥٣)

زندگيءَ جسي غمن تي چانو اگر
نہ ڪري تنهنجو غم، وڃان ڪيڏانهن

تنهنجي اکڙين جي زير سايہ هان
محو خواب عدم، وڃان ڪيڏانهن

منهنجا معبود! تون ڪٿي آهين؟
ڇڏي دير و حرم، وڃان ڪيڏانهن

مختصر آه ۾ اکر نہ ٿئي
داستان الم، وڃان ڪيڏانهن

نہ ڪيو قدر سنڌ هاءِ ”اياز“
خونچڪان آ قلم، وڃان ڪيڏانهن

Gul Hayat Institute

(٥٥)

تنهنجي اکڙين مان پيتي آ جنهن مئي
سو سدائين خمار ۾ آهي

تنهنجي مُکڙي مان جنهن چکيون مُرڪڙيون
سو هميشه بهار ۾ آهي

هاءِ تنهائي ! تنهنجو وهم حسين
چرچ ته ڪوئي ڪنار ۾ آهي

سو مزو گلشن جهان ۾ ڪٿي
جو دل داغدار ۾ آهي

ڪيتري سادگي ۽ محجوبي
هن تغافل شعار ۾ آهي

Gul Hayat Institute

(٥٦)

نہ ڇڏيندو انيءَ غمِ دوران
هو صراحي ڀري، ڪٿي آهي

اڄ تہ ڪائي خلش نہ آ دل ۾
ناوڪِ دلبري ڪٿي آهي

ياد جنهن جي اچي ٿي پل پل
ما خوشيءَ جي گهڙي ڪٿي آهي

آخر انسان جي منزلِ مقصود
اي خدا! اي خودي! ڪٿي آهي

ساحلِ آرزو ملي نہ ملي
هوءَ حسين موج ٻي ڪٿي آهي

Gul Hayat Institute

(٥٧)

رات جي وقت تنهنجي عرياني
پرتوِ ماهتاب آ گويا

اُن پري ٿو بهار ۾ هر گُل
ڏس ته تنهنجو شباب آ گويا

حسن تنهنجو اسان جي حيرت جو
هڪ مجسم جواب آ گويا

تنهنجي اکڙين مان تشنگي نه بجهي!
ساري دنيا سراب آ گويا!

شام جو لهندي سج جي پردي ۾
ڪوئي غرقِ شراب آ گويا

Gul Hayat Institute

(٥٨)

ڪنهن ڪنول کي چميو هيو سون رات
هڪ مٺو گيت ٿيي لڳي پرڀات

مشڪ بو ٿي ويو هو منهنجو صحن
تنهنجي زلفن ۾ ليٽي هئي هئي رات

ٻان ستارن جي سونهن کان وچڙي
ماڪ وانگر ڪِٺي ٻسر اوقات

هيءَ سرءَ جي اُداس چانڊوڪي
رات خاموش، جيءَ ۾ جـــذبات

ڪوئي غم مان قرار ناهه ”اياز“
جڻ محبت ۾ ٿي وئي آ مات

Gul Hayat Institute

(٥٩)

چنڊ ! تنهنجي ننڊ توکان ڪنهن کسي
چنڊ ! توکي گهاو ڪنهن جا گهائي ويا

رات اڌري روح منهنجي سان چڪور
ڳائي ڳائي چنڊ کي ريجهائي ويا

او ڪلين وارا ! پر تي مڪڙيون ته ڏينر
پاند سيئي تو وٽان مهڪائي ويا

هڪ گهڙيءَ ۾ اي پرين تنهنجا ڪنول
آگ ڪائي جي لڳن ۾ لائي ويا

راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نه ڪيو
اي پرهه ! تنهنجا ٻڪي سمجهائي ويا

Gul Hayat Institute

(٦٠)

زندگيءَ جي رُڃ ۾ زخمي هرڻ
ٿا پُڪارن، ڪو وڃي پاڻي ڀرڻ

ٿو وڃان ترهو تصوّر جو ڪٿي
اي ازل! سان ٽار تنهنجي ۾ ٽڙڻ

چنڊ مڪڙي ڳالهه ڪئي مون کي ڳجهي
سان تڏهن توتي ڪلان ٿو اي مَرڻ!

تند منهنجي چنڊ سان لاتون لهي
جهومندي نچندي لڳي واپس ورڻ

راڳ ڪائي آڳ ٻاري آ "اياز"
ڳائڻو جنهن ۾ لڳو ٻه ٻه ٻرڻ

Gul Hayat Institute

(٦١)

ايءِ صراحي ڀڪار، ڪوآهي؟
ميڪده هتن خموش ڇو آهي!

هن جهانِ وسيع و تنـها ۾
ڪجهه محبت جو آسرو آهي

ميڪدي جي اُداس سانجهيءَ ۾
ڪير ڇوندو پيئي ٻرو آهي!

هر تغزل ڀـري تمنّا جـو
لبِ محبوب قافيو آهـي

بهتر آهـي وسام شمعِ سحر
ختم ٿي رات، سوجهرو آهي

ڪاروانِ حيات ڪيءَ ترماءِ
هر مسافر ٿڪو ٽٽو آهـي

اڄ ۾ تنهنجي چپن جو آ ميٺاج
شعر شايد "اياز" جـو آهي

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

(٦٣)

ڪُنجِ ويران وُسعتِ آيام ۾
سايهٔ مهتاب پنهنجي جام ۾

مون شفق مان ٿي ڇڪيا سورج مُسڪي
هو جڏهن آيو نقابِ شام ۾

ڪنهن نہ چاتو، خوگرِ پرواز جي
عمر گذري آرزوي دام ۾

هاءِ سو پَل! ٿي ڏسي خود کي جڏهن
زندگي آئينهٔ انجام ۾

هي شفق ۾ آشيان، هي سرد واءُ
اڄ تہ آڏري آ سرءُ جي شام ۾

Gul Hayat Institute

ڪجهہ تہ هو، جو دارَ تي ڊوڙي ويس
زندگي گذري پيئي آرام ۾

شب پرستو! ننڊ مان جاڳو، اٿو
آفتاب آيو اسان جي جام ۾

شاعر سرمست آهيان، گرچ هان
سرمد و منصور عرف عام ۾

سو نہ 'رومي' ۾ نہ 'رازي' ۾ "اياز"
سون ڏٺو جو 'حافظ' ۽ 'خيام' ۾

(٦٣)

اکڙيون جو پل لاءِ پوريون سي ڪيئي پيارا ويجهو ها
وڇڙي ويا جي ورهين کان سي جيءُ جيارا ويجهو ها

پو بہ اسان جي روح نہ پاتو پنڪي پنڪي چين
تنهنجون اکڙيون مڌ جون پياليون ڪيئي سهارا ويجهو ها

ڪيئن چوان ڇا لاءِ چکن ٿيون لهريون ۽ لس ليٽ
پوءِ بہ اونهي سان نڪياسي گرچ ڪنارا ويجهو ها

ڪيئن چوان او ڪيئن چوان ڇا لاءِ نلياسي ٿانئن تي
جيءُ اسان جي ۾ هئي جهرمر چنڊ ستارا ويجهو ها

دور ويا مجبور هيا، ويا سپرين پنهنجو ساٿ ڇڏي
پو بہ "اياز" اسان جي دل کي هو دل وارا ويجهو ها

Gul Hayat Institute

(٦٦)

زندگي گذري تلاشِ يار ۾
ڪوچه گرديءَ ۾، صدا ۾، سار ۾

روز و شب جن ٿيي رهي ساغر بدست
ڪائي صورت ديدهٔ خونبار ۾

ڏس ته، ٻوڪيندو رهيو آهيان گلاب
زندگي تنهنجي مسرّت زار ۾

چنڊ چاڍيو آهه، ويٺو آ ”اياز“
ميڪدي جي سايهٔ ديوار ۾

Gul Hayat Institute

١١٤. رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون) نورالهدیٰ شاهه -/٣٠

١١٥. انقلابي ماءُ (سوانح حيات) مترجم: آزاد قاضي -/٢٥

١١٦. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون شيخ اياز -/٤٥

Gul Hayat Institute

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ





اياز سنڌي ادب جي هڪ نرالي ۽ منفرد شخصيت آهي، قدرت کيس جنهن لافاني ذات سان نوازيو آهي اُها هن لاءِ ڪيترن ئي ڏکين مرحلن مان لنگهڻ جو ڪارڻ پئي بڻي آهي، پوءِ به هن ادب جي راهن ۾ سدائين ثابت قدم رهندي، لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ادب جي هر دور سان نباهڻ لاءِ وٽس جذبو ۽ جستجو آهي.... وقت ۽ دور ڪتابن ۾ قيد رهجي ويندا آهن پر اياز جا لکيل ڪتاب، وقت جي هر لمحي سان گڏ ڙوڪ وڌائيندا هر دور ۾ نواڻ ۽ تازگيءَ جي احساس سان ذهنن کي مالا مال ڪندا رهن ٿا. ائين لڳندو آهي ته ماضي، حال ۽ مستقبل جون سڀئي ڪڙيون سندس ذي مُٺ ۾ هجن، جنهن جي گرفت ڪڏهن به ڍري ناهي پوئي.

Gul Hayat Institute